REG NO. 3833
ABC Certified
روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
سڪر
www.dailysindhyar.com
sindhyarskr@gmail.com
(جلد 02) اربع 21 فيبروري 2024 ع بمطابق 10 شعبان المعظم 1445 ھ (قيمت 10 روپيا) شمارو: 267

چيف جسٽس قاضي فائز عيسيٰ جي سربراهي ۾ 9 رڪني لارجر بينچ پاران ريفرنس جي ٻڌڻي، پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري به عدالت پهتو اڳوڻو جج اسد الله چمڪڻي به عدالتي مددگار طور پيش ٿيو

شهيد ڀٽو ريفرنس: اصل سوال آهي ته طريقيڪار درست اختيار ڪيو ويو يا نه؟ سپريم ڪورٽ

سپريم ڪورٽ تميز الدين خان ڪيس ۾ نظرثاني ڪئي (مخدوم علي خان) ان ڪيس ۾ اصل سوال اهو آهي ته عدالتي ڪارروائي ۾ طريقيڪار درست اختيار ڪيو ويو يا نه؟: جسٽس منصور علي شاهه

اسان جو ٻڌڻي جو اختيار واضح آهي، 2 پيرا نظرثاني نٿي ٿي سگهي، اسان هن ڪيس ۾ لڪير ڪيئن ڇڪي سگهون ٿا؟ ڇا هن ڪيس ۾ تعصب جو سوال آهي يا غلط فيصلو ڪرڻ کي تسليم ڪرڻ آهي؟: چيف جسٽس

هڪ جج انٽرويو ۾ چيو ته مٿس دٻاءُ هو (عدالتي مددگار) هن اهو نه چيو ته مان تعصب جو شڪار هيس، هڪ شخص چئي سگهي ٿو ته ڪو تعصب جو شڪار آهي پر ٿي سگهي ٿو ته ٻيو اها راءِ نه رکي: جسٽس قاضي فائز عيسيٰ

تعصب کي ثابت ڪرڻ تقريبن ناممڪن آهي (مخدوم علي خان) اسان جي سامهون اهو معاملو تعصب جو آهي يا اڳوڻي جج جي اعتراف جو؟ (چيف جسٽس) جج جي انٽرويو جو حصو تعصب جو اعتراف هو: مخدوم علي خان

ان کي تعصب جو اعتراف چئبو يا غلطيءَ جو اعتراف؟ (چيف جسٽس) انٽرويو ۾ دٻاءُ جو ذڪر ڪيو ويو ته مٿس دٻاءُ هو (مخدوم علي خان) ٻڌڻي ملتوي ڪئي وئي

اسلام آباد (م ر) اڳوڻي وزيراعظم ذوالفقار علي ڀٽو جي ڦاهي خلاف صدارتي ريفرنس جي سپريم ڪورٽ ۾ ٻڌڻي ٿي جنهن دوران جسٽس قاضي فائز عيسيٰ ريمارڪس ڏنا ته اسان جو اصل ڌيان آئيني رخ ڏانهن آهي. چيف جسٽس آف پاڪستان جسٽس قاضي فائز عيسيٰ جي سربراهي ۾ جسٽس سردار طارق مسعود، جسٽس سيد منصور علي شاهه، جسٽس يحيٰ آفريدي، جسٽس امين الدين خان. /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

جي ڊي اي پاران موري ۾ زبردست عوامي طاقت جو مظاهرو، اليڪشن ۾ ڌانڌلين خلاف ڌرڻي ۽ جلسي ۾ هزارين عورتن جي به شرڪت

پ پ کي ڌانڌلي ذريعي ڪامياب ڪرايو ويو، اهي ووٽن تي نوٽن تي کٽي آيا آهن: جي ڊي اي

غريب وٽ ڪجهه ناهي سواءِ ووٽ جي، ان تي به اوهان ڌاڙو هنيو اهو اوهان کي هضم ڪرڻ نه ڏينداسين، اسان ئي عوام جا چونڊيل آهيون جن جي ووٽ تي اوهان ڌاڙو هنيو آهي: پير صدر الدين شاهه راشدي

هيءَ ميگا رگنگ جو ڪيس آهي، ان ڪري ان تي سپريم ڪورٽ کان مطالبو ڪيون ٿا ته ان تي ميگا ڪميٽي جوڙي وڃي، عوام کي خبر پئجي وئي آهي ته سندن ووٽ نوٽن ڏانهن ويو آهي

عوام جو مان شڪرگذار آهيان جن مخالفن جي ڪوڙي ايف آءِ آر تي روڊن تي اچي ثابت ڪيو ته عوام ڇا آهي، عوام اسان سان گڏ آهي، پ پ کي ڌانڌلي ذريعي ڪامياب ڪرايو ويو: غلام مرتضيٰ خان جتوئي

مان بلاول ڀٽو زرداري کي 50 هزار ووٽن تان هارائي چڪو آهيان، رات دير ۾ جن نتيجا تبديل ڪرايا اهي به نظر ۾ آهن، جن جا پيرا پنوعاقل وڃن ٿا، اسان وٽ سڀ ثبوت آهن: راشد محمود سومرو

ڪنهن به حالت ۾ جعلي مئنڊيٽ کي تسليم نه ڪنداسين عوام کي سندن حق ڏيارڻ لاءِ جدوجهد جاري رکنداسين ۽ اسيمبلي هلڻ نه ڏينداسين: اياز لطيف پليجو ۽ ٻين جو خطاب

نوشهرو فيروز (د ر) جي ڊي اي پاران موري ۾ زبردست عوامي طاقت جو مظاهرو، اليڪشن ۾ ڌانڌلين خلاف ڌرڻي ۽ جلسي ۾ هزارين عورتن جي به شرڪت، رپورٽ مرحب گرينڊ ڊيموڪريٽڪ الائنس پاران موري پريس نيشنل هاءِ وي روڊ سڌوجا تي اليڪشن ۾ ڌانڌلين ۽ نتيجا تبديل ڪرڻ خلاف وڏو پاور شو ڪيو ويو احتجاجي ڌرڻي ۽ جلسي سبب قومي شاهراهه جي ٻنهي پاسن کان هزارين گاڏيون بيهجي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 33

نوشهروفيروز: جي ڊي اي اڳواڻ خطاب ڪري رهيا آهن

ثبوت ڏيندڙن کي ماريو ويندو، عوام جي راءِ جو احترام ڪيو وڃي: عمران خان

پارٽي کي ختم ڪرڻ، بيٽ جو نشان واپس وٺڻ، چونڊ جلسن جي اجازت نه ڏيڻ مدر آف آل ريگنگ هئي

مدر آف آل سليڪشن اها هئي ته ڪرمنلز جا ڪيس ختم ڪري پي ٽي آءِ باني تي وڌا ويا ۽ 32 سالن جي سزا ڏني

دنيا سامهون وڏيڪ تماشو نه بڻايو، جنهن جو مينڊيٽ آهي ان کي ڏئي عوام جي راءِ جو احترام ڪيو وڃي

اسلام آباد (م ر) پي ٽي آءِ باني عمران خان چيو آهي ته مدر آف آل ريگنگ اها هئي ته پارٽي کي ختم ڪرڻ، بيٽ جو نشان واپس وٺڻ، چونڊ جلسن جي اجازت نه ڏيڻ، مدر آف آل ريگنگ بند ٿيڻ گهرجي. اهڙن خيالن جو اظهار هن پنهنجي پيغام /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

پي ٽي آءِ باني عمران خان

عدالت شير افضل خلاف ڪارروائي ۽ هيسائڻ کان روڪي ڇڏيو

احتجاج ڪيو ۽ ريلي ڪڍي، جنهن بعد گهر تي ڇاپو هنيو ويو: شير افضل مروت

رات جو هڪ وڳي منهنجي گهر جو دروازو ٽوڙي هيسايو ويو

اسلام آباد (م ر) اسلام آباد هاءِ ڪورٽ، پي ٽي آءِ اڳواڻ شير افضل مروت خلاف ڪارروائي نه ڪرڻ ۽ نه هيسائڻ جو حڪم ڏنو آهي. اسلام آباد هاءِ/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

جي ڊي اي جو ڪراچي ۾ احتجاجي جلسو ڪرڻ جو اعلان

اسان پنهنجي قيمتي ووٽن کي ضايع ٿيڻ نه ڏينداسين: صدر الدين شاهه راشدي

آخر تائين جي ڊي اي جي ساٿين سان گڏ هلندو رهندس، ملڪ کائيندڙن جو نيب احتساب ڪري

فارم 45 جي جاچ ڪئي وڃي، ڌانڌلي خلاف احتجاج جو حق رکون ٿا، 23 فيبروري تي ڪراچي ۾ جلسو ڪنداسين

موري (رپورٽر) ڊي جي اي عام چونڊن جي نتيجن خلاف 23 فيبروري تي ڪراچي ۾ جلسي جو اعلان ڪري ڇڏيو موري ۾ احتجاجي جلسي کي خطاب ڪندي پير صدر الدين شاهه راشدي چيو ته منشين ۽ انهن جي ٻارن کي پولنگ اسٽيشن تي لڳايو ويو چونڊن ۾ عوام جي قيمتي ووٽن تي ڌاڙو هنيو ويو هن چيو ته اليڪشن جي رات لاڳاپيل اسٽاف کي هٽايو ويو. اسان پنهنجي قيمتي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

اسان جي ڪاميابي جا نتيجا جاري نه ڪيا ويا ته آءِ ايم ايف پروگرام متاثر ٿيندو: بئرسٽر گوهر

راولپنڊي جي ڪمشنر ۽ سندس خاندان کي مڪمل سيڪيورٽي ڏني وڃي، چيف اليڪشن ڪمشنر فوري طور استعيفيٰ ڏئي

اسان اليڪشن ڪميشن کان مطالبو ڪندا رهياسين ته شفاف چونڊون ڪرايو پر اليڪشن ڪميشن پنهنجي ذميواري نڀائڻ ۾ ناڪام رهي

جيڪڏهن فارم 45 تحت نتيجا جاري نه ڪيا ويا ته ان سان آءِ ايم ايف پروگرام متاثر ٿيندو: صحافين سان ڳالهيون

راولپنڊي (م ر) پي ٽي آءِ اڳواڻ بئرسٽر گوهر چيو آهي ته راولپنڊي جي ڪمشنر ۽ سندس خاندان کي مڪمل سيڪيورٽي ڏني وڃي، ڌانڌلي ٿيڻ تي چيف اليڪشن ڪمشنر فوري طور استعيفيٰ ڏئي. پي ٽي آءِ باني سان جيل ۾ ملاقات /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

موسميات کاتي سنڌ ۽ بلوچستان
۾ 27 فيبروري تائين برسات جا
امڪان ظاهر ڪري ڇڏيا

ڪراچي (م ر) ڪراچي ۾ مغربي هوائن جي سسٽم تحت برسات جو امڪان ظاهر ڪيو ويو آهي. موسميات کاتي موجب مغربي هوائن جي داخل ٿيڻ کان پوءِ ڪراچي ۾ برسات پئجي سگهجي ٿي. موسميات کاتي اڳڪٿي ڪندي چيو آهي ته 25 فيبروري تي مغربي هوائن جو سلسلو بلوچستان ۾ داخل ٿي سگهي ٿو. مذڪوره /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

fer Internet Month:
piring Change
ch of
rding your Child in the
e- Guide for Caregivers
&
Analysis of
e Protection in Pakistan
2024

اسلام آباد: نگران وفاقي وزير عمر سيف تقريب کي خطاب ڪندي

پوليس کي زمينن تان قبضا ختم ڪرائڻ جو اختيار ناهي: آءِ جي سنڌ

آءِ جي چيمبر آف ڪامرس پهتو، رڳو تنقيد ڪرڻ درست ناهي، تنهن ڪري تنقيد سان گڏ مسئلو حل ڪيو وڃي: رفعت مختار

هڪ ڪميٽي جوڙي وڃي ۽ قائم ڪيل ڪميٽي زمينن تي قبضن جي ڪيسن جي هفتيوار بنيادن تي ٻڌڻي کي يقيني بڻائي

پوليس جي ضابطن ۾ ان جي ڪا گنجائش ناهي، قانون موجب ڊي سي نگران آهي، ڪارڪردگي بنا ڪو مسئلو حل نه ٿيندو

ڪراچي (م ر) آءِ جي سنڌ رفعت مختار چيو آهي ته پوليس کي زمينن تان قبضا ختم ڪرائڻ جو اختيار ناهي، هڪ ڪميٽي جوڙي معاملي کي ڏٺو وڃي. آءِ جي سنڌ رفعت مختار راجا فيڊريشن آف پاڪستان چيمبرز آف ڪامرس اينڊ انڊسٽريز (ايف پي سي سي) ڪلفٽن جو دورو ڪيو ان موقعي تي ايف پي سي سي آءِ جي سينيئر نائب صدر ثاقب نثار منگو ۽ ٻين آفيسرن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

ڪراچي ۾ 10 لک ماڻهو گڏ ڪري انهن کي حلف کڻڻ نه ڏينداسين: راشد محمود سومرو

حڪومت نه هلڻ ڏينداسين، تڪليف جو وقت ختم ٿيڻ وارو آهي، عوام جي مدد سان سنڌ کي ٻيهر باب الاسلام بڻائينداسين

پنهنجي ٽئي جي جلسي جا 3 هزار ماڻهو ۽ هتي لکين ماڻهو ڏسو، هاڻ ته پير سائين جا حُر اسيمبلي ۾ ايندا

تحريڪ تيستائين هلندي، جيستائين پنهنجو مينڊيٽ کسي نه وٺنداسين: جي ڊي اي جي جلسي کي خطاب

نوشهرو فيروز (م ر) جي يو آءِ سنڌ جي صدر مولانا راشد محمود سومري حلف کڻڻ واري ڏينهن ڪراچي ۾ 10 لک ماڻهو گڏ ڪرڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو نوشهري فيروز ۾ جي ڊي اي جي احتجاجي جلسي کي خطاب ڪندي راشد محمود سومري چيو ته اسان چورن کي پڇائي ملڪ کي بچائڻ چاهيون ٿا. 10 لک ماڻهن کي ڪراچي ۾ گڏ ڪري انهن کي حلف کڻڻ نه ڏينداسين. /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

پاڪستان اندر سائبر حملن ۾ 17 سيڪڙو واڌ ڏٺي وئي: سيڪيورٽي ڪمپني

سڄي سال ۾ پاڪستان تي ٿيندڙ 1 ڪروڙ 60 لک سائبر حملن کي ناڪام بڻايو

2022 ع جي ڀيٽ ۾ 2023 ع ۾ ملڪ ۾ گڏي طور تي سائبر خطرن جي انگ ۾ 17 سيڪڙو واڌ ٿي

ملڪ ۾ بئنڪنگ ميلويئر جي استعمال سان ٿيندڙ حملن ۾ 59 سيڪڙو واڌ ٿي آهي

ڪراچي (م ر) گلوبل سائبر سيڪيورٽي ڪمپني ڪيسپرسڪي انڪشاف ڪيو آهي ته سال 2023 ع ۾ پاڪستان جي اندر سائبر حملن ۾ 17 سيڪڙو واڌ ڏٺي وئي جڏهن ته ڪمپني سڄي سال ۾ پاڪستان تي ٿيندڙ 1 ڪروڙ 60 لک سائبر حملن کي ناڪام بڻايو. ڪيسپرسڪي پاران اسلام آباد ۾ رٿيل نائين سائبر سيڪيورٽي ڪانفرنس دوران ملڪ ۾ وڌندڙ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

برازيلين صدر جو بيان هولوڪاسٽ کي
معمولي بڻائڻ آهي، سندس بيان يهودين
تي حملو آهي: اسرائيلي وزيراعظم

برازيليا (م ر) برازيلي صدر جي غزا ۾ نسل ڪشي جي بيان کان پوءِ اسرائيل برازيل ڇڪتاڻ وڌي وئي. پرڏيهي خبرو اداري موجب برازيلي صدر لولا ڊي سلوا ايٿوپيا ۾ آفريقي يونين ڪانفرنس کي خطاب ڪندي غزا ۾ نسل ڪشي کي هولوڪاسٽ سان ڀيٽيو. هن چيو ته جيڪو ڪجهه غزا ۾ ٿئي پيو اهو ماضي ۾ ڪڏهن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

باغ: نگران وفاقي صلاحڪار جاويد سهراب ملڪ آفيس جو افتتاح ڪندي

ايم ڪيو ايم جو گورنرشپ تان هٿ کڻڻ کان انڪار

گورنر شپ ايم ڪيو ايم جو حق آهي، جنهن تان هٿ نه کڻنداسين: ايم ڪيو ايم

اسان ڪنهن ٻي جماعت جيان حڪومت سازي لاءِ بليڪ ميل نه ڪنداسين

ڪراچي (رپورٽر) ايم ڪيو ايم پاڪستان سنڌ ۾ گورنر شپ جي معاملي تي پنهنجو موقف واضح ڪري ڇڏيو ايم ڪيو ايم حڪومت سازي ۾ ن ليگ کي پنهنجي حمايت جي خاطري ڪرائيندي ٽي نڪاتي آئيني ترميم تي حمايت به گهري/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

ڊيرا اسماعيل خان ۾ آپريشن، هڪ دهشتگرد مارجي ويو

آپريشن دوران فورسز ۽ دهشتگردن ۾ فائرنگ جي ڏي وٺ ٿي: آءِ ايس پي آر

ٻين دهشتگردن جي خاتمي لاءِ علائقي ۾ ڪليئرنس آپريشن جاري آهي

راولپنڊي (م ر) سيڪيورٽي فورسز ڊيرا اسماعيل خان ۾ ڳجهي اطلاع تي آپريشن ڪندي هڪ دهشتگرد کي ماري ڇڏيو آءِ ايس پي آر موجب آپريشن دوران سيڪيورٽي فورسز ۽ دهشتگردن ۾ فائرنگ جي ڏي وٺ ٿي، جنهن ۾ دهشتگرد/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

ڪراچي: ٻارن جي ڳالهه تان جهيڙو، يوسي چيئرمين قتل، 6 زخمي

پٺاڻ آباد ۾ فائرنگ جي نتيجي ۾ صابر مگسي ڌڏي تي مارجي ويو

گولين لڳڻ سبب 6 ڄڻا زخمي ٿي پيا، هڪ جي حالت ڳڻتي جوڳي آهي

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي ۾ ٻارن جي معمولي ڳالهه تان ٻن ڌرين ۾ جهيڙي دوران يوسي چيئرمين مارجي ويو جڏهن ته ڇهه ڄڻا زخمي ٿي پيا /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

برطانوي شهزادي وليم پاران غزا ۾ جنگ بندي جو مطالبو

وچ اوڀر ۾ جاري تڪرار جي پوائٽي انساني قيمت تي شديد فڪرمند آهيان: شهزادو وليم

سڀني جيان ان جنگ جو جلد کان جلد خاتمو چاهيان ٿو، گهڻو اهم آهي ته غزا ۾ امداد پهچي

لندن (م ر) برطانوي شهزادي وليم غزا ۾ جنگ بندي جو مطالبو ڪري ڇڏيو. پرنس وليم هڪ بيان ۾ چيو آهي ته 7 آڪٽوبر کان پوءِ وچ اوڀر ۾ جاري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

WALPINDI CI
HE

اسلام آباد: صدر عارف علوي تقريب کي خطاب ڪندي

پاڪستان ۾ ايڪس (ٽوئيٽر) جي سروس متاثر

ايڪس جي سروس بحال ٿيڻ کان پوءِ ٻيهر متاثر ٿي وئي

سڄي پاڪستان ۾ تقريبن 3 ڏينهن کان پوءِ سماجي رابطن جي ويب سائيٽ ايڪس (اڳوڻي ٽوئيٽر) سروس بحالي کان پوءِ وري متاثر ٿي وئي. /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

190 ملين پائونڊ ڪيس: عمران
خان ۽ بشريٰ بي بي تي فرد جرم
لاڳو نه ٿي سگهيو

اسلام آباد (م ر) 190 ملين پائونڊ ڪيس ۾ عمران خان ۽ بشريٰ بي بي تي فرد جرم لاڳو ڪرڻ جي ڪارروائي هڪ دفعو ٻيهر ملتوي ڪئي وئي. احتساب عدالت اسلام آباد ۾ مقرر ٿيندڙ نئين جج ناصر جاويد رانا جي اڃان تائين چارج نه وٺڻ سبب پي ٽي آءِ باني عمران خان ۽ ان جي گهرواري بشريٰ بي بي جي خلاف 190 ملين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

سعودي عرب جي جيلن ۾ 12 هزار 156 پاڪستاني قيد هجڻ جو انڪشاف

پرڏيهي وزارت سينيٽ جي اسٽينڊنگ ڪميٽي جي اجلاس ۾ تفصيل پيش ڪري ڇڏيا

گڏيل عرب امارتن ۾ 5 هزار 292، عراق ۾ 519، بحرين ۾ 450 ۽ قطر ۾ 338 پاڪستاني قيد آهن

اسلام آباد (م ر) سينيٽ جي انساني حقن بابت اسٽينڊنگ ڪميٽي جي اجلاس ۾ 23 هزار 456 پاڪستانين جي پرڏيهي ملڪن جي جيلن ۾ قيد /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

ڪراچي: فليٽ ۾ گئس پريشر سان خوفناڪ ڌماڪو، 3 ڄڻا زخمي

پائيپ ۾ گئس ليڪ ٿي رهي هئي ۽ پرسان موبائل فون چارجنگ تي لڳل هئا: رپورٽ

پلگ مان اسپارڪنگ ٿي، جنهن سبب ڌماڪو ٿيو پرپاسي جي فليٽن کي به نقصان

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي جي علائقي ڪريم آباد ۾ هڪ فليٽ ۾ گئس پريشر سان زوردار ڌماڪي جي نتيجي ۾ 3 ڄڻا زخمي ٿي پيا ۽ پرپاسي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 31

ڪراچي: پوليس جي غفلت سبب هڪ ٻيو جوابدار سٽي ڪورٽ مان فرار

جوابدار شوڪت کي نيپيئر پوليس قتل جي الزام ۾ گرفتار ڪيو هو

ڪراچي (رپورٽر) پوليس جي غفلت جي هڪ ٻئي واقعي ۾ قتل جي الزام ۾ گرفتار جوابدار سٽي ڪورٽ ڪراچي مان آساني سان فرار ٿيڻ ۾ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 32

بلوچستان مان ڪامياب ٿيل 2 آزاد
صوبائي اسيمبلي ميمبرن جو (ن) ليگ
۾ شموليت جو اعلان

لاهور (م ر) بلوچستان مان ڪامياب ٿيل 2 آزاد صوبائي اسيمبلي ميمبرن مسلم ليگ (ن) ۾ شموليت جو اعلان ڪري ڇڏيو آهي. لاهور ۾ شهباز شريف سان بلوچستان اسيمبلي جي 2 نون چونڊيل آزاد صوبائي اسيمبلي ميمبرن ملاقات ڪئي ۽ پارٽي ۾ شموليت جو اعلان ڪيو. پارٽي جو صوبائي صدر جعفر خان مندوخيل/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

لاهور: نواز ليگ جي نائب صدر مريم نواز سان آزاد اميدوار ملاقات ڪندي

حڪومت سازي جا معاملا اڄ طئي ٿي ويندا: فيصل ڪريم ڪنڊي

نواز ليگ سان 16 مهينن جي اتحاد جو تجربو سٺو نه رهيو

پيپلز پارٽي جو منشور ان وقت لاڳو هوندو جڏهن وزيراعظم پارٽي مان هوندو

لاهور (م ر) پاڪستان پيپلز پارٽي جي ترجمان فيصل ڪريم ڪنڊي چيو آهي ته پارٽي جي سينٽرل ايگزيڪيوٽو ڪميٽي جو فيصلو آهي ته اسان حڪومت جو حصو نه بڻجنداسين. نجي چينل سان ڳالهيون ڪندي فيصل ڪريم ڪنڊي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

سنڌ هاءِ ڪورٽ جو سوشل ميڊيا ايپس تان فحش مواد هٽائڻ جو حڪم

فيملي وي لاڳنگ جي نالي تي فحاشي کي هٿي ڏني پئي وڃي: درخواستگذار

ڪجهه به ٿئي حڪمن تي مڪمل طور عملدرآمد ٿئي: سنڌ هاءِ ڪورٽ

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ سوشل ميڊيا تان فحش مواد فوري طور هٽائڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو. سنڌ هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس عقيل عباسي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

عوام کي بجلي جو هڪ ٻيو
جهٽڪو ڏيڻ جي تياري، وڏيڪ
مهانگي ٿيڻ جو امڪان

اسلام آباد (م ر) حڪومت طرفان عوام کي بجلي جو هڪ ٻيو جهٽڪو ڏيڻ جي تياري ڪئي پئي وڃي. قيمت ۾ وڏيڪ واڌ جو امڪان آهي. /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

سينيٽ ۾ چونڊن تي بحث جاري، ڇا ڪي پي ۾ امام ڪعبه چونڊون ڪرايون آهن: عرفان صديقي

بلوچستان جي ٻن وڏين پارٽين جي آشيرواد سان درگ لارڊ ۽ لينڊ گريبرز کي اسيمبلي تائين پهچايو ويو: طاهر بزنجو

ڇا عدليه کي حق هو ته هو پي ٽي آءِ کان نشان ڦري؟ ڇا اهڙي ڌانڌلي واري چونڊ جي نتيجي ۾ ملڪ ۾ استحڪام ايندو؟

اهي ڪوڙيون چونڊون هيون جنهن سان جعلي حڪومت ٺهندي، اليڪشن ڪميشن غداري ڪئي آهي: سينيٽر مشتاق

اسلام آباد (م ر) سينيٽر طاهر بزنجو ۽ سينيٽر مشتاق احمد چيف اليڪشن ڪمشنر تي ڪيس هلائڻ جو مطالبو ڪري ڇڏيو آهي. سينيٽ اجلاس ۾ خيالن جو اظهار ڪندي سينيٽر طاهر بزنجو چيو ته بلوچستان ۾ چونڊي چونڊي حقيقي عوامي نمائندن کي شڪست ڏني وئي. صوبي جي ٻن وڏين پارٽين جي آشيرواد سان برگ لارڊ ۽ لينڊ گريبرز کي اسيمبلي تائين پهچايو ويو. هن سوال اٿاريو ته ڇا عدليه کي حق هو ته هو پي ٽي آءِ کان نشان ڦري؟ ڇا اهڙي ڌانڌلي واري چونڊ جي نتيجي ۾ ملڪ ۾ استحڪام ايندو؟ طاهر بزنجو مطالبو ڪيو ته چيف اليڪشن ڪمشنر کي گرفتار ڪري آئين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

اسلام آباد: سينيٽر عرفان صديقي ايوان ۾ ڳالهائي رهيو آهي

قومي اسيمبلي جو اجلاس گهرائڻ ۾ ڪو تعطل يا ڊيڊ لاڪ نه آهي: مرتضيٰ سولنگي

ڪنهن وٽ سادي اڪثريت نه آهي، پارٽين جي وچ ۾ ڳالهيون هلي رهيون آهن، آئين ۾ هر صورتحال مان نڪرڻ جو رستو موجود آهي

فرض ڪريو ته سياسي پارٽين جي وچ ۾ ڪنهن قسم جو اتفاق راءِ پيدا نٿو ٿئي ته آئين ۾ ان جو رستو موجود آهي

اهي ماڻهو جيڪي مختلف طرح سان ماڻهن جي خدمت ڪن ٿا، انهن جي لاءِ آواز بلند ڪرڻ گهرجي

اسلام آباد (م ر) اطلاعات، نشريات ۽ پارلياماني معاملن واري نگران وفاقي وزير مرتضيٰ سولنگي چيو آهي ته قومي اسيمبلي جو اجلاس گهرائڻ ۾ ڪو تعطل يا ڊيڊ لاڪ نه آهي. آئين تحت چونڊن کانپوءِ قومي اسيمبلي جو اجلاس 29 فيبروري تائين گهرائي سگهجي ٿو. ڪنهن پارٽي وٽ سادي اڪثريت نه آهي، سياسي پارٽين جي وچ ۾ ڳالهيون هلي رهيون آهن. /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن ۾ پيپر آئوٽ ٿيڻ سبب امتحان ملتوي، اميدوارن جو احتجاجي مظاهرو

سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن ۾ سينيئر اسڪول ٽيچر جي ڀرتي لاءِ پيپر آئوٽ ٿيڻ سبب امتحان ملتوي ڪيو ويو

حيدرآباد ۾ اميدوارن پاران ٿڌي سڙڪ روڊ تي ڌرڻو هنيو ويو، لاڙڪاڻي ۾ به پيپر آئوٽ ٿيڻ خلاف اميدوارن جو احتجاج

ميرٽ جو قتل عام ٿي رهيو آهي، غلط پيپر ملڻ جي شڪايت تي انتظاميا پيپر ئي ملتوي ڪري ڇڏيو: اميدوار

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي مختلف شهرن ۾ سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن ۾ سينيئر اسڪول ٽيچر جي ڀرتي لاءِ پيپر آئوٽ ٿيڻ ۽ امتحان ملتوي ٿيڻ خلاف اميدوارن پاران احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو. حيدرآباد ۾ سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن ۾ سينيئر/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

عليم خان جو قومي اسيمبلي جي سيٽ
تي ڪاميابي جو نوٽيفڪيشن اسلام
آباد هاءِ ڪورٽ ۾ چيلينج

اسلام آباد (م ر) آءِ پي پي جي عليم خان جي قومي اسيمبلي جي سيٽ تي ڪاميابي جو نوٽيفڪيشن اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ۾ چيلينج ڪيو ويو آهي. پاڪستان تحريڪ انصاف جي حمايت يافته آزاد اميدوار ايڊووڪيٽ علي اعجاز بٽر طرفان استحڪام پاڪستان پارٽي جي عبدالعليم خان جي قومي اسيمبلي جي ٽڪ اين اي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

PAKISTAN MINERAL DEVELOPMENT CORPORATION

اسلام آباد: نگران وزيراعظم انوار الحق ڪاڪڙ تقريب کي خطاب ڪندي

سپريم ڪورٽ سياستدانن جي تاحيات نااهلي بابت ڪيس جو تفصيلي فيصلو جاري ڪري ڇڏيو

سپريم ڪورٽ تاحيات نااهلي جي ڊڪليئريشن ڏئي آئين تبديل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي: تفصيلي فيصلو

تاحيات نااهلي چونڊ وڙهڻ ۽ عوام جي ووٽ جي حق جي ابتڙ آهي، ڪو به قانون واضح نٿو ڪري ته نااهلي جو طريقيڪار ڪهڙو هوندو

نااهلي تيستائين برقرار رهي ٿي جيستائين ڪورٽ آف لا جي ڊڪليئريشن موجود هجي: جسٽس يحيٰ آفريدي جو نوٽ

اسلام آباد (م ر) سپريم ڪورٽ سياستدانن جي تاحيات نااهلي ڪيس جو تفصيلي فيصلو جاري ڪندي چيو آهي ته سياستدانن جي تاحيات نااهلي جو سپريم ڪورٽ جو فيصلو ختم ڪيو وڃي ٿو چيف جسٽس، جسٽس قاضي فائز عيسيٰ 53 صفحن تي ٻڌل فيصلو لکيو. جسٽس يحيٰ آفريدي جو اختلافي نوٽ ۽ جسٽس منصور علي شاهه جو اضافي نوٽ به شامل/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

اسلام آباد جي ڊپٽي ڪمشنر جا ضمانت نه ٿيڻ جوڳا گرفتاري وارنٽ جاري

ٿري ايم پي او آرڊر جي معاملي تي توهين عدالت ڪيس جي جسٽس بابر ستار ڪئي

ڊپٽي ڪمشنر اسلام آباد هاءِ ڪورٽ مان عمرو ادا ڪرڻ جي اجازت گهري هئي: وڪيل

هو عدالت کي آگاهه ڪرڻ کان سواءِ ڪيئن روانو ٿي ويو؟ هن وقت اهو ڪٿي آهي؟: عدالت

اسلام آباد (م ر) اسلام آباد هاءِ ڪورٽ شهريار آفريدي جي خلاف ٿري ايم پي او معاملي تي ڊپٽي ڪمشنر جي گرفتاري جا حڪم جاري ڪري ڇڏيا آهن. اسلام آباد هاءِ ڪورٽ حڪم ڏنو آهي ته اسلام آباد جو ڊپٽي ڪمشنر جتي به نظر اچي اتي گرفتار ڪريو. ٿري ايم پي او آرڊر جي معاملي تي توهين عدالت ڪيس جي ٻڌڻي اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي جسٽس بابر ستار ڪئي. /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

سعودي عرب کان ڪراچي پهتل نواب ولي
محمد واسي 3 ڄڻا اغوا، ٻن کي تشدد
کانپوءِ ڦٽو ڪيو ويو

ڪراچي (رپورٽر) سعودي عرب کان ڪراچي پهتل نواب ولي محمد واسي 3 ڄڻا اغوا ٿي ويا. هٿياربندن ٻن ڄڻن کي سخت تشدد کانپوءِ ڦٽو ڪري ڇڏيو. ڪراچي ايئرپورٽ کان ڪوٽ روانگي لاءِ رڪشا ذريعي بس اڏي ڏانهن روانو ٿيل خميسو ڇتو، طالب ڇتو ۽ سمون مري کي اغوا ڪيو ويو. هٿياربندن سمون مري ۽ طالب ڇتو کي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

اسلام آباد: نگران وفاقي وزير محمد سميع سعيد اجلاس جي صدارت ڪندي

ملير لڳ رزاق آباد پرسان پوليس ۽ ڦورن ۾ مقابلو، هڪ ڦورو مارجي ويو

رزاق آباد قومي شاهراهه وٽ گذريل ڏينهن اي وي ايل سي نارٿ ناظم آباد پوليس ۽ ڦورن جي وچ ۾ مقابلو ٿي پيو

پوليس ۽ ڦورن جي وچ ۾ مقابلي ٿيڻ جي نتيجي ۾ هڪ ڦورو مارجي ويو، هڪ زخمي ٿي پيو، جن جي سڃاڻپ نه ٿي سگهي

جويدارن پوليس تي فائرنگ ڪئي ۽ پوليس جي جوابي فائرنگ ۾ هڪ ڄڻو مارجي ويو آهي ۽ هڪ زخمي ٿيو آهي: ايس ايس پي

ملير (ڊ ر) مليرجي رزاق آباد لڳ قومي شاهراهه تي پوليس ۽ ڦورن وچ ۾ مقابلو، ڦورو مارجي ويو، هڪ زخمي، ڦرڪيل ڪوسٽر ۽ هٿيار هٿ، سڃاڻپ نه ٿي سگهي، جويدار طرفان پوليس تي فائرنگ جي جواب ۾ هڪ ڦوت ۽ هڪ زخمي ٿيو آهي جويدارن جي سڃاڻپ لاءِ رڪارڊ چيڪ ڪيو پيو وڃي، پوليس، تفصيل موجب ملير جي علائقي رزاق آباد قومي شاهراهه وٽ گذريل ڏينهن اي وي ايل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

نوشهرو فيروز ۾ جي ڊي اي اليڪشن ۾ ڌانڌلين خلاف هاءِ وي تي ڌرڻو، هزارين ماڻهو شريڪ

مورو پرسان نيشنل هاءِ وي روڊ سڌوجا تي اليڪشن ۾ ڌانڌلين ۽ نتيجا تبديل ڪرڻ خلاف احتجاج ڪيو ويو، ڌرڻي سبب قومي شاهراهه جي ٻنهي پاسن کان هزارين گاڏيون بيهجي ويون

احتجاج ۾ جي ڊي اي اڳواڻ پير سيد صدرالدين شاهه راشدي، غلام مرتضيٰ خان جتوئي، مولانا راشد محمود سومرو، اياز لطيف پليجو صفدر عباسي ۽ ٻين اڳواڻن خطاب ڪيو

ارهان کي ٻڌائيندا سين ته سورهيه بادشاهه جي اولاد ۽ پير پاڳارو جا آهن، غريب وٽ ڪجهه ناهي سواءِ ووٽ جي، ان تي به ارهان ڌاڙو هڻو آهي ارهان کي هضم ڪرڻ نه ڏينداسين: صدرالدين شاهه راشدي

نوشهرو فيروز (رپورٽ منظور ملڪ) جي ڊي اي پاران مورو ۾ زبردست عوامي طاقت جو مظاهرو، اليڪشن ۾ ڌانڌلين خلاف ڌرڻي ۽ جلسي ۾ هزارين عورتن جي به شرڪت. رپورٽ موجب گرينڊ ڊيموڪريٽڪ الائنس پاران مورو پرسان نيشنل هاءِ وي روڊ سڌوجا تي اليڪشن ۾ ڌانڌلين ۽ نتيجا تبديل ڪرڻ خلاف رڏو پاور شو ڪيو ويو، احتجاجي ڌرڻي ۽ جلسي سبب قومي شاهراهه جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

نوشهرو فيروز: جي ڊي اي جي جلسي ۾ اڳواڻ خطاب ڪري رهيا آهن

ميهڙ پرسان ٻارن جي ڳالهه تان
جهيڙو، عورت مارجي وئي،
مڙس ۽ 2 پٽ زخمي

ميهڙ (رپورٽر) ميهڙ پرسان ٻارن جي ڳالهه تان ٻن ڌرين ۾ جهيڙو ٿي پيو، عورت قتل ٿي وئي، سندس مڙس ۽ 2 پٽ زخمي ٿي پيا ٻارن جي ڳالهه تان ٻن ڌرين ۾ جهيڙو ٿي پيو. جهيڙي دوران پٽ کي بچائيندي عورت قتل ٿي وئي، سندس مڙس ۽ 2 پٽ زخمي ٿي پيا ٻڌايو پيو وڃي ته کهڙا جي ڳوٺ ۾ کوسا برادري جي ٻن ڌرين ۾ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

ڪراچي ۾ هدايت لوهار جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ احتجاجي مظاهرو

احتجاجي مظاهري ۾ سنڌ سڄاڳي فورم جي مرڪزي اڳواڻن مختلف قومپرست پارٽين جي اڳواڻن، شاگرد تنظيمن جي اڳواڻن، پروگريسو تنظيمن جي اڳواڻن شرڪت ڪئي

عالمي ادارن يو اين او، ايمنسٽي انٽرنيشنل ۽ انساني حقن جي سمورين تنظيمن کي اپيل ٿا ڪيون ته سائين لوهار جو قتل سياسي قتل آهي: اڳواڻ

قتل تي عالمي تحقيقاتي ڪميشن جوڙي وڃي ۽ وارثن کي انصاف ڏنو وڃي ۽ گڏوگڏ وارثن جي خواهش موجب ايف آءِ آر ڪٽي وڃي: مطالبو

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) نصيرآباد ۾ بيدردي سان شهيد ڪيل قومپرست اڳواڻ، استاد هدايت لوهار جي قاتلن جي گرفتاري ۽ ايف آءِ آر جي داخل نه ٿيڻ خلاف سنڌ سڄاڳي فورم ڪراچي ڊويزن پاران ڪراچي پريس ڪلب سامهون احتجاجي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

ڪراچي: استاد هدايت لوهار جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

ارسلان اسلام شيخ جي ڪوشش سان
سکر جي ترقي لاءِ ڪم ڪري رهيا
آهيون: محمد ياسين آرائين

سکر (بيورو رپورٽ) پاڪستان پيپلز پارٽي سکر يونين ڪميٽي 4 ٽائون جيئي شاهه جي چيئرمين ۽ سماجي شخصيت حاجي محمد ياسين آرائين چيو آهي ته ميئر سکر ارسلان اسلام شيخ جي ڪوشش سان سکر جي ترقي ۽ خوشحالي لاءِ ڏينهن رات ڪم ڪري رهيا آهيون. انشاءالله ترقياتي ڪم جلد مڪمل ڪيا ويندا. /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

ڪراچي: سعودي عرب کان ايندي ايئرپورٽ نڪرندي نوجوان مبينا اغوا

اغوا ڪار تشدد جو نشانو بڻائڻ بعد ٻن نوجوانن کي ڇڏي، هڪ نوجوان ۽ سامان پاڻ سان گڏ کڻي ويا

تشدد ۾ زخمي ٿيل نوجوانن کي ڳڻتي جوڳي حالت ۾ سول ۽ شهيد عباسي اسپتال منتقل ڪيو ويو

ملير (رپورٽ : فاروق پنگوار) سعودي عرب کان وطن واپس ايندڙ ٽي نوجوان ڪراچي ايئرپورٽ کان نڪرندي ئي مبينا طور اغوا، سخت تشدد بعد ۾ نوجوان ڇڏي هڪ نوجوان کي سامان گڏ کڻي ويا، تشدد ۾ زخمي ٿيل نوجوان ڳڻتي جوڳي حالت ۾ شهيد عباسي اسپتال منتقل. پوليس حد جو جهيڙو جاچائي ڪارروائي نه ڪئي تفصيل موجب سعودي عرب عرب کان پاڪستان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

دادو ۾ ميونسپل ڪاميٽي جي وائيس چيئرمين خلاف ملازمن جو انڊس هاءِ وي تي احتجاج

وائيس چيئرمين غنڊا گردي ڪري سي ايم او ميونسپل جي آفيس جو گيٽ پڳو آهي، جيڪا سڌي ريت دهشتگردي آهي: ملازم

17 گريڊ جي آفيسر جي آفيس ۾ ڀڃ ڊاهه ٿي آهي، ڪيس داخل ڪرڻ لاءِ ان آفيسر لکت ۾ حد جي ايس ايڇ او کي ليٽر ڏنو آهي

جيستائين دادو ميونسپل ڪاميٽي ۾ حملو ڪندڙ وائيس چيئرمين تي ڪيس داخل نه ٿيندو ان وقت تائين احتجاج جاري رهندو

دادو(رپورٽ: عزيزالله خاصخيلي) دادو ميونسپل ڪاميٽي سي بي اي ايمپلائيز يونين پاران دادو ميونسپل ڪاميٽي جي وائيس چيئرمين خالد ميراڻي خلاف برڙا شاخ انڊس هاءِ وي تي سوين ملازمن ٽائرن کي باهيون ڏئي انڊس هاءِ وي روڊ تي ڌرڻو هڻي ايندڙ ويندڙ ٽريفڪ مڪمل طور بند ڪري ڇڏي.ان موقعي تي اڪائونٽنٽ ميونسپل ڪاميٽي دادو جاويد راهپوٽو، منظور سولنگي، /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

ننون ڪوٽ ۾ هدايت لوهار جي قتل خلاف استادن جو احتجاجي مظاهرو

پيغمبري پيشي سان وابسته استاد هدايت الله لوهار کي ظالمن ڏينهن ڏٺي جوءِ جو شهر ۾ گوليون هڻي شهيد ڪيو ويو آهي: استاد

جتي استاد کي شهيد ڪيو ويو ان جاءِ تي ٿوري فاصلي تي پوليس اسٽيشن به قائم آهي پر افسوس جو پوليس ڪو به قدم نه کنيو

استاد هدايت لوهار جا قاتل فوري گرفتار ڪري سخت کان سخت سزا ڏني وڃي ۽ سنڌ جي استادن مان بيچيني ختم ڪئي وڃي

ننون ڪوٽ (رپورٽر) شهيد استاد هدايت لوهار جي بي رحماڻي قتل خلاف ننون ڪوٽ جي گورنمينٽ بوائز پرائمري اسڪول جي استادن هيڊ ماسٽر رحمت الله گرگيز نذير بجير جي اڳواڻي ۾ اسڪول جي استادن ٻانهن تي ڪاريون پٽيون ٻڌي احتجاجي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

ننون ڪوٽ: هدايت لوهار جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ استاد احتجاجي مظاهرو ڪري رهيا آهن

ملير مان ڪامياب ٿيل پ پ
ايم پي اي اسڪول جي
هيڊماسترن سان اجلاس

ملير(ڊ ر) ملير جي سامونڊي تڪ 87 تان ڪامياب پيپلزپارٽي جي ايم پي اي محمود عالم جاموٽ جو تڪ ۾ هلندڙ سرڪاري اسڪولن جي هيڊ ماسترن سان گڏيل اجلاس.اسڪولن جي صورتحال تي بريفنگ ،سمورا پرائمري توڙي سيڪنڊري اسڪول پاڻي، بجلي،فرنيچر،استادن جي سهولتن کان محروم آهن هيڊ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

بدين ۾ هيومن رائيٽس فورم جي ايس ايس پي بدامني ۽ منشيات جي خاتمي بابت ڳالهه ٻولهه

بدين پوليس توهان سان منشيات جي خاتمي ۽ امن امان لاءِ هر وقت هر قدم تي ساٿ ڏيندي: ايس ايس پي بدين

بدين ۾ منشيات وڪرو ڪندڙ اهم وڏيون مڇون جهليان معمولي ڪيبين وارا وڪرو ڪندڙ ننڍا مهرا آهن اٺون جڙ کان خاتمون ڪرڻ ٿو چاهيان

پوليس اندر جيڪي ڪاريون رڍون آهن اٺون انهن کي پڻ بخش نه ڪندس، اهڙا چند ماڻهون پوري اداري جو نالو بدنام ڪن ٿا

بدين(رپورٽ: مرتضي ميمڻ) هيومين رائيٽس فورم جي وفد جي ايس ايس پي بدين سان بد امني ۽ منشيات جي خاتمي بابت ڳالهه ٻولهه. تفصيل مطابق هيومين رائيٽس آف پاڪستان ڊسٽرڪٽ بدين جي صدر نعيم ميمڻ ،ماروي عابده سمون جي اڳواڻي ۾ بدين ۾ وڌندڙ بد امني منشيات ذهني ڊپريشن سبب نوجوانن جي خودڪشيون پوليس ٿاڻن تي ويٺل آفيسرن توڙي اهلڪارن جو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

ٺٽي ۾ ڪيتري عرصي کان بند پيل اسڪول کلي ويا، ڳوٺاڻن ۾ خوشي جي لهر

اسڪول ڪيترن ئي سالن کان بند پيل هئا، جيڪي ڊي اي او ايجوڪيشن پرائمري ٺٽو جي ڪوشش سان کولرايا ويا آهن: ڳوٺاڻا

اهو منهنجو فرض هو جيڪو ادا ڪيو، منهنجي ڪوشش آهي ته ڪو به اسڪول بند نه هجي ضلعي جي هر ٻار کي مفت تعليم مهيا ڪئي وڃي: ڊي اي او

اڄ بعد ڪافي بند پيل اسڪول کولرائي تعليمي نظام کي بهتر ڪيو پيو وڃي، جيترو به وقت رهيس تعليم جي بهتري لاءِ ڪم ڪندو رهندس

ٺٽو(ڊ ر) سماجي تنظيم تنوار فائونڊيشن جي جدوجهد ٿيٽ رنگ لاٿو 15 سالن کان بند پيل يوسي اونگر ۾ يوسي صوف شورو جا ڪيتراڻي اسڪول ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر پرائمري ٺٽو نظام الدين ڪڏائي جي ڪوشش ۽ محنتن سان کلي ويا، ڳوٺاڻن ۾ خوشي جي لهر ڇانيل. اسڪول کلندي ئي وڏي تعداد ۾ اسڪولي ٻارڙا اسڪولن تي گڏ ٿي ويا. ان موقعي تي ٻارڙن جي والدين چيو ته /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

ٺٽو: نوان اسڪول کلڻ کانپوءِ شاگرد ۽ شاگرديائيون دعا گهري رهيون آهن

ڊسٽرڪٽ اڪائونٽنس
آفيسر پاران رٽائر ملازم
کي آگاهي لاءِ نوٽيس جاري

نوشهروفيروز (رپورٽ: منظور ملڪ) ڊسٽرڪٽ اڪائونٽنس آفيسر حسن جان چنگيزي هڪ ڀيرو ٻيهر هڪ نوٽس ذريعي اهڙن سيني ملازمن جيڪي مختلف سرڪاري کاتن مان رٽائر آهن ۽ هو پنهنجي پينشن، ڪميوٽيشن، ليو ان ڪيش منٽ جي بل جي ادائيگي جي انتظار ۾ آهن. انهن کي آخري ڀيرو آگاهه ڪو ڪجي ٿي پنهنجا /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

دادو ۾ پي ٽي آءِ جو ميونسپل انتظاميا خلاف احتجاجي مظاهرو

وائيس چيئرمين ۽ سي ايم او طرفان ويڙهه کي اسين ٽوپي درامو قرار ڏيون ٿا: اڳواڻ

ماهانا ميونسپل جي بجيٽ خردبرد ڪرڻ ۽ عوام جو ڌيان هٽائڻ لاءِ هي درامي بازي ڪئي وئي آهي

دادو(ن سنڌيار) دادو پاڪستان تحريڪ انصاف دادو طرفان پريس ڪلب اڳيان تعلقي صدر ظهير چانڊيو جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو مظاهرين ميونسپل انتظاميه خلاف ڇتي نعري بازي ڪندي چيو ته وائيس چيئرمين ۽ سي ايم او دادو طرفان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

دادو: پي ٽي آءِ جا ڪارڪن ميونسپل انتظاميا خلاف احتجاجي مظاهرو ڪري رهيا آهن

غوٺپور ۾ ڇتي ڪتي جو ڏاڙهيل نينگر فوت ٿي ويو

ڳوٺ رئيس محمد حيات اوڍاهي جو رهواسي ڇتي ڪتي جو ڏاڙهيل بشير احمد اوڍاهي زخمن جا سور نه سهندي فوت ٿي ويو

وارثن پاران رورل هيلٿ سينٽر منتقل ڪيو ويو هو، ويڪسين نه ملڻ تي نينگر جي حالت خراب ٿي وئي

غوٺپور (رپورٽ: عبدالنبي ملڪ) اوڍائي مهينا اڳ رولو ۽ ڇتي ڪتي جو ڏاڙهيل نينگر فوت ٿي ويو آهي اهڙي واقعي بعد سنڌن جي گهر ۾ ڪهرام مچي ويو ڳوٺ رئيس محمد حيات اوڍاهي جو رهواسي ڇتي ڪتي جو ڏهڙيل 10 ورهين جو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

ڪراچي جي ناري گهارو واسي نوجوان سان پيار پرڻو ڪري ڇڏيو

منهنجي گهروارن منهنجي شادي ڪنهن ٻئي هنڌ ڪرڻ ٿي چاهي: ناري

اسان کي تحفظ ڏنو وڃي، اسان جي جانين جو تحفظ ڪيو وڃي: پريمي جوڙو

ٺٽو(رپورٽ: جاويد لطيف ميمڻ)اسان کي تحفظ ڏنو وڃي ڪراچي شهر جي علائقي پينس ڪالوني سان وسسطو رکندڙ رهواسي عورت عزت بانو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

دادو ۾ ميونسپل جي وائيس چيئرمين پاران سي ايم او خلاف احتجاج

شهر گندگي جو ڍير لڳو پيو آهي، ڪروڙين روپيا بجيٽ هڙپ ڪئي پئي وڃي: اڳواڻ

فوري طور سي ايم او کي هٽائي چيئرمين ميونسپل ڪاميٽي دادو کي پابند ڪيو وڃي

دادو(ن سنڌيار) دادو ميونسپل ڪاميٽي جي وائيس چيئرمين خالد حسين ميراڻي پاران سي ايم او اياز پنهور خلاف دادو ميونسپل ڪاميٽي جي مک گيٽ آڏو احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هڻي ميونسپل ڪاميٽي دادو سي ايم او اياز علي پنهور خلاف /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

ٺارو شاهه ۾ پوليس جي ڪارروائي منشيات هٿ، جوابدار گرفتار

پوليس ڪلهوڙا ڪالوني ۾ گهر تي ڪارروائي ڪري ٻه ڪلو چرس هٿ ڪيو

ڳجهي اطلاع تي ڪارروائي ۾ منشيات فروش کي گرفتار ڪري منشيات هٿ ڪئي آهي: پوليس

ٺاروشاهه (رپورٽر) ٺاروشاهه پوليس جي ڪاروائي وڏي مقدار ۾ منشيات هٿ هڪ جوابدار گرفتار الڳ الڳ ٿي ڪيس داخل. ٺاروشاهه پوليس جي ايس ايڇ او /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

ٺارو شاهه: پوليس پاران گرفتار ڪيل ڏوهاري ۽ هٿ ڪيل منشيات

ميرپور ماٿيلو ۾ ڳوٺاڻن پاران پ پ اڳواڻ جي حمايت تي وڏيرن جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو

پ پ اميدوار جي حمايت ڪرڻ تي بااثر وڏيرن پاران پوڙهيت محمد جمن مهر کي ڌمڪيون

بااثر وڏيرا ۽ انهن جا ماڻهون مسلسل ڌمڪيون ۽ حراسان ڪري رهيا آهن: ڳوٺاڻا

ميرپورماٿيلو (رپورٽر) اليڪشن ۾ پيپلزپارٽي اميدوار جي حمايت جو ڪئي . ميرپورماٿيلو ويجهو ڳوٺ عالم خان مهر جي رهائشي محمد جمن مهر جو مقامي وڏيرن جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو ميرپورماٿيلو پريس ڪلب ٻاهران احتجاج تفصيل موجب/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

ميرپور ماٿيلو: ڳوٺاڻا بااثر وڏيري خلاف احتجاجي مظاهرو ڪري رهيا آهن

سکر جي گرم گودي واري علائقي ۾ نوجوان جو ساهرن خلاف احتجاج

اڳوٽي سالي، مامي اڳوٽي زال کان اسان جي خلاف عدالت ۾ ڪيس داخل ڪرايا آهن

ٻڍڙهي ياسين ڪورٽ ۾ حاضري تي ويس ته جوابدارن همراهن مارڻ جي ڪوشش ڪئي

سکر (رپورٽ: امداد علي گل ڪلوڙ) سکر جي گرم گودي واري علائقي جي رهواسي نوجوان محمد جاويد ولد جميل احمد ملڪ اڳوڻن ساهرن جي ڏاڍاين خلاف سکر پريس ڪلب سامهون احتجاج ڪندي ٻڌايو آهي ته 2015 ۾ ٻڍڙهي ياسين جي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

ٺٽي ۾ هارين جو غير معياري ٻج ملڻ خلاف احتجاجي مظاهرو

ٺٽي جي آبادگارن حاجي الهڏنو هنگورو ۽ ٻين ڪمپني انتظاميه ۽ ڊيلرن خلاف سخت نعريبازي ڪئي

هٿ ونءِ هڪ ڪمپني غير معياري ٻج ڏيئي آبادگارن کي لکين روپين جو نقصان رسايو آهي: هاري

ٺٽو(ڊ ر) ٺٽي ضلعي جي ٺماڻي جي آبادگارن کي غير معياري ٻج ملڻ ۽ زرعي اپت گهٽ لهڻ خلاف مڪلي تي ڀهجي سخت احتجاج ڪندي ٺٽي ضلعي جي مختلف مقامي ٺماڻي جي آبادگارن حاجي الهڏنو هنگورو، بخش مگسي، خير بخش /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

ٺٽو: غير معياري ٻج وڪرو ٿيڻ خلاف هاري احتجاجي مظاهرو ڪري رهيا آهن

نوشهرو فيروز ۾ اسڪارپ ايمپلائيز يونين پاران ملازم جا قاتل گرفتار نه ٿيڻ خلاف احتجاج

اڳواڻ اقبال احمد لاڙڪ جي قتل کي 7 ڏينهن گذري ويا آهن پر پوليس خاموش تماشائي بڻيل آهي

ضلعي ۾ بدامني جي باهه ٻري پئي آهي ڦرون، چوري، ڌاڙن جي وارداتن ۾ مسلسل اضافو ٿي رهيو آهي

نوشهروفيروز: (رپورٽ: منظور ملڪ) اسڪارپ ايمپلائيز يونين نوشهروفيروز پاران هٿياربندن جي فائرنگ ۾ شهيد ٿيل آل سنڌ ايريگيشن ٽريڊ يونينز فيڊريشن جي صوبائي جنرل سيڪريٽري اقبال احمد لاڙڪ جا قاتل گرفتار نه ٿيڻ خلاف اڄ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

ڪنڌڪوٽ ۾ اليڪشن جا غير حتمي نتيجا ظاهر

ضلعي ۾ پولنگ اسٽيشنن جو تعداد 358 آهي، ووٽرن جو تعداد مرد 270270، عورتون 229688 تعداد 499958 ڪاسٽ ٿيل

اميدوارن جو انگ 14 آهي پاڪستان پيپلزپارٽي جو اميدوار علي جان مزاري 103962 ووٽ کڻي پهرين نمبر تي اچي ويو

ڪنڌڪوٽ (رپورٽر) ڪنڌڪوٽ اليڪشن سال 2024 فارم 47 غير حتمي نتيجا اين اي 191 جيڪب آباد ڪم ڪشمور پولنگ اسٽيشن جو ڪل تعداد 358 آهي. ووٽرن جو تعداد مرد 270270. عورتون 229688 ڪل تعداد 499958/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

ٺٽي ۾ سرڪاري بلڊنگ جا ڇاپڙ ڪرڻ سبب نوجوان فوت

ڳاڙهو واسي نوجوان آئوٽ فال ڊرينيج جي بلڊنگ هيٺ ويٺل هو ته اوچتو ڇاپڙا ڪري پيا

ڇاپڙ ڪرڻ سبب نوجوان زخمي ٿي پيو، اسپتال منتقل دوران رستي ۾ فوت ٿي ويو

فوت ٿيل نوجوان جو دماغي توازن صحيح نه هو، وڌيڪ معاملي جي جاچ ڪري رهيا آهيون: پوليس

ٺٽو(ڊ ر) ڳاڙهو لڳ آئوٽ فال ڊرينيج جي سرڪاري بلڊنگ جا ڇاپڙ ڪرڻ سبب هيٺ ويٺل نوجوان فوت. تفصيل موجب ڳاڙهو واسي 25 سالا واحد مورجهريو آئوٽ فال ڊرينيج جي بلڊنگ هيٺ ويٺل هو ته اوچتو ڇاپڙا ڪرڻ سبب نوجوان سخت زخمي ٿي پيو. جنهن کي نازڪ حالت ۾ اسپتال منتقل ڪيو پئي ويو. جيڪو رستي ۾ فوت ٿي ويو ٿي. ايس ايڇ او ڳاڙهو سائيٽڏنو ٻرڙو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

ملير پرسان ٻن ڌرين ۾ جهيڙو، ڳوٺ جو چيئرمين مارجي ويو، بلاول ڀٽو جي مزمت

ڀٽائي آباد جي بلاڪ 9 لڳ حسيني امام بارگاهه وٽ رات دير سان ٻن ڌرين ۾ هٿياربند جهيڙو ٿي پيو

يوسي بختاور جو چيئرمين صابر مگسي گوليون لڳڻ موقعي تي ئي مارجي ويو، ٽي ڄڻا پنهل خان، حسنين ۽ شعيب زخمي ٿي پيا

پيپلزجي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري هٿياربندن هٿان مارجي ويل يوسي چيئرمين جي قتل جي مذمت ڪندي قاتل فوري طور گرفتار ڪرڻ جو مطالبو ڪيو

ملير(ڊ ر) ڀٽائي آباد ۾ ٻن ڌرين ۾ هٿياربند جهڙو، يوسي بختاور ڳوٺ چيئرمين صابر مگسي مارجي ويو 3 ڄڻا سخت زخمي ڇتي فائرنگ، ڏنڊن لٺين لوهي سيخن ۽ هٿيارن جو آزادانو استعمال، علائقو ميدان جنگ بڻجي ويو، جنازي ۾ سلمان عبدالله مراد سميت چونڊيل نمائندن جي شرڪت، فوتي جو مڙهه هزارين آلين اکين سان مٽي ماءِ حوالي. بلاول ڀٽو زرداري جي مذمت قاتل فوري/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

ملير: ڀٽائي آباد ۾ هٿياربندن هٿان مارجي ويل يوسي چيئرمين جي جنازي نماز ادا ڪئي پئي وڃي

سجاول ۾ بدامني خلاف
شهري اتحاد جي سڏ تي
احتجاج، ڌرڻو

سجاول (ڊ ر) سجاول ضلع ۾ وڌندڙ بدامني خلاف شهري اتحاد جي سڏ تي ڌرڻو هنيو ويو. سجاول ضلع جي امن امان انتهائي بگڙجندڙ صورتحال خلاف شهري اتحاد جي سڏ تي مامولاڏو چوڪ کان ريلي ڪڍي ايس ايس پي آفيس اڳيان ڌرڻو هنيو ويو. ريلي ۾ شهري اتحاد جي اڳواڻن صدر اياز ميمڻ، مولوي حسن قاسمي، /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

گهوٽڪي ۾ جسقم پاران بشير قريشي ۽ هدايت لوهار جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ احتجاج

سنڌ سان عشق جي ڏوهه ۾ شهيد بشير خان قريشي، مقصود خان قريشي ۽ تازو جسقم اڳواڻ استاد هدايت لوهار کي شهيد ڪيو ويو آهي: اڳواڻ

سنڌ جي مسئلن جو حل صرف سائين جي ايم سيد جي فڪر ۾ آهي، سنڌي ماڻهون سائين جي ايم سيد جي فڪر ۾ شامل ٿين

شهيد بشير خان قريشي، شهيد هدايت لوهار جي قاتلن کي گرفتار ڪري گم ٿيل سمورن قومي ڪارڪنن کي ظاهر ڪري آزاد ڪيو وڃي

گهوٽڪي (رپورٽ: لالچند موتواڻي) جيئي سنڌ قومي محاذ جسقم جي سڏ تي شهيد شهيد بشيرخان قريشي ۽ شهيد هدايت لوهار جي قاتلن جي گرفتاري ۽ گم ڪيل قومي ڪارڪنن جي آزادي لاءِ احتجاج ڪيو ويو قومي ڪارڪنن/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

گهوٽڪي: استاد هدايت لوهار جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

بدين ۾ سرن جي ٻلي تي ڪم
ڪندڙ 4 ٻارن جي ماءُ
خودڪشي ڪري ڇڏي

بدين(رپورٽ: مرتضي ميمڻ) بدين سرن جي ٻلن تي ڪم ڪندڙ پوڙهيت ٽيڪر داس جي زال ڇڻ ٻارن جي ماءُ 30 سالا ثمرتا ڪولهي گهر جي لاٽڻ ۾ رسو ٻڌي خودڪشي ڪري ڇڏي. آهي بدين پوليس ٻهجي لاش ڪٽائي انڊس اسپتال پهچايو خودڪشي جو ڪارڻ گهرو اٽيڪٽ ٻڌايو پيو وڃي

وارهه ۾ نيشنل بئنڪ انتظاميا پاران ٻوڏ متاثرن لاءِ پئسن مان ڪٽوتي، مظاهرو

متاثرين طرفان نيشنل بئنڪ اڳيان احتجاجي مظاهرو، سخت نعريبازي، انتظاميه خلاف قانوني ڪارروائي ڪري متاثرين جي آيل پئسن مان ڪٽوتي بند ڪئي وڃي

وارهه نيشنل بئنڪ انتظاميه بغير رشوت جي ڪنهن کي به پئسا نه پئي ڏي، رشوت نه ڏيڻ جي صورت ۾ مهينن جا مهينا پنڌ ڪري ڪري ٿڪجي پيا آهيون: ڳوٺاڻا

وارهه (رپورٽ: طالب حسين چانڊيو) وارهه نيشنل بئنڪ انتظاميه طرفان ٻوڏ متاثرين جي آيل گهر سروي پئسن مان ڪٽوتي ۽ رشوت وٺڻ جو سلسلو نه رڪجي سگهيو متاثرين طرفان نيشنل بئنڪ اڳيان احتجاجي مظاهرو سخت نعريبازي نيشنل بئنڪ انتظاميه خلاف قانوني ڪارروائي ڪري متاثرين جي ٿيندڙ تذليل آيل پئسن مان ڪٽوتي بند ڪئي وڃي مطالبو. ان موقعي تي متاثرين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

سکر جي سول اسپتال بدانتظامي جي ور چڙهي وئي، سهولتون اٽلپ

سکر سول اسپتال ۾ انتظامي نااهلي ۽ ڪرپشن سبب ڪروڙين روپيا بجيٽ هجڻ باوجود عوام علاج جو سهولتن کان محروم

ٻورچي خاني ۾ غير معياري ڪاٽن، سڪل ۽ سڙيل پاروٿيون سبزيون ۽ چربي مان ٺهيل گيهه جي استعمال سبب داخل مريض ويتر بيمارين ۾ ورنجي وڃن ٿا

نوٽيس وٺي سول اسپتال سکر ۾ ٿيندڙ ڪرپشن خلاف ڪارروائي ڪري غريب ماڻهن کي علاج جون سهولتون بغير ڪنهن فرق ۽ سفارش جي ڏيئون وڃن: شهرين جو مطالبو

سکر (رپورٽ: امداد علي گل ڪلوڙ) انتظامي نااهلي ۽ ڪرپشن سبب سول اسپتال سکر ۾ علاج جون سهولتون اٽلپ ٿي ويون سرڪاري دوائون به سياستدانن جي فون سان ڏيڻ لڳا ٻي ٻهچ مريض پريشان ٻورچي خانو به سياسي واني حوالي داخل مريضن لاءِ کاڌو به غيرمعياري هجڻ جو انڪشاف چيف جسٽس آف سنڌ هائي ڪورٽ کي نوٽيس وٺڻ جي اپيل. تفصيل موجب سکر ضلعي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

ميرپور ساڪرو جي صفائي سٿرائي نه ٿي، ڪروڙين روپيا بجيٽ هڙپ

ڊرينيج سسٽم ناڪاره هجڻ ڪري شهر گندگي جي ور چڙهي ويو، گٽر نالا روڊ ۽ رستن تي وهڻ ڪري وڌيڪ بدبو ڦهلائي رهيا آهن: شهري

ٽائون ڪميٽي ميرپور ساڪرو جي ايندڙ بجيٽ کي شهر ۽ شهرين جي ڀلائي صفائي سٿرائي تي خرچ ڪئي وڃي

ميرپور ساڪرو جي بجيٽ کي هڙپ ڪندڙن خلاف ڪاروائي ڪري شهري کي پريشاني کان بچايو وڃي

ٺٽو(ڊ ر) ضلعي ٺٽي جي ساحلي پٽي جي مالدار ٽائون ڪاميٽي ميرپور ساڪرو شهر جي ڏيڍ ڪروڙ روپيه ماهوار قسط هوندي به شهر جا رهواسي صفائي، سٿرائي، پيئڻ جي پاڻي سميت سمورين بنيادي سهوليتن کان وانجهيل. شهرين جي ڏانهن تي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

ٺٽو: انتظاميا جي لاپرواهي سبب گندي پاڻي جي نيڪال جا موٽر خراب پيل آهن

بدين ۾ دڪان چوري جي
ڪوشش، شهرين 2 چورن کي
پڪڙي ورتو

بدين(رپورٽ: مرتضي ميمڻ) بدين ۾ گذريل رات عزيز ٻوهڙ جي ڪريانا دڪان جا ٽن چورن تالا ٽوڙڻ جي ڪوشش ڪئي پر ٻاڙي وارن مزاحمت ڪندي ٻن چورن کي پڪڙي بدين پوليس حوالي ڪري ڇڏيو خبر موجب گذريل رات سيرائي روڊ تي عزيز ٻوهڙ جي ڪريانا دڪان تي رات جو 3 بجي تالا ٽوڙڻ جي ڪوشش /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

بدين ۾ نوجوان جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ حيدرآباد يونين آف جرنلسٽ جو احتجاج

اسان جي ڀاءُ کي قتل ٿيندي 3 ڏينهن گذري ويا آهن. بدين پوليس سميت وس وارا ڪوبه نوٽيس وٺڻ لاءِ تيار ئي ناهي: اڳواڻ

انتظاميه مان نا اميد ٿي اڄ مک روڊ بند ڪري ڌرڻو هنيو ويو آهي، پوليس قاتلن جو پتو لڳائڻ ۾ مڪمل ناڪام ٿي چڪي آهي

ڌرڻي ۾ ڊي ايس پي گولاڙجي پهچي ڌرڻي ۾ شرڪت ڪندڙ مقتول جي وارثن سان ايس ايس پي بدين سان فون تي ڳالهه ٻولهه ڪرائي قاتلن کي گرفتار ڪرڻ جو يقين ڏياريو

بدين(رپورٽ: مرتضي ميمڻ) بدين ۾ ٽي ڏينهن اڳ ڪراچي ٽرڪرل روڊ نيشون راه وٽ قتل ٿيندڙ نوجوان جان محمد عرف جاني چانڊيو جا قاتل گرفتار نه ٿيڻ خلاف حيدرآباد يونين آف جرنلسٽ (بٽ گروپ) يونٽ بدين جي صدر عطا چانڊيو ۽ سندس ڀاءُ پ پ اڳواڻ حاجي مراد چانڊيو جي اڳوائي ۾ سوين ماڻهن طرفان مين ڪراچي تر ڪول روڊ تي ڌرڻو ايندڙ ويندڙ ٽريفڪ معطل. / بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

اوباوڙو ۾ ڳوٺاڻن جو عورتن ۽ ٻارڙن سميت پوليس جي مبينا زيادتين خلاف احتجاج

ڳوٺ پڪا چانديا جي رهواسين شوڪت ميمڻ، پورل ۽ جوايو عورتن ۽ ٻارڙن سميت ڪنيڙا ٿاڻي جي پوليس خلاف احتجاج ڪيو

پوليس اهلڪار پوليس اٺالا ساڻ ڪري جو پايو مال ڦري ويو آهي ۽ ڪوڙن ڪيسن ۾ ڦاسائڻ جون ڌمڪيون ڏئي پتو طلب ڪري رهيو آهي

ايس ايس پي گهوٽڪي، ڊي آئي جي سکر، آئي جي سنڌ ۽ ٻين وسوارا انصاف ڪري معاملي جو نوٽس وٺي انصاف ڪيو وڃي

اوباوڙو (رپورٽ: غلام علي رند) ڪنيڙا ٿاڻي جي حد ڳوٺ پڪا چانديا جي رهواسين جو عورتن ۽ ٻارڙن سميت ڪنيڙا پوليس جي مبينا زيادتين خلاف احتجاج ڪيو آهي تفصيل موجب ڪنيڙا ٿاڻي جي حد ڳوٺ پڪا چانديا جي رهواسين سرڪاري استاد شوڪت ميمڻ، پورل ۽ جوايو عورتن ۽ ٻارڙن سميت ڪنيڙا ٿاڻي جي پوليس خلاف احتجاج ڪيو آهي. احتجاج ڪندڙن جو چوڻ هيو ته /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

اوباوڙو: ڳوٺاڻا پوليس جي مبينا زيادتين خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

سکر ۾ هٿيار بندن وا پارين
کان هزارين روپيا ڦر
ڪري فرار ٿي ويا

سکر(بيورو رپورٽ) موٽرسائيڪل سوار هٿياربندن واپاري کان هزارين رپيا ڦر ڪري فرار ٿي ويا. تفصيل موجب ڪوئنز روڊ سکر جي رهواسي عاطف شمسي اي سيڪشن ٿاڻي تي اطلاع ڏنو آهي ته سکر جي جوڙڪي گهٽي ۾ حاجي مقصود ٽريڊرز جي نالي تي بوتلن جو دڪان آهي. نامعلوم هٿيار بند هٿيارن جي زور تي 25 /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

*** روزاني سنڌيار سکر پبلشر سم پرنٽنگ پريس بي آر آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي سکر آفيس گهر نمبر سي 92، دهلي مسلم هائوسنگ سوسائٽي ايئرپورٽ روڊ سکر مان پڌري ڪئي وئي***

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر:
اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com

اربع 21 فيبروري 2024ع

هاڻي ته ماڻهو گهرن ۾ به محفوظ ناهن!

اڳي ماڻهو ڪچي مان، روڊن رستن تان اغوا ٿيندا هُئا ۽ هاڻي ته سنڌ ۾ امن امان جي ابتري ان حد تائين وڃي پهتي آهي، جو معصوم ٻارڙا پنهنجي گهرن جي در اڳيان اغوا ڪيا پيا وڃن. اڃا ڪجهه ڏينهن اڳ معصوم ٻارڙي رضا حاجاڻي جي اغوا ۽ قتل تي سنڌ سوڳوار هئي ته وري دوداپور ويجهو ڳوٺ خوش محمد پنهور مان پنهنجي گهر ٻاهران راند ڪيڏيندڙ 8 سالن جي معصوم ٻارڙي حيدار پنهور کي موٽرسائيڪل سوار هٿيارٻند اغوا ڪري ويا. جنهن کي بعد ۾ پوليس ناڪا بندي ڪري مبينا معاملي ۾ بازياب ڪرائي ورتو آهي. پوليس موجب، اغوا ڪندڙ ٻارڙي کي بلوچستان ڪٺي وڃي رهيا هُئا، جيڪا ڪوشش ناڪام بڻائي ڇڏي ۽ اغوا ڪندڙ ٻارڙي کي ڇڏي فرار ٿي ويا آهن. ايس ايس پي بهادر وڌندڙ بدامنيءَ کي سياسي رنگ ڏيندي چيو آهي ته، چونڊن بعد سياستدانن جي هڪ ٻئي سان مخالفت سبب ڏوهن جون وارداتون وڌيون آهن.

هونئن ته سنڌ ۾ امن امان جي صورتحال ڪڏهن به آئيڊيل ته پري جي ڳالهه، اهڙي به نه رهي آهي، جنهن کي اطمينان جوڳو به چئي سگهجي. پر نگران دور ۾ ته امن کي امان حاصل ناهي. نگرانن جي حڪمرانيءَ جي دوران سنڌ خيرَ جي خبر لاءِ سِڪي وئي آهي. قتل، غارت گري ۽ اغوا جي واقعن ۾ تمام گهڻي واڌ ٿي چُڪي آهي. ماڻهو پنهنجن گهرن ۾ به محفوظ نه آهن. قانون جو "فولادي هٿ" فالج زده بڻيل آهي. جيڪب آباد جي ايس ايس پي بهادر جو ڏوهن ۾ واڌ جي حوالي سان موقف به حيرت جوڳو آهي. جنهن ڏوهن جي نوعيت "سياسي" ڄاڻائي آهي. اسان اڳ به هنن ئي ڪالمن ۾ اهو چوندا رهيا آهيون ته، ڏوهه "اشرافيه" جي سرپرستيءَ ۾ اسرندا ۽ نسرندا رهيا آهن ۽ ڏوهن جي سرپرستي ڪندڙ ان "اشرافيه" جي پهچ ۽ رسائي اختيار ۽ اقتدار جي ايوانن تائين آهي. ڏوهن جو حسب نسب سياست سان ڳنڍڻ ڪا نئين ڳالهه يا نئون انڪشاف نه آهي. پوليس جي نااهليءَ کي ان جواز تحت رعايت نٿي ڏئي سگهجي. ڏوهه بس ڏوهه ئي آهن ۽ ڏوهن کي روڪڻ پوليس جي منصبي ذميواري آهي. بهرحال ايس ايس پي صاحب جي "پهتل" هجڻ جي ساراهه نه ڪرڻ به بخل هوندو، اڃا ٻارڙو پوليس جي مبينا مقابلي ۾ بازياب ٿئي نه ٿيو هو ته اغوا ٿيڻ کان ٽرت ئي پوءِ ايس ايس پي صاحب جو موقف اچي ويو ته، ٻارڙي کي اغوا ڪار بلوچستان ڏانهن ڪٺي ويا آهن. ايس ايس پي صاحب جي ان باخبريءَ جو داد ڏيڻ کان سواءِ رهي نٿو سگهجي. وري جڏهن سورمي پوليس ڌاڙيلن سان مقابلو ڪيو آهي ته، اهي اغوا ڪار ٻارڙي کي ڇڏي فرار ٿي ويا آهن ۽ انهن کي شايد سليماني ٽوپيون پاتل هيون. جو پوليس کي اهي نظر نه آيا. سنڌ ۾ حالت اُتي وڃي پهتي آهي، جو هٿيار بند موٽرسائيڪل سوار گهر اڳيان ٻارڙو اغوا ڪري ٿا وڃن پر ڪٿي به ان جي ٽرت رستي روڪ نٿي ٿئي. پوليس جي دعويٰ موجب، ٻارڙي کي بلوچستان نيو پئي ويو ته جعفرآباد روڊ پرسان پوليس مقابلو ڪيو. هڪ طرف ڳالهه مقابلي جي ڪئي پئي وڃي ته ٻئي پاسي پوليس اهو پئي چوي ته، ڏوهاري ٻارڙي کي ڇڏي فرار ٿي ويا. اڳ ۾ ته پوليس ان مجبوريءَ جو جواز ڏيندي هُئي ته، پوليس کاتي ۾ سياسي مداخلت آهي پر نگران حڪومت ۾ ته اهو عذر به نه رهيو ۽ گهرو وزير به فورسز جو رٽائرڊ برگيڊيئر آهي، پوليس کي فري هينڊ مليل آهي ته پوءِ جيڪڏهن سياسي پوتار ڏوهن ۾ ملوث آهن ته پوليس انهن ۾ هٿ ڇو نٿي وجهي؟ سنڌيءَ ۾ چوڻي آهي ته، "نيت کوٽي_ عذر گهڻا!"

جڏهن نگرانن سنڌ جي اختيار ۽ اقتدار جون واڳون سنڀاليون ته اها اُميد پيدا ٿي هُئي ته، امن امان جي صورتحال بهتريءَ ڏانهن وڌندي پر ائين نه ٿيو. عوام جون اهي اميدون پوريون نه ٿيون. نگران حڪومت لاءِ پريا ڪُماريءَ جي بازيابي هڪ ٽيسٽ ڪيس هو پر ان مغوي نياڻيءَ کي بازياب ڪرائڻ جي ضرورت محسوس نه ڪئي وئي. ڌاڙيلن خلاف آپريشن جا دهمان ٻڌا ويا پر پوءِ جيڪو نگرانن طرفان ڌاڙيلن ۽ ڏوهارين لاءِ عفو ۽ درگذر جو مظاهرو ڪيو ويو، ان تي حيرت ٿئي ٿي. ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته، سنڌ ۾ امن امان جي حوالي سان ذميواريون پوريون ڪيون وڃن. امن امان جون حالتون خراب ڪرڻ ۾ سياسي پوتار ملوث آهن. جيئن ايس ايس پي جيڪب آباد انڪشاف ڪيو آهي ته، انهن کي قانون جي گرفت ۾ آندو وڃي. جڏهن ماڻهن کي پنهنجن گهرن ۾ ئي تحفظ نه آهي ته عوام جي تحفظ لاءِ ذميوار پوليس جي ڪرڻ جو باقي ڪم ئي ڪهڙو ٿو رهجي وڃي!

قصو اليڪشن ۽ سليڪشن جو

عزيز ٽالپر

اليڪشن کان پهرين سڀني پارٽين جا جلسا، جلوس ۽ ريليون شروع ٿي ويون. تنهن ۾ آسمان ڦاڙ نعرا، هوائي فائرنگ ۽ دهلن جي ڌڪاڻ ۾ اسان غريبن جون ننڊون حرام ٿي ويون. مون ڳوڙ کان بچڻ لاءِ ڪنن ۾ ڪپهه وڌي. ابا ڪپهه اندر پيل ميڻ سان ايئن چنبڙي وئي، جهڙو گپ ۾ گنڊروڦاسي پيو هجي. طوطن ماءُ ويهن ننهن جا زور لڳايا پر ڪپهه نڪري ئي نه. نيٺ ماسي ڏنوءَ کي وٺي آئي. تنهن ڪنن ۾ تيل ۽ پاڻي وجهي آهستي آهستي ڪپهه ڪڍي لاٿي. وري به اليڪشن وارن جي ڳوڙ جي ڪري منهنجي ننڊ حرام ٿي وئي. ڳوڙ کان بچڻ لاءِ آئون وڃي گنديءَ ۾ سٽس. هيٺان ليڙو بند ڪير. مٿان ڍڪ ڏنم. ٿوري دير ڪانپوءِ مون واري آڪسيجن ختم ٿي وئي. ساهه منجهڻ لڳو. رڙيون ڪرڻ لڳس. طوطن ماءُ ننڊ مان اٿي چيو مٺا وري ڇا ٿيو؟ چيومانس ته مٿان گنديءَ جو ڍڪ لاهه. منهنجو ساهه ٿو نڪري. هن ڪٽ وجهي ڪري گنديءَ جو ڍڪ لاٿو ته مس وڃي ساهه کنيم. چيائين: مٺا هتان نڪر. نه ته اتي ئي گذاري ويندين ۽ توکي گنديءَ سميت قبر ۾ به پوري ڇڏيندا ۽ ٻاهران لکرائيندا: "شهيد گندي". مون کي سندس ڳالهه صحيح لڳي. آئون گنديءَ مان نڪري آيس. سياستدانن جي ڳوڙ کان بچڻ لاءِ ڪنن تي زور سان اڄرڪ ويڙهي سمهي رهيس. ٻئي ڏينهن اسان فيصلو ڪيو ته جهنگ ۾ وڃي ڪنهن ويڪري وڻ تي پکين وانگر ڏو آکيرو ٺاهي سمهنداسين. مون سڄو ڏينهن ڪک ميڙيا. عاليشان آکيرو ٺاهيو. رات جو طوطن ۽ طوطن ماءُ کي اتي وٺي ويس. اتي جا مزا ئي بيا هئا. نه ڳوڙ گهمسان. طوطن ماءُ منهنجي هنج ۾ ۽ طوطن وري سندس هنج ۾. نيٺ اليڪشن ويجهي اچي وئي. ڳوڙ گهمسان تي پابندي پئجي وئي. اسان پنهنجو پيارو آکيرو ڇڏي گهر آياسين.

8 فيبروري اليڪشن هئي. 7 فيبروري جي رات جو رئيس گلڻ خان گول باڊي سڄي ڳوٺ کي پنهنجي اوطاق تي گهرايو ۽ ٽي ديڳون پٽ جون به کارايائين. پوءِ تقرير ۾ فرمايائين ته جيڪو منهنجي اميدوار جي نشان تي ٺپو نه هڻندو ته ان جي ٻنيءَ جو پاڻي بند ڪندس. ان جي گهر جو گس بند ڪندس. ان جو حقو پاڻي بند ٿيندو. مرڻي ۽ پرڻي تي ان جي گهر ڳوٺ مان ڪير ڪونه ويندو. اهو ٻڌي منهنجو ته ساهه نڪري ويو. ٻئي ڏينهن 8 فيبروري اليڪشن جو ڏينهن هو. صبح جو اٿي ڏسان ته مون واري زال طوطن ماءُ فل ميڪ اپ ۾ سينڊ سرما ۽ لپ اسٽڪ هنيو صفا هيروئن ٿي بيٺي هئي. چيومانس: طوطن ماءُ خير ته آهي. اڄ صفا هيروئن شبنم پئي لڳين! چيائين: اليڪشن آهي. ووٽ ڏيڻ ٿي وڃان! چيومانس ته ووٽ ڏيڻ ٿي وڃين يا بجلي ڪيرائڻ ٿي وڃين. ايڏي تياري! چيائين: سڀ مايون تيار ٿيون وينيون آهن. هوڏانهن تون پنهنجي پوڙهي ماءُ کي ڏس. اها به سرخيون پائوڊر هڻي صفا اداڪارا زيبا لڳي پئي آهي. مون امان کي ڏٺو ته شرم کان منهنجو ڪنڌ ائين هيٺ ٿي ويو. جهڙو وڻ جو ٽار هيٺ لڙي پيو هجي. ٿوري دير ڪانپوءِ رئيس گلڻ خان گول باڊي جي زال وڏيري گلان گول باڊي آئي ۽ سڀني مائين کي بهاري پولنگ اسٽيشن وٺي وئي. ائين پئي لڳو جهڙو ڌراڙ ٻڪريون ڪاهيو پيو وڃي. مون کي به اچي بدن ۾ خارش ٿي ته آئون به ووٽ ڏئي اچان پر آئون غريب ماڻهو. منهنجا ڪپڙا اهڙا پراڻا ۽ ميرا هئا. جهڙو آهوري ۾ بجيل گاهه تي مينهن اوڳر ڪري وئي هجي. پوءِ سڻوٽ صدوري کي منٿ ميڙ ڪري هڪڙو فضيلت وارو ڌوٽل ۽ استري ٿيل وڳو وٺي وهنجي سهنجي پائي ڏاڍا تيل سرما هڻي، پٽڪو ٻڌي آئون به ويس ووٽ ڏيڻ. اتي پهتس ته ابا وڏي قطار لڳل هئي. منهنجو نمبر آيو 420. مون کي پڪ ٿي ته سج لٿي تائين هي قطار ختم ڪا نه ٿيندي. اتي ماسات ماڪوڙي کي ايندي ويندي ڏٺم. حال احوال ورتم. چيائين ته منهنجي اندر اسٽاف جي چانهه پاڻي ۽ خدمت ڪرڻ جي ڊيوٽي لڳل آهي. چيومانس يار مون کي هن ڏکي پلصراط جهڙي قطار مان ڪڍي ووٽ ڏياري اچ. هو وڏي بالٽي پاڻي جي ڀري پئي ويو. چيائين پهرين اها اندر ڪئي هل. پوءِ تنهنجي سفارش ڪندس. آئون بالٽي کڻي اندر ويس. ماسات ماڪوڙي منهنجي سفارش ڪئي. منهنجو ووٽ ٿي ويو. ٻاهر نڪري مون کي چيائين ته ايترن ووٽن کان اڳ مون تنهن جو ووٽ ڪرايو آهي. مون کي هزار روپيا رشوت ڏي. مون اتي بيٺل صوبيدار ڏانهن اشارو ڪيو ته هي مون کان رشوت ٿو وٺي. صوبيدار آيو ته ماسات ماڪوڙي بي ڳالهه ڪئي ته صاحب ڪجهه ڪونهي. اسان جو سڳاوٽي جهيڙو آهي. خير صوبيدار منهنجي جان ڇڏي.

اليڪشن اڃان هلي پئي پر طوطن ماءُ مان وڏيري گلان گول باڊي هٿ ئي نه ڪڍي. چيومانس خير آهي. ڇا مسئلو آهي. جو گهر ۾ رهين ئي ڪا نه ٿي! خير مس مس شام جا پنج ٿيا. پولنگ ختم ٿي. طوطن ماءُ گهر موٽي آئي. مون شڪر ڪيو پوءِ ويناسين ٽي وي تي. نتيجا صحيح اچن ئي ڪونه. جيڪي جيل ۾ هئا، انهن جون سيٽون سڀ کان مٿي ۽ جيڪي آزاد هئا. انهن جون سيٽون گهٽ. پوءِ انهن پٺي پاڻ ۾ سوديبازي ڪئي. ڪن ڳالهين تي هي راضي، ڪن ڳالهين تي هو راضي. اليڪشن کي 10 ڏينهن ٿي ويا. ملڪ کي ڪا حڪومت ڪا نه ملي. آئون پريشان ٿي ويس ۽ نفسياتي مريض ٿي ويس ته اسان کي ڪا به حڪومت ڪانه ٿي ملي. افسوس اسان کي نه ايمانداري واري حڪومت ملي، نه ڪرپشن ۽ پيسا ڪمائيندڙ حڪومت ملي. انهن حالتن ۾ مايوس ٿي آئون نجومي ٽي ويس. هڪ سابق ڪامريڊ اچي مون کان پڇيو ته حڪومت ڪنهن کي ملندي. نون ليگ کي يا پ پ کي؟ ڪن ۾ چيومانس ته. جنهن کي مٿيان ۽ وڏا چاهيندا. انهيءَ کي حڪومت ملندي پر اها ڳالهه پڪي ڪنهن سان نه ڪجان، نه ته مون غريب جي زندگي خطري ۾ پئجي ويندي.

8 فيبروري اليڪشن هئي. 7 فيبروري جي رات جو رئيس گلڻ خان گول باڊي سڄي ڳوٺ کي پنهنجي اوطاق تي گهرايو ۽ ٽي ديڳون پٽ جون به کارايائين. پوءِ تقرير ۾ فرمايائين ته جيڪو منهنجي اميدوار جي نشان تي ٺپو نه هڻندو ته ان جي ٻنيءَ جو پاڻي بند ڪندس. ان جي گهر جو گس بند ڪندس. ان جو حقو پاڻي بند ٿيندو. مرڻي ۽ پرڻي تي ان جي گهر ڳوٺ مان ڪير ڪونه ويندو. اهو ٻڌي منهنجو ته ساهه نڪري ويو. ٻئي ڏينهن 8 فيبروري اليڪشن جو ڏينهن هو. صبح جو اٿي ڏسان ته مون واري زال طوطن ماءُ فل ميڪ اپ ۾ سينڊ سرما ۽ لپ اسٽڪ هنيو صفا هيروئن ٿي بيٺي هئي. چيومانس: طوطن ماءُ خير ته آهي. اڄ صفا هيروئن شبنم پئي لڳين! چيائين: اليڪشن آهي. ووٽ ڏيڻ ٿي وڃان! چيومانس ته ووٽ ڏيڻ ٿي وڃين يا بجلي ڪيرائڻ ٿي وڃين. ايڏي تياري! چيائين: سڀ مايون تيار ٿيون وينيون آهن. هوڏانهن تون پنهنجي پوڙهي ماءُ کي ڏس. اها به سرخيون پائوڊر هڻي صفا اداڪارا زيبا لڳي پئي آهي. مون امان کي ڏٺو ته شرم کان منهنجو ڪنڌ ائين هيٺ ٿي ويو. جهڙو وڻ جو ٽار هيٺ لڙي پيو هجي. ٿوري دير ڪانپوءِ رئيس گلڻ خان گول باڊي جي زال وڏيري گلان گول باڊي آئي ۽ سڀني مائين کي بهاري پولنگ اسٽيشن وٺي وئي. ائين پئي لڳو جهڙو ڌراڙ ٻڪريون ڪاهيو پيو وڃي. مون کي به اچي بدن ۾ خارش ٿي ته آئون به ووٽ ڏئي اچان پر آئون غريب ماڻهو. منهنجا ڪپڙا اهڙا پراڻا ۽ ميرا هئا. جهڙو آهوري ۾ بجيل گاهه تي مينهن اوڳر ڪري وئي هجي. پوءِ سڻوٽ صدوري کي منٿ ميڙ ڪري هڪڙو فضيلت وارو ڌوٽل ۽ استري ٿيل وڳو وٺي وهنجي سهنجي پائي ڏاڍا تيل سرما هڻي، پٽڪو ٻڌي آئون به ويس ووٽ ڏيڻ. اتي پهتس ته ابا وڏي قطار لڳل هئي. منهنجو نمبر آيو 420. مون کي پڪ ٿي ته سج لٿي تائين هي قطار ختم ڪا نه ٿيندي. اتي ماسات ماڪوڙي کي ايندي ويندي ڏٺم. حال احوال ورتم. چيائين ته منهنجي اندر اسٽاف جي چانهه پاڻي ۽ خدمت ڪرڻ جي ڊيوٽي لڳل آهي. چيومانس يار مون کي هن ڏکي پلصراط جهڙي قطار مان ڪڍي ووٽ ڏياري اچ. هو وڏي بالٽي پاڻي جي ڀري پئي ويو. چيائين پهرين اها اندر ڪئي هل. پوءِ تنهنجي سفارش ڪندس. آئون بالٽي کڻي اندر ويس. ماسات ماڪوڙي منهنجي سفارش ڪئي. منهنجو ووٽ ٿي ويو. ٻاهر نڪري مون کي چيائين ته ايترن ووٽن کان اڳ مون تنهن جو ووٽ ڪرايو آهي. مون کي هزار روپيا رشوت ڏي. مون اتي بيٺل صوبيدار ڏانهن اشارو ڪيو ته هي مون کان رشوت ٿو وٺي. صوبيدار آيو ته ماسات ماڪوڙي بي ڳالهه ڪئي ته صاحب ڪجهه ڪونهي. اسان جو سڳاوٽي جهيڙو آهي. خير صوبيدار منهنجي جان ڇڏي.

اليڪشن اڃان هلي پئي پر طوطن ماءُ مان وڏيري گلان گول باڊي هٿ ئي نه ڪڍي. چيومانس خير آهي. ڇا مسئلو آهي. جو گهر ۾ رهين ئي ڪا نه ٿي! خير مس مس شام جا پنج ٿيا. پولنگ ختم ٿي. طوطن ماءُ گهر موٽي آئي. مون شڪر ڪيو پوءِ ويناسين ٽي وي تي. نتيجا صحيح اچن ئي ڪونه. جيڪي جيل ۾ هئا، انهن جون سيٽون سڀ کان مٿي ۽ جيڪي آزاد هئا. انهن جون سيٽون گهٽ. پوءِ انهن پٺي پاڻ ۾ سوديبازي ڪئي. ڪن ڳالهين تي هي راضي، ڪن ڳالهين تي هو راضي. اليڪشن کي 10 ڏينهن ٿي ويا. ملڪ کي ڪا حڪومت ڪا نه ملي. آئون پريشان ٿي ويس ۽ نفسياتي مريض ٿي ويس ته اسان کي ڪا به حڪومت ڪانه ٿي ملي. افسوس اسان کي نه ايمانداري واري حڪومت ملي، نه ڪرپشن ۽ پيسا ڪمائيندڙ حڪومت ملي. انهن حالتن ۾ مايوس ٿي آئون نجومي ٽي ويس. هڪ سابق ڪامريڊ اچي مون کان پڇيو ته حڪومت ڪنهن کي ملندي. نون ليگ کي يا پ پ کي؟ ڪن ۾ چيومانس ته. جنهن کي مٿيان ۽ وڏا چاهيندا. انهيءَ کي حڪومت ملندي پر اها ڳالهه پڪي ڪنهن سان نه ڪجان، نه ته مون غريب جي زندگي خطري ۾ پئجي ويندي.

* * *

جان عاشق مٿي رَتُ، تان دعويٰ ڪري مَ نينهن جِي؛
سائو مُنهن، سُونهن گَئِي، سِڪَڻَ اِيُ شرطُ:
نَڪِي گوڙُ گَرَتُ، مَٿا سِرَ سوُدا ڪَري.

سنڌ ۾ ساڃهه وندن جي ٽارگيٽ ڪلنگ

خاصخيلي لطيف

سنڌ جي تاريخ ريٽي رت جي قرباني سان ڀري پئي آهي. انگريز دور کان وٺي اڄ ڏينهن تائين حق سچ جي آواز کي دٻايو ۽ ڪچليو ويو آهي. جيڪو قانون انگريز ٺاهي ويو هو، اهو ئي نظام اڄ ڏينهن تائين اسان جي مٿان مسلط ٿيل آهي. سچ ڳالهائڻ ۽ لکڻ تي سخت پابندي هڻي ڇڏي، جنهن جو نتيجو اهو نڪتو ته جلد ئي ملڪ به ٽڪرا ٿي ويو. ظالم ۽ مظلوم هڪ ٻئي جي سامهون نروار ٿي ويا، جنهن جي اڳڪٿي مولانا ابوالڪلام آزاد ڪئي ته مذهب ۽ زبان جي بنياد تي ملڪ نه ٺاهيو وڃي. ان دور کان اڄ ڏينهن تائين هتي جيڪو به سچ ڳالهائي ۽ پنهنجن حقن جي ڳالهه ڪري ٿو ته ان جي آواز کي هميشه جي لاءِ ختم ڪيو وڃي ٿو ۽ اهڙي ريت اهو ڪڏو عمل ڪيو وڃي ٿو جو ان جا نشان ۽ پيرا به ڪونه ٿا ملن. قومي سياست ڪندڙ حق سچ جي راهه تي هلڻ وارن کي ڪئين نه ڪهڙي نموني سان رستي تان هٽايو وڃي ٿو؛ جيڪو عمل خاص طور سنڌ ۽ بلوچستان ۾ جاري آهي. سون جي تعداد ۾ اڃان تائين قومي ڪارڪن جيڪي پنهنجي بنيادي حقن جي ڳالهه ڪن ٿا، انهن کي لاپتہ ڪيو ويو آهي. انهن جو اڄ ڏينهن تائين پتو ڪونهي ته اهي ڪٿي آهن.

تازو اسلام آباد ۾ بلوچن طرفان صرف بلوچ گمشده ڪارڪنن لاءِ احتجاج ڪيو ويو هو پر ان جو ڪو به ڪڙتيل نه نڪتو جيڪي مسلسل جدوجهد ڪندا نظر اچن ٿا. سنڌ ۾ به ساڳئي صورتحال آهي. سنڌ ۾ سون جي تعداد ۾ قومي ڪارڪن بيگناهه رات جي اونداهين ۾ ماريا ويا آهن. چيريل لاش مليا آهن. اهڙوئي هڪ سانحو ماڙي جلباڻي وارو واقعو آهي. جتي پڻ بيگناهه مظلوم سنڌي ماريا ويا پر ڪنهن عالمي ميڊيا ان تي آواز نه اٿاريو. جيڪو سلسلو اڄ ڏينهن تائين هلندو اچي. اهڙن واقعن تي نظر ڊوڙائينداسين ته اسان کي اهڙا سوين انسانيت سوز واقعا نظر ايندا، جن تي تفصيل سان لکجي ته ڪئين ڪتاب جڙي پوندا. انساني حقن جي ڳالهه ڪرڻ گمشده ماڻهن جي لاءِ آواز اٿارڻ هڪ انساني فرض آهي. اهو ڪو ملڪي ڏوهه ڪونهي. قوم کي تعليمي اخلاقي شعور ڏيڻ، سچ اڳ ڪرڻ بنيادي انساني حقن ۾ شامل آهي. پر هتي قانون ئي ابتا ٺاهيا ويا آهن. جيڪو ڏاڍو سو گابو وارو قانون هلي رهيو آهي. مرڻ واري کي خبر ئي ڪونهي ته مون کي ڇو ٿو ماريو وڃي منهنجو ڏوهه ڪهڙو آهي؟ ڇا صرف حق ۽ سچ جي راهه تي هلڻ جي ڪري ڪنهن کي رستي تان هٽائڻ لاءِ ڪيس قتل ڪيو وڃي ٿو. سنڌ جي تاريخ ۾ اهڙا واقعا روز جو معمول بڻجي ويا آهن ۽ اسين به هميشه وانگر انهن بيگناهه قتل ٿيل قومي ڪارڪنن، سماج سڌارڪ حق سچ لکندڙ صحافين، مظلومن لاءِ آواز بلند ڪندڙ انسانن جا لاشا کڻي وڏا وڏا نعرا هڻندي ڪين مٽيءَ ماءُ جي حوالي ڪري واپس ورندا آهيون ته خبر ناهي هاڻي ڪنهن جو وارو آهي. ڪلهه ته اسان جان محمد مهر کي دفنائي آيا آهيون، ناظم جوکئي کي به حق جي ڳالهه ڪرڻ تي تشدد ڪري ماريو ويو سنڌ ۾ تمام گهڻا اهڙا واقعا روز ٿين ٿا، جيڪي ميڊيا تائين پهچي ئي ڪونه سگهيا آهن. جيڪا ڳالهه ميڊيا تائين پهچي ٿي ته اها عوام آڏو اچي ٿي. باقي تمام گهڻا ظلم اهڙا آهن. جيڪي رڪارڊ تي اچي نه سگهيا آهن. بيهو ته اسين انهن جي خلاف لکڻ جي جرئت به ڪونه ٿا ڪري سگهون. ڪجهه ڏينهن اڳ ڪامريڊ هدايت لوهار کي ڪلهوڙيڏيئي مٽيءَ ماءُ جي حوالي ڪيو ويو آهي. جيڪو پڻ انهي راهه جو مسافر هو. جيڪو حق سچ جي ڳالهه ڪندڙ، تدريس جي مقدس شعبي سان لاڳاپيل هو. ان جو ڏوهه اهو هو ته هي هو مظلوم ماڻهن جي ڳالهه ڪندو هو انهن جي لاءِ جدوجهد ڪندو هو. ان کي ان رستي تان هٽائڻ لاءِ بيدردي سان قتل ڪيو ويو. جيڪو عمل هن ظالم سماج تي ڪارو داغ آهي.

بقايا ✻✻✻ 01

جسٽس جمال خان مندوخيل، جسٽس محمد علي مظهر، جسٽس سيد حسن اظهر رضوي ۽ جسٽس مسرت هلالي تي ٻڌل سپريم ڪورٽ جي 9 رڪني لارجر بينچ ريفرنس جي ٻڌڻي ڪئي. پيپلزپارٽي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري به ٻڌڻي لاءِ سپريم ڪورٽ پهتو ٻڌڻي ۾ اڳوڻو جج اسد الله چمڪڻي به عدالتي مددگار طور پيش ٿيو. ٻڌڻي دوران جسٽس قاضي فائز عيسيٰ رمارڪس ڏنا ته هو فوجداري قانون جو ماهر آهي ان ڪري ڪيس مرحلي ۾ ٻڌنداسين. جڊيشل اسسٽنٽ صلاح الدين به عدالت ۾ پيش ٿيو چيف جسٽس سائس ڳالهائيندي چيو ته صلاح الدين صاحب جيڪڏهن ناراض نه ٿيو ته مخدوم صاحب سينيئر آهي. پهرين ڪيس ٻڌنداسين. تنهن بعد جسٽس قاضي فائز عيسيٰ رمارڪس ڏنا ته اسان جو بنيادي ڌيان آئيني رخن تي آهي. مخدوم علي خان عدالت کي ٻڌايو ته سپريم ڪورٽ تميز الدين خان ڪيس ۾ نظرثاني ڪئي. جسٽس منصور علي شاهه چيو ته ان ڪيس ۾ اصل سوال اهو آهي ته عدالتي ڪارروائي ۾ طريقيڪار درست اختيار ڪيو ويو يا نه؟ چيف جسٽس پاڪستان چيو ته اسان جو ٻڌڻي جو اختيار واضح آهي. 2 پيرا نظرثاني نٿي ٿي سگهي. اسان هن ڪيس ۾ لڪير ڪيئن ڇڪي سگهون ٿا؟ هن دريافت ڪيو ته ڇا هن ڪيس ۾ تعصب جو سوال آهي يا غلط فيصلو ڪرڻ کي تسليم ڪرڻ آهي؟ عدالتي مددگار دليل ڏنا ته هڪ جج انٽرويو ۾ چيو ته مٿس دٻاءُ هو جنهن تي قاضي فائز عيسيٰ چيو ته هن اهو نه چيو ته مان تعصب جو شڪار هيس. جيڪڏهن مان دٻاءُ برداشت نه ڪري سگهيس ته مون کي عدالتي بينچ کان ڌار ٿيڻ گهرجي. هڪ شخص چئي سگهي ٿو ته ڪو تعصب جو شڪار آهي پر ٿي سگهي ٿو ته بيو اها راءِ نه رکي. مخدوم علي خان جسٽس نسيم حسن شاهه جي انٽرويو بابت دليل ڏيندي عدالت کي ٻڌايو ته تعصب کي ثابت ڪرڻ تقريبن ناممڪن آهي. چيف جسٽس پڇاڻو ڪيو ته اسان جي سامهون اهو معاملو تعصب جو آهي يا اڳوڻي جج جي اعتراف جو؟ مخدوم علي خان جواب ڏنو ته جج جي انٽرويو جو حصو تعصب جو اعتراف هو. قاضي فيض عيسيٰ چيو ته ان کي تعصب جو اعتراف چئبو يا غلطيءَ جو اعتراف؟ مخدوم علي خان چيو ته انٽرويو ۾ دٻاءُ جو ذڪر ڪيو ويو ته مٿس دٻاءُ هو

بقايا ✻✻✻ 02

۽ پارٽي اڳواڻ جمال شاهه ڪاڪڙ به ملاقات ۾ موجود هئا. بلوچستان اسيمبلي جي تڪ پي بي 41 ۽ پي بي 51 تان نون چونڊيل آزاد صوبائي اسيمبلي ميمبرن ولي محمد ۽ عبدالخالق (ن) ليگ ۾ شامل ٿي ويا. شهباز شريف ولي محمد ۽ عبدالخالق خان کي مسلم ليگ(ن) ۾ شموليت تي مبارڪباد ڏني ۽ سندن آجيان ڪئي.

بقايا ✻✻✻ 03

ذوالفقار علي ڀٽو ريفرنس ڪيس بابت پنهنجي خيالن جو اظهار ڪيو هن چيو ته مان هن ڪيس ۾ انصاف گهري رهيو آهيان مون کي اميد آهي ته آئين جي باني کي اعليٰ عدليه مان انصاف ضرور ملندو. بلاول ڀٽو چيو ته فيصلو آيو ته مستقبل ۾ عدليه هجي يا ڪو بيو ادارو اهڙو ڏوهه ٻيهر نه ڪيو ويندو اميد آهي ته فيصلي جي ڪري اداري تي جيڪو داغ آهي اهو ختم ڪيو ويندو. شهيد بينظير ڀٽو جو خواب هو ته هو پنهنجي والد کي انصاف ڏياري. هن چيو ته پيپلز پارٽي فيصلو ڪيو آهي ته انهن سان گڏجي ڳالهيون ڪريون. پر جيڪڏهن مون کي مسلم ليگ(ن) کي ووٽ ڏيڻو آهي ته اهو مان پنهنجي شرطن تي ڏيندس. مان(ن) ليگ جي شرطن تي ڪيس ووٽ ڪيئن ڏيان؟ هن چيو ته عام چونڊن پاڪستان جي عوام ڪنهن به هڪ پارٽي کي مڪمل مينڊيٽ نه ڏنو عوام چاهي ٿي ته ملي هن ملڪ کي هلايو وڃي جمهوريت ۾ سڀني کي ملي هلڻو پوندو آهي. سياسي پارٽين کي پاڻ ۾ ويهي ملڪ جو مستقبل طئي ڪرڻو پوندو. ڳالهين سان ئي مسئلن جو حل ڪڍي سگهجي ٿو (ن) ليگ سان اسان جون ڳالهيون هلي رهيون آهن. اسان وٽ اڪثريت نه آهي جيڪو ڪجهه به ڪري رهيا آهيو عوام لاءِ ڪري رهيا آهيون. اڳوڻي پرڏيهي وزير چيو ته مان سمجهان ٿو ته ڳالهين ۾ جيڪا دير ٿي آهي اها ڳالهين واري ڪميٽي جي غير سنجيدگي سبب ٿيو آهي اهو نقصان مون کي نه ٿي رهيو آهي پر اهو نقصان پاڪستان ۽ پاڪستان جي جمهوريت کي ٿي رهيو آهي. تحريڪ انصاف سان اتحاد بابت بلاول ڀٽو چيو ته پي ٽي آءِ جي اڪثريت آهي پر اها چوي ٿي ته ڪنهن سان به ڳالهيون نه ڪنديون. پي ٽي آءِ جيستائين ڳالهيون نه ڪندي تيستائين حڪومت نٿي ٺهي سگهي. پي ٽي آءِ پيپلز پارٽي سان ڳالهين جي لاءِ راضپو ظاهر نه ڪيو آهي. هڪ سوال جي جواب ۾ هن چيو ته مون اسٽيبلشمينٽ جو سهارو نه ورتو آهي. الزام کان اڳ ثبوت پيش ڪندس. جيڪڏهن مون ڪنهن شيءِ جو سودو ڪيو آهي ته ان جو ثبوت ڏنو وڃي. مون هميشه قانون جي بالادستي ڪئي آهي. مولانا جيڪا ڳالهه ڪئي ان جو جواب هو پاڻ ڏئي.

بقايا ✻✻✻ 04

عليمه خان ۽ عظميٰ خان سان اڊيالا جيل ۾ ملاقات دوران ڪيو. اڊيالا جيل ٻاهران صحافين سان ڳالهائيندي عليمه خان عمران خان جي گفتگو ميڊيا سامهون پيش ڪئي ۽ ٻڌايو ته پي ٽي آءِ باني چيو آهي ته مدر آف آل يوٽرنز ووٽ کي عزت ڏيو بدران بوٽ کي عزت ڏئي ڇڏي. مدر آف آل سليڪشن اها هئي ته ڪرمنلز جا ڪيس ختم ڪري پي ٽي آءِ باني تي وڌا ويا ۽ 32 سالن جي سزا ڏني وئي ۽ پري پول ريگنگ ۽ اليڪشن ڊي ريگنگ اها هئي ته عوام ۽ ووٽرن کي پنهنجا نمائندا چونڊڻ جي اجازت نه ڏني وئي. عليمه خان موجب عمران خان چيو ته ووٽنگ ڊي تي انٽرنيٽ بند ڪئي وئي. ماڻهو ووٽن لاءِ ڀٽڪندا رهيا. عوام کي سڄو ڏينهن ذليل ڪيو ويو. رات جو خواهشن موجب نتيجا نه مليا ته ٻيهر انٽرنيٽ بند ڪئي وئي. رات جو مدر آف پوسٽ پول ريگنگ ڪئي وئي. عمران خان جو چوڻ هو ته فارم 45 کي نظرانداز ڪري نتيجو تبديل ڪيو ويو هتي هڪ ڪمشنر ته ڪيترائي ماڻهو آهن جيڪي گهڻا ثبوت ڏئي چڪا آهن. اندر جا ثبوت به موجود آهن ۽ جن ثبوت ڏنا انهن کي ماريو ويندو اسان کي ڳڻتي آهي ته هاڻ پنڊي جي ڪمشنر تي تشدد ڪيو ويندو. عليمه خان ٻڌايو ته پي ٽي آءِ باني چيو ته دنيا سامهون وڌيڪ تماشو نه بڻايو. جنهن جو مينڊيٽ آهي ان کي ڏئي عوام جي راءِ جو احترام ڪيو وڃي.

بقايا ✻✻✻ 05

چيو ته مسلم ليگ(ن) ۽ پيپلز پارٽي ۾ اڄ يا سڀاڻي تائين معاملا طئي ٿي ويندا(ن) ليگ سان 16 مهينن جي اتحاد جو تجربو سٺو نه رهيو. چاهيون ٿا ته ماضي ۾ جيڪي مسئلا رهيا هاڻ مستقبل ۾ اهي نه ٿين هن چيو ته پيپلز پارٽي ۽(ن) ليگ جي منشور ۾ فرق آهي. پيپلز پارٽي جو منشور ان وقت لاڳو هوندو جڏهن وزيراعظم انهن جي پارٽي مان هوندو. 3 سال ۽ 2 سال وزيراعظم بڻجڻ وارو ڪو به فارمولو نه هلندو. پ پ اڳواڻ چيو ته اسان تي پارٽي جو تمام وڏو پريشر آهي ته ڪابينه جو حصو به نه بڻجو ۽ پيپلز پارٽي جي سينٽرل ايگزيڪيٽو ڪميٽي جو فيصلو آهي ته اسان حڪومت جو حصو نه بڻجنداسين. جڏهن ته آئيني عهدن جي لاءِ اليڪشن ۾ حصو وٺنداسين جو جمهوري حق آهي. هن وڌيڪ چيو ته قيادت تمام جلد سنڌ جي وڏي وزير جو نالو فائنل ڪري ڇڏيندي.

بقايا ✻✻✻ 06

سوشل ميڊيا تي فحش مواد خلاف درخواست تي ٻڌڻي ڪئي. جنهن دوران درخواستگذار وڪيل پنهنجي دليلن ۾ چيو ته فيملي وي لاڳنگ جي نالي تي فحاشي کي هٿي ڏني پئي وڃي. ٻڌڻي دوران پي ٽي اي جي وڪيل عدالت کي ٻڌايو ته فيس بڪ، يو ٽيوب يا ڪنهن ويب سائيٽ تي مواد هٽائڻ جو اختيار پي ٽي اي کي ناهي، اعتراض جوڳو مواد هٽائڻ لاءِ لاڳاپيل اختيارين کي لکيو ويندو آهي. ان دوران پي ٽي اي وڪيل جواب جمع ڪرائڻ لاءِ مهلت گهري. جنهن تي عدالت چيو ته فيس بڪ، ٽڪ ٽاڪ ۽ ٻين ايپس تان فحش مواد هٽايو وڃي. ڪجهه به ٿئي حڪمن تي مڪمل طور عملدرآمد ٿئي ۽ سمورين ويب سائيٽس تان اعتراض جوڳو مواد هٽايو وڃي. عدالت سوشل ميڊيا تي غير اخلاقي مواد خلاف فوري طور ايڪشن وٺڻ ۽ سڄو چارٽ ٺاهي رپورٽ پيش ڪرڻ جو حڪم ڏنو

بقايا ✻✻✻ 07

سينٽرل پاور پرچيزنگ اٿارٽي(سي پي پي اي) طرفان نيپرا ۾ قيمت ۾ واڌ جي لاءِ ڏنل درخواست تي ٻڌڻي نيشنل اليڪٽرڪ ريگوليٽري اٿارٽي 23 فيبروري تي ڪندي جنهن ۾ هڪ مهيني جي لاءِ بجلي 7 روپيه 13 پئسا في يونٽ مهانگي ٿيڻ جو امڪان آهي. سي پي پي اي طرفان بجلي مهانگي ڪرڻ جي درخواست نيپرا ۾ جمع ڪرائي وئي آهي جنهن ۾ اهو اضافو جنوري جي فيول پرائس ايڊجسٽمنٽ جي مد ۾ طلب ڪيو ويو آهي. بجلي جي قيمت ۾ واڌ جي منظوري جي صورت ۾ صارفين تي 66 ارب روپين کان وڌيڪ جو بار پوندو.

بقايا ✻✻✻ 08

ڪورٽ جي جسٽس ثمن رفعت امتياز جي سربراهي ۾ شير افضل مروت جي ڪيسن جا تفصيل فراهم ڪرڻ ۽ هيسائڻ خلاف درخواست جي ٻڌڻي ڪئي، جنهن ۾ شير افضل مروت عدالت ۾ پيش ٿيو ٻڌڻي دوران شير افضل مروت عدالت ۾ موقف اختيار ڪيو ته هنن احتجاج ڪيو ۽ ريلي ڪڍي، جنهن بعد سندس گهر تي ڇاپو هنيو ويو. رات جو هڪ وڳي منهنجي گهر جو دروازو ٽوڙي هاريو ويو. شير افضل مروت عدالت کي ٻڌايو ته ڪيس هڪ ايف آءِ آر جي خبر آهي جنهن ۾ ڪالهه ضمانت ٿي هئي. مخالفن خلاف ڪيترائي ڪيس داخل ڪيا وڃن پيا. پوليس ۽ ايف آءِ اي کان ڪيسن جا تفصيل حاصل ڪيا وڃن. جسٽس ثمن رفعت امتياز رمارڪس ڏنا ته پهريان نوٽيس ڏئي جواب طلب ڪن ٿا، جنهن تي شير افضل مروت استدعا ڪئي ته ڪيس جو اميد ناهي. بغير وارنٽ جي گهر ۾ داخل ٿيڻ ۽ هيسائڻ کان روڪڻ جو حڪم ڏنو وڃي. عدالت ڌرين کي نوٽيس جاري ڪندي شير افضل مروت خلاف داخل ڪيس بابت ڄاڻ فراهم ڪرڻ، ڪيس هراسان نه ڪرڻ ۽ ڪنهن به ڪارروائي کان روڪڻ جو حڪم ڏيندي ٻڌڻي 26 فيبروري تائين ملتوي ڪري ڇڏيو

بقايا ✻✻✻ 09

جي پڇڪڙي جو ڪيس هلايو ويندو. هن چيو ته گم ٿي ويل ماڻهن جي مسئلي کي التوا ۾ وجهڻ جي لاءِ اهو سڀ ڪجهه ڪيو ويو آهي. ٻئي طرف اجلاس ۾ سينيٽر مشتاق احمد به چيف اليڪشن ڪمشنر کان استعيفيٰ جو مطالبو ڪندي چيو ته اليڪشن ڪميشن شفاف چونڊون ڪرائڻ ۾ ناڪام رهيو چيف اليڪشن ڪمشنر شفاف چونڊن ۾ ناڪامي تي استعيفيٰ ڏئي. اهي ڪوڙيون چونڊون هيون جنهن سان جعلي حڪومت بڻجندي. هن چيو ته اليڪشن ڪميشن غداري ڪئي آهي اليڪشن ڪميشن عوام کان معافي گهري، چيف اليڪشن ڪمشنر جي خلاف ڪيس هلڻ گهرجي. سينيٽر مشتاق احمد وڌيڪ چيو ته سوشل ميڊيا پليٽ فارم ٽوئٽر 3 ڏينهن کان بند آهي. دال ۾ ڪجهه ڪارو نه آهي پر سموري دال ڪاري آهي. ٽوئٽر تي پابندي سان تعليمي ۽ معاشي نقصان ٿي رهيو آهي. پي ٽي آءِ جي سينيٽر وليد اقبال جو چوڻ آهي ته عام چونڊن دوران موبائل فون ۽ انٽرنيٽ سروس بند ڪئي وئي. عالمي ادارن به چونڊن کي تڪراري قرار ڏنو آهي. ن ليگ جي سينيٽر عرفان صديقي جو چوڻ آهي ته اڪثريت جو فيصلو قبول نه ڪرڻ سبب ملڪ به اڌ ٿي چڪو آهي. هن چيو ته ڌانڌلي ٿي ته سڄي ملڪ ۾ ٿي آهي، ڇا ڪي پي ۾ امام ڪعبا يا وري ڪنهن ٻئي اليڪشن ڪرائي آهي.

بقايا ✻✻✻ 10

آهي، جنهن ۾ مڪاني ادارن جي خود مختياري ترجيح آهي. ذريعن موجب ن ليگ وفد ايم ڪيو ايم کي خاطري ڪرائي آهي ته عوامي مفادن لاءِ انهن ترميمن تي پارٽي انهن کي سپورٽ ڪندي. ذريعن جو چوڻ آهي ته ايم ڪيو ايم واضح طور تي چيو آهي ته سنڌ ۾ گورنر شپ ايم ڪيو ايم جو حق آهي. جنهن تان هٿ نه کڻنداسين. ايم ڪيو ايم اهو به چيو آهي ته ايم ڪيو ايم کي وفاقي ڪابينا ۾ شامل ٿيڻ جو ڪو شوق ناهي ۽ اسان ڪنهن به جماعت جيان حڪومت سازي لاءِ بليڪ ميل نه ڪنداسين.

بقايا ✻✻✻ 11

محمد سهيل مارجي ويو. آءِ ايس پي آر ٻڌايو ته مارجي ويل دهشتگرد قانون لاڳو ڪندڙ ادارن خلاف دهشتگردي جي ڪيترين ئي ڪارروائين ۾ ملوث هو. هو معصوم شهرين جي ٽارگيٽ ڪلنگ ۾ به ملوث هو آءِ ايس پي آر موجب ٻين دهشتگردن جي خاتمي لاءِ علائقي ۾ ڪليئرنس آپريشن جاري آهي.

بقايا ✻✻✻ 12

ڪانپوءِ صحافين سان ڳالهائيندي بئريسٽر گوهر چيو ته اسان اليڪشن ڪميشن کان مطالبو ڪندا رهياسين ته شفاف چونڊون ڪرايو پر اليڪشن ڪميشن پنهنجي ذميواري نڀائڻ ۾ ناڪام رهي. اسان جو مطالبو آهي ته نتيجا فارم 45 تحت جاري ڪيا وڃن هن چيو ته پي ٽي آءِ باني جي هدايتن جي روشني ۾ اسان چيف اليڪشن ڪمشنر کان استعيفيٰ جو مطالبو ڪيون ٿا. جڏهن ته نتيجا عوامي مينڊيٽ تحت جاري ٿيڻ گهرجن. سندس چوڻ هو ته راولپنڊي جي ڪمشنر واضح طور ٻڌايو ته ڪيئن ڌانڌلي ٿي. ڪيس ۽ سندس خاندان کي مڪمل طور سيڪيورٽي ڏني وڃي. جيڪڏهن فارم 45 تحت نتيجا جاري نه ڪيا ويا ته ان سان آءِ ايم ايف پروگرام متاثر ٿيندو

بقايا ✻✻✻ 13

ووٽن کي ضايع ٿيڻ نه ڏينداسين. سندس چوڻ هو ته آخر تائين جي ڊي اي جي ساٿين سان گڏ هلندو رهندس. ملڪ کائيندڙن جو نيب احتساب ڪري. پير پاڳاري چيو ته فارم 45 جي جاچ ڪئي وڃي، ڌانڌلي خلاف احتجاج جو حق رکون ٿا. 23 فيبروري تي ڪراچي ۾ جلسو ڪنداسين.

بقايا ✻✻✻ 14

پٺائي آباد جي گهٽي نمبر اٺويهه ۾ ٻنهي گروپن ۾ جهيڙي دوران فائرنگ جي نتيجي ۾ صابر مگسي ٿڏي تي مارجي ويو گولين لڳڻ سبب ڇهه ڄڻا زخمي ٿي پيا، جن کي علاج لاءِ اسپتال منتقل ڪيو ويو زخمين مان هڪ جي حالت ڳڻتي جوڳي آهي. اطلاع ملڻ تي پوليس پهچي مقتول جو لاش اسپتال کڻائي وئي، ضروري ڪارروائي ڪانپوءِ سندس وارثن حوالي ڪيو ويو يوسي ٽوجي ڪائونسلر شوڪت نذير چيو آهي ته مقتول جو تعلق پيپلز پارٽي سان هو. جيڪو شادي شده ۽ ٻن ٻارن جو پيءُ آهي.

بقايا ✻✻✻ 15

تڪرار جي پوائنٽي انساني قيمت تي شديد فڪرمند آهيان. ان تڪرار ۾ تمام گهڻا ماڻهو مارجي ويا. هن چيو ته آئون به سڀني جيان ان جنگ جو جلد کان جلد خاتمو چاهيان ٿو. غزا ۾ هن وقت انساني امداد جي سخت ضرورت آهي. اهو گهڻو اهم آهي ته غزا ۾ امداد پهچي ۽ يرغمالي به آزاد ٿين. سياسي معاملن تي برطانوي شاهي خاندان جي ڪنهن به فرد جو بيان غيرمعمولي آهي.

بقايا ✻✻✻ 16

پاڪستان جي آئين ۾ هر صورتحال مان نڪرڻ جو رستو موجود آهي. پارليامينٽ هائوس ٻاهران صحافين سان ڳالهائيندي اطلاعات ۽ پارلياماني معاملن واري نگران وفاقي وزير چيو ته اهي ماڻهو جيڪي مختلف طرح سان ماڻهن جي خدمت ڪن ٿا، انهن جي لاءِ آواز بلند ڪرڻ گهرجي. اهي شاعر، موسيقار، فنڪار، ڊرامي نگار جيڪي ڪروڙپتي نه آهن، انهن جي خدمتن جو اعتراف ٿيڻ گهرجي. هن چيو ته اشرافيه جي ڪلبز کي به گهرجي ته اهي اهڙن ماڻهن جي خدمتن جو اعتراف ڪن. ڪنهن کي ميمبرشپ ڏيڻ وقت رڳو پئسي کي نه ڏٺو وڃي، خدمتن کي به ڏٺو وڃي. هڪ سوال جي جواب ۾ اطلاعات ۽ پارلياماني معاملن واري نگران وفاقي وزير چيو ته آئين تحت چونڊن ڪانپوءِ قومي اسيمبلي جو اجلاس 29 فيبروري تائين گهرائي سگهجي ٿو جنهن ۾ اڃا ڪجهه ڏينهن باقي آهن هن چيو ته اها معمول جي ڪارروائي آهي. ان ۾ ڪنهن به قسم جو تعطل يا ڊيڊ لاڪ نه آهي. نگران وفاقي وزير چيو ته ورچ ٿيل پارليامينٽ آهي، ڪنهن سياسي پارٽي وٽ سادي اڪثريت نه آهي، سياسي پارٽين جي وچ ۾ ڳالهيون هلي رهيون آهن هن چيو ته پاڪستان جو آئين جامع ۽ تفصيلي آهي. فرض ڪريو ته سياسي پارٽين جي وچ ۾ ڪنهن قسم جو اتفاق راءِ پيدا نٿو ٿئي ته آئين ۾ ان جو رستو موجود آهي.

بقايا ✻✻✻ 17

اسڪول ٽيچر جي ڀرتي لاءِ پيپر آئوٽ ٿيڻ خلاف اميدوارن پاران ٺٽي سڙڪ روڊ تي ڌرڻو هنيو ويو. لاڙڪاڻي ۾ سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن جو پيپر آئوٽ ٿيڻ خلاف اميدوارن پاران فرمان علي ميمڻ، شفيع محمد جتوئي، نثار احمد لاشاري ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو مظاهرين جو چوڻ آهي ته سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن ۾ ميرٽ جو قتل عام ٿي رهيو آهي. غلط پيپر ملڻ جي شڪايت تي انتظاميا پيپر ئي ملتوي ڪري ڇڏيو هنن اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو ته معاملي جو نوٽيس وٺي ذميوارن خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي.

بقايا ✻✻✻ 18

سسٽم جي اثر هيٺ بلوچستان ۽ سنڌ ۾ برسات جو امڪان آهي. موسم جو حال ٻڌائيندڙن چيو آهي ته ڪراچي ۾ به انهي سسٽم جي اثر هيٺ برسات پوڻ جو امڪان آهي ۽ اهو سسٽم 27 فيبروري تائين اثر انداز رهندو. موسميات کاتي اسلام آباد ۾ به ڪنهن سان وڌيڪ برسات، گلڳت ۽ ڀرپاسي ۾ برسات ۽ برفباري جي اڳڪٿي ڪئي آهي. راولپنڊي، اٽڪ، جهلم، گجرات، سيالڪوٽ، نارووال ۽ لاهور ۾ به وڌيڪ برسات جو امڪان ظاهر ڪيو آهي. ڏکڻ بلوچستان ۾ به تيز هوائن هلڻ جو امڪان آهي. جڏهن ته مختلف ضلعن ۾ موسم خشڪ رهڻ جي اڳڪٿي ڪئي وئي آهي. سنڌ جي مختلف ضلعن ۾ به تيز هوائون هلڻ جو امڪان ظاهر ڪيو ويو آهي. ايبٽ آباد، مانسهره ۽ ڀرپاسي ۾ برسات ۽ برفباري جو امڪان ظاهر ڪيو ويو آهي. ٻئي پاسي ملڪ جي مٿاهين علائقن ۾ 3 ڏينهن کان جاري برسات ۽ برفباري سبب مختلف هنڌن تي روڊ بند ٿي ويا جڏهن ته بجلي ۽ مواصلات جو نظام به درهم برهم ٿي ويو آهي. صورتحال کي نظر ۾ رکندي آزاد ڪشمير جي 7 ضلعن ۾ امڪان ملتوي ڪيا ويا آهن. برسات ۽ برفباري وڌيڪ هڪ ڏينهن تائين جاري رهڻ جو امڪان ظاهر ڪيو ويو آهي.

بقايا ✻✻✻ 19

117 تان ڪاميابي جو نوٽيفڪيشن اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ۾ چيلينج ڪيو ويو آهي. عدالت سڳوري ۾ داخل ڪيل درخواست ۾ استدعا ڪئي وئي آهي ته 9 فيبروري تي جاري ڪيل فارم 47 کي ڪالعدم قرار ڏنو وڃي ۽ 15 فيبروري تي جاري ڪيل عليم خان جي ڪاميابي جو نوٽيفڪيشن معطل ڪيو وڃي. درخواستگذار عدالت کان استدعا ڪئي ته سمورن اميدوارن جي موجودگي ۾ رزلٽ جوڙڻ جو حڪم جاري ڪيو وڃي. عدالت اليڪشن ڪميشن ۽ ريٽرننگ آفيسرن کان لاڳاپيل رڪارڊ به طلب ڪري. درخواست ۾ اليڪشن ڪميشن، آر او ۽ ٻين اميدوارن کي به ڌر بڻايو ويو آهي.

بقايا ✻✻✻ 20

ويب سائيٽس جي بندش مانيٽر ڪندڙ سائيٽ "ڊائون ڊٽيڪٽر" موجب پاڪستان ۾ 17 فيبروري جي رات جو 9 وڳي کان ايڪس جي سروس ڊائون ٿي هئي. پر ايڪس جي سروس سومر جي ڏينهن رات جو ڏيڍ وڳي بحال ٿيڻ کان پوءِ بيهر متاثر ٿي وئي. اڱارجي ڏينهن به ايڪس جي سروس اڌ ڪلاڪ بحال ٿيڻ کان پوءِ وري ڊائون ٿي وئي هئي. پي ٽي اي ايڪس جي بندش تي موقف ڏيڻ کان پاسو ڪري رهيو آهي. ٻي پاسي پاڪستان جي انساني حقن جي ڪميشن انٽرنيٽ يا ڪنهن به سوشل ميڊيا پليٽ فارم کي بند ڪرڻ جي عمل فوري طور تي ختم ڪرڻ جو مطالبو ڪيو آهي.

بقايا ✻✻✻ 21

ويب سائيٽس جي بندش مانيٽر ڪندڙ سائيٽ "ڊائون ڊٽيڪٽر" موجب پاڪستان ۾ 17 فيبروري جي رات جو 9 وڳي کان ايڪس جي سروس ڊائون ٿي هئي. پر ايڪس جي سروس سومر جي ڏينهن رات جو ڏيڍ وڳي بحال ٿيڻ کان پوءِ بيهر متاثر ٿي وئي. اڱارجي ڏينهن به ايڪس جي سروس اڌ ڪلاڪ بحال ٿيڻ کان پوءِ وري ڊائون ٿي وئي هئي. پي ٽي اي ايڪس جي بندش تي موقف ڏيڻ کان پاسو ڪري رهيو آهي. ٻي پاسي پاڪستان جي انساني حقن جي ڪميشن انٽرنيٽ يا ڪنهن به سوشل ميڊيا پليٽ فارم کي بند ڪرڻ جي عمل فوري طور تي ختم ڪرڻ جو مطالبو ڪيو آهي.

بقايا ✻✻✻ 22

سندس آجيان ڪئي. آءِ جي سنڌ واپاري برادري کي سوالن جوابن جي سيشن ۾ ٻڌايو ته رڳو تنقيد ڪرڻ درست ناهي، تنهن ڪري تنقيد سان گڏ مسئلو حل ڪيو وڃي. هڪ ڪميٽي جوڙي وڃي ۽ قائم ڪيل ڪميٽي زمينن تي قبضن جي ڪيسن جي هفتيوار بنيادن تي ٻڌڻي ڪري يقيني بڻائي. هن چيو ته تجويز ڪيل ڪميٽي جي ميمبرن ۾ پوليس ۽ رينجرز کي شامل ڪيو وڃي. جن جو ڪم گڏيل طور تي فيصلن تي عمل درآمد کي يقيني بڻائڻ هجي. مون کي ۽ پوليس کي ڪو اختيار آهي. زمين جي منتقلي جي معاملي ۾ پوليس رڳو پنهنجا مفاد ڏسي ٿي. ٻي صورت ۾ پوليس جي ضابطن ۾ ان جي ڪا گنجائش ناهي. قانون موجب ڊي سي نگران آهي. ڪارڪردگي بنا ڪو مسئلو حل نه ٿيندو. ايف پي سي سي آءِ جي سينيئر نائب صدر ثاقب نثار منگو چيو ته ڏوهن خلاف پوليس جي ڪارڪردگي ۽ ڪوشش ساراهه جوڳيون آهن. نئين چونڊيل قومي اسيمبلي ميمبر ۽ ايف پي سي سي آءِ جي ميمبر مرزا اشتياق بيگ چيو ته چونڊيل نمائندن ۽ قبضي سان لاڳاپيل ٻين ادارن تي ٻڌل ڪميٽي جوڙي وڃي. اجلاس ۾ ايڊيشنل آءِ جي ڪراچي ڪانسواءِ ڊي آءِ جي ٽريفڪ ڪراچي زون ڏکڻ، اسٽيبلشمينٽ سنڌ جا ڊي آءِ جيز ۽ ٻيا اعليٰ آفيسر پڻ موجود هئا.

بقايا ✻✻✻ 23

حڪومت نه هلڻ ڏينداسين. تڪليف جو وقت ختم ٿيڻ وارو آهي. هن چيو ته عوام جي مدد سان سنڌ کي ٻيهر باب الاسلام بڻائينداسين. تحريڪ تيستائين هلندي، جيستائين پنهنجو مينڊيٽ کسي نه وٺنداسين. سندس چوڻ هو ته پنهنجي ٺٽي جي جلسي جا 3 هزار ماڻهو ۽ هتي لکين ماڻهو ڏسو. هاڻ ته پير سائين جا حُر اسيمبلي ۾ ايندا. راشد محمود سومري چيو ته اسان جو مقابلو توهان جي ڪرپشن سان آهي. ڪالهه به مقابلو ڪيو هو اڄ به ڪنداسين.

بقايا ✻✻✻ 24

پائونڊز ريفرنس تي ٻڌڻي بنا ڪارروائي جي 23 فيبروري تائين ملتوي ڪئي وئي جج نه هجڻ سبب فرد جرم جي ڪارروائي به هڪ دفعو ٻيهر ملتوي ٿي وئي.

بقايا ✻✻✻ 25

ڪيو ويو آهي. تفصيلي فيصلي ۾ لکيو ويو آهي ته سميع الله بلوچ ڪيس ۾ تاحيات نااهلي جو فيصلو ختم ڪيو وڃي ٿو سپريم ڪورٽ تاحيات نااهلي جي ڊڪليئريشن ڏئي آئين تبديل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. عدالتي فيصلي موجب اليڪشن ايڪٽ ۾ ترميم ڪانپوءِ نااهلي جو مدو پنج سالن کان مٿي نٿو ٿي سگهي. آرٽيڪل 62 ون ايف ۾ تاحيات نااهلي جو ڪٿي به ذڪر ناهي. تفصيلي فيصلي موجب ضياءِ الحق مارشل لا لڳائي آرٽيڪل 62 ۾ تاحيات نااهلي جي شق شامل ڪرائي. تاحيات نااهلي چونڊ وڙهڻ ۽ عوام جي ووٽ جي حق جي ابتڙ آهي. فيصلي موجب آرٽيڪل 62 ون ايف واضح نٿو ڪري ته ڊڪليئريشن ڪنهن کي ڏيڻي آهي، ڪو به قانون واضح نٿو ڪري ته آرٽيڪل 62 ون ايف تحت نااهلي جو طريقيڪار ڪهڙو هوندو. سپريم ڪورٽ جي فيصلي فيصلي ۾ چيو ويو ته اڳوڻي جج عمر عطا بنديال سميع الله بلوچ ڪيس جو فيصلو لکيو ۽ نفي به ڪئي. جسٽس يحيٰ آفريدي اختلافي نوٽ ۾ لکيو آهي ته آرٽيڪل 62 ون ايف تحت نااهلي مستقل يا تاحيات ناهي، آرٽيڪل 62 ون ايف تحت نااهلي ڪورٽ آف لا جي ڊڪليئريشن تائين محدود آهي. هن چيو لکيو ته نااهلي تيستائين برقرار رهي ٿي جيستائين ڪورٽ آف لا جي ڊڪليئريشن موجود هجي. سپريم ڪورٽ جو سميع الله بلوچ ڪيس جو فيصلو درست هو

بقايا ✻✻✻ 26

عدالت ڊپٽي ڪمشنر عرفان نواز ميمڻ جي غير حاضر هجڻ تي ضمانت نه ٿيڻ جوڳا گرفتاري وارنٽ جاري ڪري ڇڏيا. ڊي سي اسلام آباد ۽ ايس ايس پي آپريشن جي خلاف توهين عدالت ڪيس جي ٻڌڻي ٿي. جسٽس بابر ستار آءِ جيز کي حڪم ڏنو ته اسلام آباد جي ڊپٽي ڪمشنر کي گرفتار ڪري پيش ڪريو. ان موقعي تي وڪيل شاهه خاور چيو ته ڊپٽي ڪمشنر اسلام آباد هاءِ ڪورٽ مان عمرو ادا ڪرڻ جي اجازت گهري هئي. عدالت طرفان ان جي عمري ادائيگي لاءِ وڃڻ جي استدعا رد ڪري ڇڏي هئي. وڪيل چيو ته ڊپٽي ڪمشنر کي والده حڪم ڏنو ته عمرو ادا ڪرڻ لاءِ وڃڻو آهي. والده جي حڪم تي ڊپٽي ڪمشنر عمرو ادا ڪرڻ لاءِ روانو ٿي ويو. جنهن تي جسٽس بابر ستار پڇاڻو ڪيو ته هو عدالت کي آگاهه ڪرڻ کان سواءِ ڪيئن روانو ٿي ويو؟ هن وقت اهو ڪٿي آهي؟ وڪيل شاهه خاور جواب ڏنو ته هن وقت اهو خيبرپور ۾ آهي. جنهن کان پوءِ عدالت سندس ضمانت نه جوڳا گرفتاري وارنٽ جاري ڪري ڇڏيا. ٻڌڻي دوران عدالت ۾ ايس ايس پي آپريشن ملڪ جميل ظفر ۽ ايس ايس پي صدر فاروق پيش ٿيا.

بقايا ✻✻✻ 27

سخت تشدد ڪانپوءِ ڦٽو ڪري ڇڏيو. جڏهن ته خميسو چٽو کي سامان سميت ٻانهن سان گڏ کڻي ويا. زخمين کي فوري طور اسپتال منتقل ڪيو ويو. جڏهن ته پوليس حدبندي جو تڪرار ڄاڻائي ڪنهن به قسم جي ڪارروائي نه ڪئي. وارثن جو چوڻ آهي ته ٽئي ڄڻا ڪراچي ايئرپورٽ کان ڳوٺ اچي رهيا هئا ته کين اغوا ڪيو ويو مغوين کي جلد بازياب ڪرائي سندن پريشاني ختم ڪئي وڃي.

بقايا ✻✻✻ 28

هجڻ جو انڪشاف ٿيو آهي جن مان سڀ کان وڌيڪ انگ سعودي عرب ۾ آهي. پرڏيهي وزارت پرڏيهي ملڪن ۾ قيد پاڪستانين جا تفصيل سينيٽ جي اسٽينڊنگ ڪميٽي جي اجلاس ۾ پيش ڪري ڇڏيا، جنهن ۾ ٻڌايو ويو آهي ته سعودي عرب ۾ 12 هزار 156، گڏيل عرب امارتن ۾ 5 هزار 292، عراق ۾ 519، بحرين ۾ 450 ۽ قطر ۾ 338 پاڪستاني قيد آهن. پرڏيهي وزارت موجب 15 هزار 587 قيدي سزا يافتا آهن جڏهن ته 7 هزار 869 پاڪستاني قيدي انڊر ٽرائل آهن.

بقايا ✻✻✻ 29

سائبر حملن ۽ سيڪيورٽي تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. ڪمپني پاران جاري ڪيل بيان موجب ڪيسپرسڪي جي ٽيلي ميٽر 2022ع جي ڀيٽ ۾ 2023ع ۾ ملڪ ۾ گڏي طور تي سائبر خطرن جي انگ ۾ 17 سيڪڙو واڌ ڏيکاري. ڪمپني خبردار ڪيو ته پاڪستان ۾ 24.4 واهپيدار آن لائين خطرن مان متاثر آهن جڏهن ته ملڪ ۾ بئنڪنگ ميلويئر جي استعمال سان ٿيندڙ حملن ۾ 59 سيڪڙو واڌ ٿي آهي.

بقايا ✻✻✻ 30

۽ ناهي ٿيو. تاريخ غزا جي ان وحشياڻي جنگ جو مثال پيش نٿي ڪري سگهي. برازيلين صدر چيو ته غزا جنگ ائين ئي آهي جيئن هٽلر يهودين سان ڪيو هو هن وقت غزا ۾ جيڪو ڪجهه ٿئي پيو اهو نسل ڪشي آهي. برازيلي صدر جي بيان تي اسرائيلي وزيراعظم نيتن ياهو ڪاوڙجي پيو عرب ميڊيا موجب اسرائيلي وزيراعظم نيتن ياهو پنهنجي بيان ۾ چيو آهي ته برازيلين صدر جو بيان هولوڪاسٽ کي معمولي ٻڌائڻ آهي. سندس بيان يهودين تي حملو آهي. ٻنهي جي بيانن کان پوءِ برازيل اسرائيل مان پنهنجو سفير واپس گهرائي ورتو آهي. برازيلي پرڏيهي وزارت موجب برازيل ۾ اسرائيلي سفير کي پرڏيهي آفيس طلب ڪري اسرائيل جي ردعمل تي احتجاج به ڪنداسين.

بقايا ✻✻✻ 31

۾ موجود فليٽن کي به نقصان پهتو. ڪريم آباد بلاڪ ٿري ۾ موجود فليٽ ۾ گئس پريشر سان زوردار ڌماڪو ٿيو ڌماڪي جي نتيجي ۾ 3 ڄڻا زخمي ٿي پيا ۽ گهر جي هڪ پٽ به ڪِري پئي. پوليس ٻڌايو ته پٽ ڪرڻ سان 50 ورهين جو عرفان ۽ سندس ٻه پٽ 16 ورهين جو عبيد ۽ 18 ورهين جو سمير زخمي ٿيا، جن کي اسپتال منتقل ڪيو ويو بم ڊسپوزل اسڪواڊ جي رپورٽ موجب هڪ ڪمري جي پورشن ۾ پلاسٽڪ جا پائيپ لڳل هئا. پائيپ ۾ گئس ليڪ ٿي رهي هئي ۽ پرسان موبائل فون چارجنگ تي لڳل هئا. جڏهن ته ڪمري ۾ گئس ڀريل هئي. بم ڊسپوزل اسڪواڊ ٻڌايو ته پلڪ مان اسپارڪنگ ٿي، جنهن سبب ڌماڪو ٿيو. فليٽ جي فرنٽ جي پٽ نڪري وئي، جڏهن ته ڀرپاسي جي فليٽن کي به نقصان پهتو.

بقايا ✻✻✻ 32

ڪامياب ٿي ويو. پوليس اختيارين موجب جوابدار شوڪت کي نيپيئر پوليس قتل جي الزام ۾ گرفتار ڪيو هو. جڏهن جوابدار کي سٽي ڪورٽ آندو ويو ته ان کي هٿڪڙي ۾ لاڪ نه هو. اختيارين غفلت ڪرڻ تي ٽن پوليس اهلڪارن اي ايس آءِ رمضان، ڪانسٽيبل شمير ۽ ايوب کي معطل ڪري ڇڏيو. پوليس موجب ٽنهي اهلڪارن کي حراست ۾ ورتو ويو ۽ انهن خلاف ڪيس به داخل ڪيو ويندو. واضح رهي ته هڪ مهيني دوران پوليس جي غفلت سبب 4 قيدي فرار ٿي چڪا آهن. اڄ فرار ٿيندڙ جوابدار قتل جي الزام ۾ گرفتار هو.

بقايا ✻✻✻ 33

ويون جڏهن ته انتظاميه جي ڏسيل روٽن تي مسافر گاڏيون روان دوان رهيون. احتجاج ۾ جي ڊي اي اڳواڻ پير سيد صدرالدين شاهه راشدي، غلام مرتضيٰ خان جتوئي، مولانا راشد محمود سومرو، اياز لطيف پليجو، صفدر عباسي، ننده ڪمار گوڪلاڻي، مسرور احمد جتوئي، ۽ ٻين اڳواڻن خطاب ڪيو سيد صدرالدين شاهه خطاب ڪندي چيو ته اوهان کي ٻڌائينداسين ته سورهيه بادشاهه جي اولاد ۽ پير پاڳارو جا آهن هن چيو ته غريب وٽ ڪجهه ناهي سواءِ ووٽ جي. ان تي به اوهان ڏاڙو هڻو ها اوهان کي هضم ڪرڻ نه ڏينداسين. هن چيو ته ڪٿي آهن بجا تير تي ڊانس ڪرڻ وارا اسان تي عوام جا چونڊيل آهيون جن جي ووٽ تي اوهان ڏاڙو هنيو آهي. هن چيو ته جيڪڏهن نيب 15 سالن جي چوري جي تحقيقات ڪرائي ته اڌ هنن جا ڏاڙي تي چونڊيل نمائندا حلف بجاءِ سرڪاري مهمان ٿي ويندا اهي ووٽن تي نه پر نوٽن تي کٽي آيا آهن. هيءَ ميگا رگنگ جو ڪيس آهي. ان ڪري ان تي سپريم ڪورٽ کان مطالبو ڪيون ٿا ته ان تي ميگا ڪميٽي جوڙي وڃي. اسان اڳ ۾ سپريم ڪورٽ آف پاڪستان کان مطالبو ڪري چڪا آهيون ۽ اڄ ٻيهر مطالبو ڪريون ٿا ته هو ان معاملي کي ڏسن عوام روڊن تي جو اچي رهيو آهي. کين خبر پئجي وئي آهي ته سندن ووٽ نوٽن ڏانهن ويو آهي. هن چيو ته 23 آگسٽ تي ڪراچي ۾ اجلاس ٿي رهيو آهي. ان اجلاس ۾ مستقبل جو قانوني عمل طئه ڪيو ويندو. اڄ مورو ۾ عوام اسان سان گڏ بيٺو آهي. هيءَ ڪو خواب ناهي. عوام آهي. غلام مرتضيٰ خان جتوئي خطاب ڪندي چيو ته عوام جو مان شڪر گذار آهيان جن مخالفن جي ڪوڙي ايف آءِ آر تي روڊن تي اچي ثابت ڪيو ته عوام ڇا آهي. هن چيو ته ايس ايس پي صاحب منهنجي باڊي گارڊن جا هٿيار به چيڪ ڪيا هئا جن مان ڪا به گولي نه هلي هئي پر هڪ نوڪر جي چوڻ تي انتظاميه سندن ونگار وهي آهي جنهن جو ڀرپور دفاع ڪيو ويندو ۽ نوڪر کي اوقات ياد ڏياري ويندي. عوام اسان سان گڏ آهي. پ پ کي ڌانڌلي ذريعي ڪامياب ڪرايو ويو. اسان تي 1983ع ۾ ڪوڙا ڪيس ٺاهيا ويا ۽ هاڻي به قتل جا ڪوڙا ڪيس ٺاهيا وڃن ٿا. پيپلز پارٽي جي جعلي مينڊيٽ کي ڪڏهن به قبول نه ڪنداسين. راشد محمود سومرو چيو ته مان بلاول ڀٽو زرداري کي 50 هزار ووٽن تان هارائي چڪو آهيان هن سندس گهر جي هارايل پولنگن جا فارم 45 به عوام کي ڏيکاريا. هن چيو ته رات دير ۾ جن نتيجا تبديل ڪرايا اهي به نظر ۾ آهن جن جا پيرا پنوعاقل وڃن ٿا اسان وٽ سڀ ثبوت آهن جيڪڏهن عوام جي مينڊيٽ کي پٺ سان لڳايو ويو ته ان جا خراب نتيجا نڪرندا. صفدر عباسي چيو ته هن اليڪشن ڪيترائي سوال اٿاريا آهن. ووٽ چوري ڪندڙن خلاف اسان جي جدوجهد جاري رهندي ۽ چورن جي حلف واري ڏينهن به سنڌ اسيمبلي آڏو تاريخي احتجاج ٿيندو. اياز لطيف پليجو چيو ته ڪنهن به حالت ۾ جعلي مينڊيٽ کي تسليم نه ڪنداسين عوام کي سندن حق ڏيارڻ لاءِ جدوجهد جاري رکنداسين ۽ اسيمبلي هلڻ نه ڏينداسين. اسان جو ايندڙ احتجاج 26 فيبروري تي بدين ۾ ٿيندو هنن کي سڪون ڪرڻ ٿي نه ڏينداسين.

بقايا ✻✻✻ 34

پٺائي آباد جي گهٽي نمبر اٺويهه ۾ ٻنهي گروپن ۾ جهيڙي دوران فائرنگ جي نتيجي ۾ صابر مگسي ٿڏي تي مارجي ويو گولين لڳڻ سبب ڇهه ڄڻا زخمي ٿي پيا، جن کي علاج لاءِ اسپتال منتقل ڪيو ويو زخمين مان هڪ جي حالت ڳڻتي جوڳي آهي. اطلاع ملڻ تي پوليس پهچي مقتول جو لاش اسپتال کڻائي وئي، ضروري ڪارروائي ڪانپوءِ سندس وارثن حوالي ڪيو ويو يوسي ٽوجي ڪائونسلر شوڪت نذير چيو آهي ته مقتول جو تعلق پيپلز پارٽي سان هو. جيڪو شادي شده ۽ ٻن ٻارن جو پيءُ آهي.

بقايا ✻✻✻ 35

117 تان ڪاميابي جو نوٽيفڪيشن اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ۾ چيلينج ڪيو ويو آهي. عدالت سڳوري ۾ داخل ڪيل درخواست ۾ استدعا ڪئي وئي آهي ته 9 فيبروري تي جاري ڪيل فارم 47 کي ڪالعدم قرار ڏنو وڃي ۽ 15 فيبروري تي جاري ڪيل عليم خان جي ڪاميابي جو نوٽيفڪيشن معطل ڪيو وڃي. درخواستگذار عدالت کان استدعا ڪئي ته سمورن اميدوارن جي موجودگي ۾ رزلٽ جوڙڻ جو حڪم جاري ڪيو وڃي. عدالت اليڪشن ڪميشن ۽ ريٽرننگ آفيسرن کان لاڳاپيل رڪارڊ به طلب ڪري. درخواست ۾ اليڪشن ڪميشن، آر او ۽ ٻين اميدوارن کي به ڌر بڻايو ويو آهي.

بقايا ✻✻✻ 36

ووٽن کي ضايع ٿيڻ نه ڏينداسين. سندس چوڻ هو ته آخر تائين جي ڊي اي جي ساٿين سان گڏ هلندو رهندس. ملڪ کائيندڙن جو نيب احتساب ڪري. پير پاڳاري چيو ته فارم 45 جي جاچ ڪئي وڃي، ڌانڌلي خلاف احتجاج جو حق رکون ٿا. 23 فيبروري تي ڪراچي ۾ جلسو ڪنداسين.

بقايا سنڌيار 01

موجب فوت ٿيل نوجوان جو دماغي توازن صحيح نه هو وڌيڪ معاملي جي جاچ ڪري رهيا آهيون ٻئي طرف فوتي نوجوان جي وارثن موجب نه فوتي نوجوان گذريل رات کان اوچتو گم ٿي ويو هو. اسان سنڌس ڳولا ۾ هئاسين ته اڄ صبح جو اسان کي پوليس اطلاع ڪيو ته نوجوان فوت ٿي ويو آهي. هنن انصاف جو مطالبو ڪيو آهي.

بقايا سنڌيار 02

طور گرفتار ڪرڻ جو مطالبو. تفصيل موجب پٺائي آباد جي بلاڪ 9 لڳ حسيني امام بارگاهه وٽ رات دير سان ٻن ڌرين ۾ هٿياربند جهيڙو ٿي پيو جنهن جي نتيجي يوسي بختاور جو چيئرمين صابر مگسي گوليون لڳڻ موقعي تي ئي مارجي ويو جڏهن ته ٻئي ڌر جا پنهل خان، حسنين ۽ شعيب زخمي ٿي پيا اطلاع تي پوليس پهچي زخمين ۽ فوتي جو مڙهه اسپتال منتقل ڪيو پوليس جو چوڻ هو ته جهيڙو ٻارن ۾ ٿيو هو بعد ۾ وڏا به وڙهي پيا واقعي جي وڌيڪ جاچ ڪئي پئي وڃي ٻي طرف فوتي چيئرمين جو مڙهه ڪال منجهند جو پٺائي آباد آندو ويو جتي پيپلزپارٽي ملير جي صدر ۽ ميئر ڪراچي سلمان عبدالله مراد نجمي عالم ايم اين اي حڪيم بلوچ ايم پي اي يوسف بلوچ ايم پي اي راجا رزاق بلوچ سميت هزارين ماڻهن شرڪت ڪئي جنازي نماز بعد فوتي صابر مگسي جو مڙهه مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو جڏهن پيپلزپارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري هٿياربند هٿان مارجي ويل يوسي چيئرمين جي قتل جي مذمت ڪندي قاتل فوري طور گرفتار ڪرڻ جو مطالبو ڪيو.

بقايا سنڌيار 03

منيرميمڻ محمداڪرم ميمڻ ممتازلغاري، ڪنايت الله هوزائي، اعظم عمراڻي، نثاراحمد ميمڻ ۽ مختلف تنظيمن جي اڳواڻن ايس ٽي پي اڳواڻ گل حسن رند، عوامي تحريڪ حسين آزاد سميت واپارين سول سوسائٽي ۽ شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ان موقعي تي ڌرڻي کي خطاب ڪندي اڳواڻن چيو ته پوليس جي نااهلي سبب سجاول ضلعي ۾ بدامني چوٽ تي پهچي وئي آهي. سجاول ضلعو ڌوهارين جو گڙهه بڻجي ويو آهي. عوام جي جان ۽ مال محفوظ ناهي. اهو ڏينهن اها رات خالي ناهي جتي چوري جي واردات نه ٿي هجي. هٿياربند ڏينهن ڏٺي جو واپارين کان دڪانن تان ڦر ڪري وڃن. ماڻهو موٽرسائيڪلن تي ڪيڏاهن نڪري نٿو سگهي ماڻهن کان موٽرسائيڪلون ڦرجيو وڃن پر ضلع جي پوليس اڃا تائين ڪک ڀڃي ڀيڻو ناهي ڪيو. آخر ڪتي جي عوام ڪي هن عذاب مان ڪڏهن جان ڇٽندي. اڳواڻن چتاءُ ڏيندي چيو ته جيستائين ضلع سجاول جو امن امان بحال ڪيو ويندو تيستائين تحريڪ جاري رهندي.

بقايا سنڌيار 04

سرڪاري پارڪ کان ريلي ڪڍي شهرجي مختلف هنڌن تان گشت ڪري پيپل چوڪ تي مظاهرو ڪيو ويو ان موقعي تي ڪارڪنن قومي اڳواڻ شهيد بشير خان قريشي ۽ شهيد هدايت لوهارجي قاتلن ۽ گم ٿيل قومي ڪارڪنن جي آزادي لاءِ نعريبازي ڪئي ان موقعي تي خطاب ڪندي جسقم ضلع صدر نثير رمضان ڪلوڙ نصرالله ڪلادي مير حسن لاشاري حبيب الله گهوتو، محبوب گهوتو، شهريار خان مرتاس، اڪرم ٿهيم، وهاب سهتو رياض ڪلادي چيو ته سنڌ سان عشق جي ڏوهه ۾ شهيد بشيرخان قريشي، شهيد ساگر حنيف بڙدي مقصود خان قريشي ۽ تازو جسقم اڳواڻ استاد هدايت لوهار کي شهيد ڪيو ويو آهي. اڳواڻن چيو ته سنڌ سان عشق جي ڏوهه ۾ سوين قومي ڪارڪنن کي گرفتار ڪري گم ڪيو ويو آهي. اڳواڻن چيو ته گم ٿيل قومي ڪارڪنن کي ظاهر ڪري عدالتن ۾ پيش ڪيو وڃي. هنن وڌيڪ چيو ته سنڌ جي مسئلن جو حل صرف سائين جي ايم سيد جي فڪر ۾ آهي سنڌي ماڻهون سائين جي ايم سيد جي فڪر ۾ شامل ٿين اڳواڻن مطالبو ڪيو ته شهيد بشير خان قريشي شهيد هدايت لوهارجي قاتلن کي گرفتار ڪري گم ٿيل سمورن قومي ڪارڪنن کي ظاهر ڪري آزاد ڪيو وڃي.

بقايا سنڌيار 05

طالب حسين چانڊيو، رستم علي چانڊيو، سراج احمد چانڊيو غلام حسين لاشاري، اب الخير پاٽوائي ۽ ٻين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته وارهه نيشنل بئنڪ انتظاميه بغير رشوت جي ڪنهن کي به پئسا نه پئي ڏي رشوت نه ڏيڻ جي صورت ۾ مهينن جا مهينا پنڌ ڪري ڪري ٿڪجي پيا آهيون اڃا به اسان جي عورتن جي تذليل ڪئي پئي وڃي سڪيورٽي گارڊن طرفان عورتن جي تذليل ڪرائي رشوت ڏين تي مجبور ڪيو پيو وڃي هنن چيو ته في ڪارڊ تي ڏهه کان پندرهن هزار رشوت وٺي پئسا ڏنا پيا وڃن نه ڏيڻ جي صورت ۾ بغير ڪنهن عذر جي واپس ڪيو پيو وڃي هنن مطالبو ڪندي ڊي سي قمبر شهدادڪوٽ، سپريم ڪورٽ آف پاڪستان، سنڌ هاءِ ڪورٽ ۽ ٻين وس وارن کان گهر ڪئي ته نوٽيس وٺي بئنڪ انتظاميه خلاف قانوني ڪاروائي ڪري رليف فراهم ڪيو وڃي ۽ اسان جي امڙن ادين جي تذليل بند ڪئي وڃي ٻي صورت ۾ پرامن احتجاجي سلسلو جاري رکيو ويندو

بقايا سنڌيار 06

جي سڀ کان وڏي سول اسپتال سکر ڪرپشن ۽ سفارشي ڪلچر هجڻ سبب مستحين ماڻهن لاءِ بي لاب ۽ بي فائدا بڻيل آهي سکر سول اسپتال ۾ انتظامي نااهلي ۽ ڪرپشن سبب ڪروڙين روپيا بجيٽ هجڻ باوجود عوام علاج جو سهولتون کان محروم آهي ميڊيڪل سپرڊينٽ سميت ڪيترائي نااهل عملدار سياسي آشيرواد هجڻ ڪري سٽيين ڪرسين تي فائز آهن جن ڪرپشن ڪري اسپتال کي تباهه ڪري ڇڏيو آهي جنهن ڪري هن وقت اسپتال ۾ ايندڙ ڪيترائي مريض سياسي پوترن کان اسپتال ۾ مقرر M.S صاحب ڏي سفارشي فون ڪرائي ايندا آهن ته جيئن بهتر علاج ٿئي سول اسپتال سکر ۾ سرڪاري دوائون به سفارشي مريضن کي سياستدانن جي فون ڪال ڪرڻ بعد ڏيون وڃن ٿيون پر غير سفارشي مريض صحتياب ٿيڻ بغير موت جو شڪار ٿي لاشن جي صورت ۾ گهرن ڏانهن واپس ٿين ٿا ٻئي طرف باخبر ذريعن موجب ته سول اسپتال سکر جو بورچي خانو به هڪ سياسي واڻي حوالي ڪيو ويو آهي جنهن ڪري بورچي خاني ۾ جيل جي قيدين وانگر غير معياري کاڌا تيار ڪيا وڃن ٿا بيمار جانورن جو گوشت سکل ۽ سڙيل ڀاڄيون سبزيون چرٻي مان ٺهيل گيهه جي استعمال سبب داخل مريض وڌيڪ بيمارين ۾ ولجي وڃن ٿا جڏهن ته ميون ۽ ڊرائي فروٽ جو صرف بل ناهي پنهنجا کيسا گرم ڪندا آهن سول اسپتال سکر ۾ سياسي مداخلت ۽ ڪرپشن سبب سکر جا غريب ۽ بي پهچ مريضن توڙي سجاڳ ڌرين جا اڳواڻ مايوس پريشان ٿي ويا آهن سکرجي شهرين ۽ سماجي اڳواڻن چيف جسٽس آف سنڌ هائي ڪورٽ ۽ وس وارن کي اپيل ڪئي آهي ته نوٽيس وٺي سول اسپتال سکر ۾ ٿيندڙ ڪرپشن خلاف ڪاروائي ڪري غريب ماڻهن کي علاج جون سهولتون بغير ڪنهن فرق ۽ سفارش جي ڏنيون وڃن

بقايا سنڌيار 07

ڪنهن به ڌيان نه ڏنو ماهوار ايندڙ ڪروڙين روپيه بجيٽ مان سواءِ ملازمن جي پگهارن جي باقي پئسا ٻاهران ڪان ٿي ٽائون ڪميٽي ميرپور ساڪرو جو ايڊمنسٽريٽر ۽ TMO ملي پگهت ڪري ڳڙڪائڻ لڳا. شهرين جون دانهون، انصاف جو مطالبو ان سلسلي ۾ ميرپور ساڪرو شهر جي ڪيترن ئي شهرين دانهنيندي الزام هڻندي شيرالدين احمد، جاويد، شمس الدين، عباس، سرمد علي، ظهير احمد ۽ ٻين چيو آهي ته ٽائون ڪميٽي ميرپور ساڪرو جي ماهوار ڏيڍ ڪروڙ روپيه بجيٽ هوندي ۽ ميرپور ساڪرو شهر ۾ ڪو به صفائي سٿرائي جو انتظام ناهي. ڊرينج سسٽم ناڪاره هجڻ ڪري شهر گندگي جي ڍيرن ۾ تبديل ٿي ويو آهي گٽر نالا روڊ ۽ رستن تي وهڻ ڪري وڌيڪ بدبوءِ ڦهلائي رهيا آهن. جن مان وچرندڙ بيمارين جي ڦهلجڻ جو پڻ انديشو آهي. هنن چيو ته ميرپور ساڪرو شهر واسي پيئڻ جي پاڻي لاءِ ترسي رهيا آهن ڪو به ترقياتي ڪم نظر نٿو اچي. صفائي واري عملي کي شهر کي صاف سٿرو رکڻ لاءِ صفائي جو سامان به نٿو ملي. ملازمن پاران دڪاندارن کان ورتل اوڌر تي سامان جون رقمون نه ملڻ ڪري دڪاندارن ڪين سامان اوڌر تي ڏيڻ بند ڪري ڇڏيو آهي. جنهن سامان جي رقم به نئين آيل ايڊمنسٽريٽر ممتاز منگريو ڪوڙن بلن ذريعي ڳڙڪائي وڃي آهي. جنهن اڄڻ شرط ميرپور ساڪرو شهر جي مختلف وارڊن جي صفائي سٿرائي ۽ ترقي لاءِ ايندڙ رقمون هڙپ ڪرڻ سان گڏ گذريل ڇهن مهينن کان واٽر سپلاءِ جي ٻن مشينن مان هڪ وڏي پاور هائوس واري مشين به ڪيترن ئي مهينن کان خراب ٿيل آهي. جنهن جي مرمت نه ڪرائڻ ڪري شهري پيئڻ جي پاڻي کان به محروم ٿيل آهن. ايڊمنسٽريٽر پاران شهرين کي گذريل ٽن مهينن کان ڪوڙا آسرا ڏيئي قسط وٺڻ جو جئي وري مهينو غايب ٿيو وڃي. پر ڪو به ڪم ڪرائڻ يا عوامي مسئلا حل ڪرڻ لاءِ تيار ناهي. جيڪو آفيس ۾ اچڻ لاءِ تيار ناهي. ڪم ڪار سانگي ايندڙ ماڻهون دربدر ٿي رلجو آفيسن جا چڪر ڪاٽڻ تي پورا آهن. هنن الزام هڻندي چيو ته مقرر ٿيل ايڊمنسٽريٽر ميرپور ساڪرو ممتاز مگريو وٽ مختلف 5 چارجون آهن. جيڪو رگهو ايندڙ قسط مان 130 ملازمن جون پگهارو ڪڍي باقي سموري رقم گهارو بئنڪ مان ڪوڙن بلن ذريعي ٻاهران ڪيرائي ڳڙڪائي وڃي ٿو. پر شهرين کي ڪا بنيادي سهوليت نٿي ملي. هنن اهو پڻ انڪشاف ڪيو ته اليڪشن واري رات به 20 لک روپيه ٽائون ڪميٽي ميرپور ساڪرو جو ايڊمنسٽريٽر ڪيرائي ويو آهي. جنهن جي خلاف شهرين جي دانهن باوجود ڪير به ان خلاف ڪاروائي ڪرڻ لاءِ تيار ناهي. ان کانسواءِ جيڪي ملازمن فوت ٿي ويا آهن. انهن جي بيواهن کي به بلاجواز پريشان ڪري مختلف شهرن ڪان گهرائي زبردستي ڊيوٽيون ورتيون ٿيون وڃن. جڏهن ته ننڍن ملازمن سان به ناروا سلوڪ ڪيو وڃي ٿو. جنهن ڪري ننڍا ملازم به سخت پريشان آهن. ميرپور ساڪرو جي شهرين، نيب، ايف آءِ، اينٽي ڪرپشن، چيف سيڪريٽري سنڌ، چيف جسٽس سنڌ هاءِ ڪورٽ سميت سمورن اعلي اختيارين کان گهر ڪئي آهي ته ٽائون ڪميٽي ميرپور ساڪرو جي ايندڙ بجيٽ کي شهر ۽ شهرين جي ڀلائي صفائي سٿرائي تي خرچ ڪرڻ سميت ڪين پيئڻ جي صاف پاڻي سميت سمورين بنيادي سهولتون مهيا ڪري ترقياتي ڪمن جو جار وڇائي ٽائون ڪميٽي ميرپور ساڪرو جي بجيٽ کي هڙپ ڪندڙن خلاف ڪاروائي ڪري شهري کي پريشاني کان بچايو وڃي. ٻئي صورت ۾ سخت احتجاج ڪيو ويندو

بقايا سنڌيار 08

ڪٽي تي چورن کي شاهجهان عباسي ڏسي ورتو ۽ فورن دڪان جي مالڪ عزيز بروهي کي فون تي اطلاع ڪندي ٻڌايو ته ٻه چور تنهنجي دڪان جا تالا ٽوڙي رهيا آهن اهڙي اطلاع کان پوءِ دڪان مالڪ پاڙي وارن کي وٺي تالا ٽوڙيندڙ چورن کي پڪڙڻ جي ڪوشش ڪئي پر چورن مزاحمت ڪندي ڀڄڻ جي ڪوشش ڪئي پر پاڙي وارن دليري ڏيکاريندي ٽن چورن مان ٻن کي سوگهو ڪري ورتو ۽ هڪ چور فدا شيدي فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو ٻن چورن کي پاڙي وارن بدين پوليس جي حوالي ڪري ڇڏيو واضح رهي ته ڪجهه عرصي کان بدين ۾ چورين جي وارداتون وڌي ويون آهن ۽ حيسڪو وارا رات جو لوڊشيڊنگ ڪري چورن کي موقعو فراهم ڪن ٿا

بقايا سنڌيار 09

ٻن ڪلاڪن کان لڳل ڌرڻي ۾ شرڪت ڪندڙ مقتول جي ڀاءُ عطا چانڊيو پيپلزپارٽي اڳواڻ حاجي مراد چانڊيو ان موقعي تي صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته سندن ڀاءُ کي قتل ٿيندي 3 ڏينهن گذري ويا آهن پر بدين پوليس سميت وس وارا ڪو به نوٽيس وٺڻ لاءِ تيار ئي ناهن جنهن ڪري انتظاميه کان ڪا اميد ئي اڄ مڪ روڊ بند ڪري ڌرڻو هنيو ويو آهي هنن چيو ته بدين پوليس جيڪڏهن چاهي ته اسان جي ڀاءُ کي قتل ڪندڙ جوابدارن کي هڪ ڏينهن اندر گرفتار ڪري وٺي ها پر پوليس قاتلن کي بچائڻ ۾ مڪمل ناڪام ٿي چڪي آهي ۽ سستي جو مظاهرو ڪيو پيو وڃي ڌرڻي دوران ڊي ايس پي گولاڙچي شڪيل احمد سولنگي پهچي ڌرڻي ۾ شرڪت ڪندڙ مقتول جي وارثن سان ايس ايس پي بدين مير روحيل کوسو جي فون تي ڳالهه ٻولهه ڪرائي ۽ جنهن قاتلن کي گرفتار ڪرڻ جو يقين ڏياريو ۽ وارثن سان ڌرڻي تي اچي عذرخواهي جو به اعلان ڪيو جنهن کان پوءِ مقتول جي وارثن همدردن لڳل ٻن ڪلاڪ ڌرڻو ختم ڪري ڇڏيو ۽ ايچ يو جي بدين جنرل سيڪريٽري علي محمد شاهاڻي اختر کوسو سميت صحافين ۽ چانڊيا برادري جي سوين ماڻهو شريڪ ٿيا

بقايا سنڌيار 10

اسان جي مالڪي حقنواز ميمڻ وارن جو دشتي قبيلي سان تڪرار هلندڙ آهي جن سان اسان جو ڪو به تعلق ناهي، مالڪن جي تڪرار جو جواز ڄاڻائي ڪنڊيارو پوليس جو اهلڪار جمعدار رشيد پارو اسان کي تنگ ڪري رهيو آهي، پوليس اهلڪار پوليس اٿالا ساڻ ڪري جوبايو مال ڦري ويو آهي ۽ ڪوڙن ڪيسن ۾ ڦاسائڻ جون ڌمڪيون ڏئي ڀتو طلب ڪري رهيو آهي، جنهن جي خلاف سيشن ڪورٽ گهوٽڪي جي عدالت ۾ پٽيشن به داخل ڪئي آهي، جنهن جي باوجود به اهلڪار جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي، احتجاج ڪندڙن ايس ايس پي گهوٽڪي، ڊي آءِ جي سکر، آءِ جي سنڌ ۽ ٻين وسوارن کان انصاف جي اپيل ڪندي چيو ته هن معاملي جو نوٽيس وٺي انصاف ڪيو وڃي

بقايا سنڌيار 11

هزار رپيا روڪ رقم ۽ موبائل ڦر ڪري فرار ٿي ويا آهن

بقايا سنڌيار 12

ڪاسٽ ٿيل مرد ووٽرن جو انگ 136204 آهي جڏهن ته عورتن ووٽرن جو ڪل انگ 94318 آهي ۽ ڪل تعداد 230522 آهي صحيح طور تي ڪاسٽ ڪيو ويو 214547 ووٽرن جو تعداد ڳڻپ کان خارج ڪيو ويو 15975 هن نتيجي ۾ ووٽن جو تناسب 46,11٪ رهيو نوٽ: هي نتيجو آهي 358 مان 356 پولنگ اسٽيشنن جو هن حلقي ۾ اميدوارن جو انگ 14 آهي پاڪستان پيپلزپارٽي جو اميدوار علي جان مزاري 103962 ووٽ کڻي پهرين نمبر تي جي يو آءِ اميدوار مير شاهزين خان 100652 ووٽ کڻي ٻئين نمبر ۽ ٽئين نمبر تي جماعت اسلامي جو اميدوار حافظ نصرالله 3123 ووٽ حاصل ڪيا، آءِ پي پي اميدوار مير فياض احمد 191 ووٽ کڻي ٽي ايل پي اميدوار نور محمد کي 872 ووٽ مليا، آزاد اميدوار جيئل شاهه 594 شهباز علي 831 عبدالواحد کوسو 812 عنايت الله 131 غزين خان684 غلام اصغر چاچڙ 295 محمد اڪرم 1011 امير حسن 1286 نويد خان 103 ووٽ حاصل ڪري سگهيو اهڙي طرح فارم 49 موجب هن ريٽ پيش ڪيا ويا پاڪستان پيپلزپارٽي جي اميدوار علي جان مزاري جو انگ 103548 ڏيکاريو ويو آهي جڏهن ته ساڳئي اميدوار جي فارم 47 ۾ ووٽرن جو انگ 103962 آهي جي يو آءِ اميدوار مير شاهزين خان 101874 ڏيکاريو ويو جڏهن ته فارم 47 ۾ 100652 ووٽ هئا. 1222 وڌيڪ ووٽ ڪاسٽ ٿيا. جماعت اسلامي جو اميدوار حافظ نصرالله 2935 ووٽ کڻي سگهيو جڏهن ته فارم 47 جي نتيجن موجب 3123 ڏيکاريو ويو ۽ 188 ووٽ گهٽ ڪاسٽ ٿيا. آءِ پي پي اميدوار مير فياض احمد کي 191 ووٽ مليا، ٽي ايل پي اميدوار نور محمد کي 872 ۽ آزاد اميدوار عبدالواحد کوسو کي 645 ووٽ مليا جڏهن ته فارم 47 ۾ 812 ووٽ ڪاسٽ ٿيا، جنهن ۾ 167 ووٽن جو فرق رهيو.

بقايا سنڌيار 13

سٽين ڏينهن به پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو مظاهري جي اڳواڻي اسڪارپ ايمپلائيز يونين نوشهروفيروز جي صدر ساگر يوسف منگي، خادم حسين مري، ايريگيشن يونين اڳواڻ محمد يعقوب وگڻ چيئرمين عبدالخالق ڪوڪر سيد قمرالدين شاهه فوڊ ايمپلائيز فيڊريشن اڳواڻ يونس راڄپر، فقير محمد لاشاري علي نواز سولنگي، خادم سيال، غلام عباس پٽي ۽ ٻيا ڪري رهيا آهن ان موقعي تي مظاهرين جو چوڻ هو ته مزدور ۽ پورهيتن جي اڳواڻ اقبال احمد لاڙڪ جي قتل کي 7 ڏينهن گذري ويا آهن ليڪن نوشهروفيروز پوليس خاموش تماشائي بڻيل آهي هنن چيو ته نوشهرو فيروز ضلعي ۾ بدامني جي باهه ٻري پئي آهي ڦرون چوري ڌاڙن جي وارداتن ۾ مسلسل اضافو ٿي رهيو آهي نيشنل هائي وي روڊ تي سفر ڪندڙ مسافر به محفوظ ناهن نوشهروفيروز ضلعي کي چورن ۽ ڌاڙيلن جي حوالي ڪيو ويو آهي ڪاٿي به قانون جي رٽ نظر نه پئي اچي شهري پنهنجي گهرن ۾ به محفوظ ناهن احتجاج ڪندڙن آءِ جي سنڌ کان مطالبو ڪيو ته پنهنجي ڊيوٽي ۾ ڪوتاهي ڪندڙ ايس ايس پي نوشهروفيروز سهائي عزيز ٽالپر جي بدلي ڪري فوري طور اقبال احمد لاڙڪ جا قاتل گرفتار ڪيا وڃن ٻي صورت ۾ سڀاڻي (22) فيبروري تي ايس ايس پي آفيس آڏو ڌرڻو هنيو ويندو

بقايا سنڌيار 14

بروهي، حاجي انور، مير حسن جاکرو ۽ ٻين ڪمپني انتظاميه ۽ ڊيلرن خلاف سخت نعريبازي ڪندي غير معياري مليل ٽماٽي جي ٻج سبب تيار ٿيل غير معياري ۽ ننڍي سائيز وارو ٽماٽو ڪٽي احتجاج ڪندي چيو ته هڪ ڪمپني غير معياري ٻج ڏيئي آبادگارن جو معاشي قتل ڪيو آهي اسانکي لکين روپين جو نقصان رسايو آهي، جنهن جي ايوريج تمام گهٽ هجڻ سبب اسان جو خرچو پاڻي ۾ هليو ويو آهي، پر لاڳاپيل انتظاميه ڪو به تحرڪ وٺڻ لاءِ تيار نه آهي آبادگار ڌانهيندي زراعت کاتي سميت سنڌ حڪومت جي اعلي اختيارين کي هن معاملي جو فوري نوٽيس وٺي غير معياري ٻج ۽ پاڻ فراهم ڪندڙ ڪمپنين ۽ ڊيلرن خلاف سخت ڪاروائي ڪرائي ڪين پهچندڙ نقصان جو ازالو ڪرائي ڏيارڻ جي گهر ڪئي آهي

بقايا سنڌيار 15

رهواسڻ غزالا ڏي مرحوم اسلام الدين ملڪ سان ڏي وٽ جي شادي ٿي هئي شادي جي پنج سالن کانپوءِ گهريلو اڻ بڻت سبب منهنجي ڀيڻ سونيا کي مڙس سجاد پٽ اسلام الدين ملڪ طلاق ڏني هئي ۽ مان به غزالا کي طلاق ڏني هئي جڏهن ته منهنجي ڀيڻ کي ٻه پٽ جو اولاد ۽ مون کي نياڻي جو اولاد ٿيو هو طلاق بعد منهنجي نياڻي منهنجي ماءُ وٽ رهي پئي ۽ سجاد جو پٽ منهنجي ڀيڻ وٽ ۽ هو اسان وٽ سکر ۾ رهي ٿو جنهن جي پرورش ۽ تعليم جو خرچ به اسان ئي ڪندا آهيون محمد جاويد ملڪ جو وڌيڪ چوڻ هو ته اڳوڻي سالي شمشاد علي ملڪ ۽ سندس مامي عمرالدين جن اڳوڻي زال غزالا کان اسان جي خلاف ڳڙهي ياسين ۾ سکر جي عدالت ۾ ڪيس داخل ڪرايا آهن ۽ مان به انهن خلاف سکر جي مقامي عدالت ۾ درخواست داخل ڪرائي آهي عدالتن ۾ ڪيس هلڻ باوجود اڳوڻو سالو شمشاد علي عرف ارشاد علي سجاد ملڪ عمرالدين ۽ ان جا پٽ ڪورٽ جي ٻاهر مختلف طريقن سان ڌمڪائڻ بيا منهنجي ڀائيچي پنج ورهين جي اسماعيل کي ڌيئرڻ ۽ ڪان واپس اچڻ تي هٿيارن جي زبردستي ڪئي پيا هئا ۽ بعد ۾ پوليس ذريعي هو واپس آيو متاثر جاويد ملڪ ٻڌايو ته 13 فيبروري 2024 تي ڳڙهي ياسين ڪورٽ ۾ حاضري تي ويس ته شمشاد ملڪ ۽ ٻيا مٿي ڄاڻايل همراهن مارڻ جي ڪوشش ڪئي ماڻهن جي وچ ۾ اچڻ تي جوابدار ڌمڪيون ڏيندا ويا هن چيو ته اسان جي جيئن کي جوابدارن مان خطرو آهي متاثر شخص چيف جسٽس آف سنڌ هائي ڪورٽ، آءِ جي سنڌ ۽ آءِ جي لاڙڪاڻو آءِ جي سکر ايس ايس پي شڪارپور ۽ ايس ايس پي سکر کي اپيل ڪئي آهي ته جوابدارن خلاف قانوني ڪاروائي ڪري انصاف ۽ تحفظ ڏنو وڃي

بقايا سنڌيار 16

اليڪشن دوران پي ايس 19 تي پيپلزپارٽي اميدوار عبدالباري خان پتافي جي حمايت ڪرڻ تي بااثر وڏيرن پاران پورهيت محمد جمن مهر کي ڌمڪيون ۽ حراسان ڪرڻ خلاف متاثر ڳوٺاڻن جو ميرپورماٿيلو پريس ڪلب ٻاهران احتجاج محمد جمن مهر ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته پي ايس 19 تي پاڪستان پيپلزپارٽي جي اميدوار عبدالباري خان پتافي جي حمايت ڪئي سين جنهن بعد پنهنجي برادري جا وڏيرا جاني دشمن ٿي ويا آهن ان وڌيڪ چيو ته بااثر وڏيرو راجا خان مهر، عمرخان مهر، نواب خان، محبوب خان، پاٺي خان، ڪريم داد مهر، وڏيرو خان محمد ۽ ٻين جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي بااثر وڏيرا ۽ انهن جا ماڻهون مسلسل ڌمڪيون ۽ حراسان ڪري رهيا آهن اهڙي اطلاع ايس ايس پي گهوٽڪي کي پڻ ڏني آهي جنهن انڪوائري جو پڻ حڪم ڏنو آهي ان وڌيڪ ٻڌايو ته اسين پيپلزپارٽي جا ورڪر آهيون ۽ اليڪشن ۾ پنهنجي تڪ پي ايس 19 تي عبدالباري خان پتافي جي حمايت ڪئي سين ۽ ان کي ووٽ پڻ ڏنا جنهن کانپوءِ پنهنجي برادري جا وڏيرا جان جا ويري ٿي ويا آهن جيڪي هاڻ اغوا ڪري مارڻ چاهن ٿا ان پاڪستان پيپلزپارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ۽ فريال ٽالپر کان نوٽيس وٺڻ ۽ گهوٽڪي پوليس کان تحفظ جي اپيل ڪئي آهي

بقايا سنڌيار 17

مقصود رضا مگڙهار ڪلهوڙا ڪالوني ۾ هڪ گهر تي ڪاروائي ڪري ٻه ڪلو چرس 111 ديسي شراب جون بوتلون ۽ 159 پاڪيٽ زيد 21 گٽڪي جا هٿ ڪري جوابدار ذيشان لنگيو ڪلهوڙو کي گرفتار ڪرڻ جي دعوا ڪري ڇڏي ان موقعي تي ايس ايڇ او ناروشاهه مقصود رضامگڙهار ٻڌايو ته ڳجهي اطلاع تي ڪاروائي ڪري منشيات فروش کي گرفتار ڪري سندس وٽان وڏي مقدار ۾ منشيات هٿ ڪري سندس مٿان چرس شراب ۽ زيد 21 جا ٽي الڳ الڳ ڪيس داخل ڪيا آهن ۽ منشيات فروشن خلاف وڌيڪ ڪاروايون جاري آهن.

بقايا سنڌيار 18

سخت نعري بازي ڪري 7 ڪلاڪ ڌرڻو هڻي ويهي رهيا.ان موقعي تي دادو ميونسپل ڪاميٽي جي وائيس چيئرمين خالد حسين ميراڻي، ڪائونسلر تعلقه جنرل سيڪريٽري رفيق ميراڻي، پ پ نائب صدر ضلع صدر عرفان سولنگي،شاهجهان چنه،رياض گرگهانگ، سردار عامر جمالي، مولا بخش لاشاري ۽ ٻين چيو ته گذريل 7 مهينن کان سي ايم او اياز پنهور دادو ميونسپل ڪاميٽي کي پنهنجي ذاتي ملڪيت سمجهي ڪرپشن ڪري پيو سڄو شهر کنڊرات گندگي جو ڍير لڳو پيو آهي ماهوار ڪروڙين روپيا بجيٽ هڙپ ڪئي پئي وڃي،دادو ميونسپل ڪاميٽي سي ايم او اياز پنهور کان 7 مهينن جو حساب گهريو آهي ته هو هاڻ ڊراما پيو ڪري فوري طور سي ايم او اياز پنهور کي هٽائي چئرمين ميونسپل ڪاميٽي دادو کي پابند ڪيو وڃي ته هو پنهنجي آفيس ۾ ويهي ڪائونسلرن ۽ شهرين جا مسئلا حل ڪري ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وسيع ڪيو ويندو،7 مهينن کان صرف هڪ اجلاس سڏايو ويو آهي، ان بعد ڪوبه ميونسپل جو اجلاس نه گهرايو ويو آهي،هنن چيو ته اڄ هن احتجاج ۾ پيپلزپارٽي جي سمورين ڏيلي تنظيمن جا اڳواڻ، ڪارڪن ۽ واپاري، شهري موجود آهن. پ پ جي اعلي قيادت معاملي جو نوٽيس وٺي دادو ميونسپل چئرمين پيردانش کي پابند ڪري سان گڏ سي ايم او اياز پنهور کي هٽائي اسان ڪارڪن مان بيچيني دور ڪئي وڃي،ان موقعي تي ڪائونسلر شفيع محمد لنڊ، ڪائونسلر وقار علي لنڊ،رياض گرگهانگ،ڪائونسلر گل محمد پنهور ۽ ٻيا موجود هئا.

بقايا سنڌيار 19

مال تي ٿيل ويڙهه کي اسين ٽوبي درامو قرار ڏيون ٿا ڇاڪاڻ ته هي چونڊيل نمائنده توڙي بيوروڪريٽ پٽي هڪ سکي جا ٻه پاسا آهن ۽ پاڻ ۾ هڪ آهن جڏهن ته دادو ضلعو جيڪو هيڊ ڪوارٽر جو درجو رکي ٿو جنهن جي ماهانا ميونسپل ڪاميٽي جي بجيٽ 4 ڪروڙ 25 لک روپيه آهي بجيٽ خردبرد ڪرڻ ۽ عوام جي نيڻ هٽائڻ لاءِ هي ڊرامي بازي ڪئي وڃي ٿي هي سڄو شهر گندگي جي ور چڙهي ويو آهي شهرجا مين روڊ دلڻ جو ڏيک ڏئي رهيا آهن مختلف علائقا ڄاڻ شاهه آباد، مرڪيور، عزيز آباد، پٽي ڪالوني، نجم ڪالوني سميت مختلف محلا صفائي نه هجڻ سبب اتي جي عوام مليريا سميت مختلف بيمارين ۾ ورڪرجي وئي آهي اسين ڊي جي نيب اينٽي ڪرپشن، چيف جسٽس سنڌ هاءِ ڪورٽ کان مطالبو ٿا ڪريون ته ميونسپل ڪاميٽي دادو جي بجيٽ جي آڊٽ ڪري ڪرپٽ آفيسرن سميت چونڊيل نمائندن جي اثاثن جي جاچ ڪري عوام جو ليل پيسو عوام تي خرچ ڪيو وڃي ڇاڪاڻ ته هن جي ويڙهه ٿئي عوام جي بجيٽ ڪاٽڻ جو سبب ٿي آهي چوري ڪڏهن به لڪندي ناهي جيئن هن اليڪشن ۽ نتيجا پوراپا آهن اٿين ئي دادو ميونسپل جي بجيٽ چوري ڪئي وڃي ٿي ان موقعي تي اڳواڻ شفقت گرگهانگ، ڪاشف پيراسرار گرگهانگ ذوالفقار پير آڪاش، واحد پير، عمران ملاح، مظفر گرگهانگ، ارسلان پير نصرالله پير ۽ ٻيا ورڪر پڻ گڏ هئا.

بقايا سنڌيار 20

جرڪيو پاران پوليس آفيسرن کي اپيل آهي پينس ڪالوني جي رهواسڻ عزت بانو ولد نواز علي خاصخيلي عمر 23 سالن جي پنهنجي رضا خوشي سان گهارو شهرجي 25 سالن جي نوجوان اڪبر خاصخيلي ولد حاجي خاصخيلي سان شادي ڪري ڇڏي، سندس چوڻ هو هڪ ٻئي سان تمام گهڻو پيار ڪندا پر اوڻو منهنجي گهروارن منهنجي شادي ڪنهن ٻئي هنڌ ڪرڻ ٿي چاهي جنهن جي ڪري اسان پنهجي عدالت ۾ شادي ڪري ڇڏي آهي، مسمات ڪي بانو پوليس کي اپيل ڪندي چيو آهي ته اسان کي تحفظ ڏنو وڃي، اسان جي جانين جو تحفظ ڪيو وڃي ۽ جيڪڏهن وارثن ڪو ڪيس داخل ڪري ته ان کي ڪوڙو سمجهيو وڃي.

بقايا سنڌيار 21

بشيراحمد اوڳاهي زخمن جا سور نه سهندي فوت ٿي ويو آهي، علائقي واسين جو چوڻ آهي ته اڳاٽي مهينا اڳ چٽي ڪتي نوجوان کي ڏاڙهي زخمي ڪري وڌو هو جنهن کي وارثن پاران رورل هيلٿ سينٽر منتقل ڪيو ويو هو جتي ويڪسين نه ملڻ تي نينگر جي حالت انتهائي خراب ٿي وئي جنهن جو وقتن به وقتن علاج هلندڙ هو اڄ چتي جي ڏاڙهيل نينگر زخمن جا سور نه سهندي دم ڏٽي حوالي ڪري ڇڏيو

بقايا سنڌيار 22

سي نارٿ ناظر آباد پوليس ۽ ڦورن جي وچ ۾ مقابلو ٿي پيو جنهن جي نتيجي ۾ 1 ڦورو مارجي ويو جڏهن ته هڪ زخمي پيو جن جي سڃاڻپ نه ٿي سگهي آهي ان سلسلي ۾ ايس ايس پي عرفان علي سمون ٻڌايو ته جوابدارن پوليس تي فائرنگ ڪئي ۽ پوليس جي جوابي فائرنگ ۾ هڪ ڄڻو فوت ۽ هڪ زخمي ٿيو آهي جن وٽان ڦريل ڪوسٽر، هڪ پسٽل، ميگزين ۽ گوليون هٿ ڪري تحويل ۾ ورتيون ويون آهن جڏهن ته جوابدارن جي سڃاڻپ لاءِ رڪارڊ چيڪ ڪيو پيو وڃي.

بقايا سنڌيار 23

ٻنهي پاسن کان هزارين گاڏيون بيهجي ويون جڏهن ته انتظاميه جي ڏسيل روٽن تي مسافر گاڏيون روان دوان رهيون. احتجاج ۾ جي ڊي اي اڳواڻ پير سيد صدر الدين شاهه راشدي، غلام مرتضيٰ خان جتوئي، مولانا راشد محمود سومرو، اياز لطيف پليجو، صفدر عباسي، نند ڪمار گوڪلاڻي، مسرور احمد جتوئي، ۽ ٻين اڳواڻن خطاب ڪيو. سيد صدرالدين شاهه خطاب ڪندي چيو ته اوهان کي ٻڌائيندا سين ته سورهيه بادشاهه جي اولاد ۽ پير پاڳارو جا آهن هن چيو ته غريب وٽ ڪجهه ناهي سواءِ ووٽ جي. ان تي به اوهان ڌاڙو هنيو اهو اوهان کي هضم ڪرڻ نه ڏينداسين هن چيو ته ڪٽي آهن بجا تير تي ڊانس ڪرڻ وارا اسان تي عوام جا چونڊيل آهيون جن جي ووٽ تي اوهان ڌاڙو هنيو آهي هن چيو ته جيڪڏهن نيب 15 سالن جي چوري جي تحقيقات ڪرائي ته انهن جا ڌاڙي تي چونڊيل نمائندا ٿڪ بجاءِ سرڪاري مهمان ٿي ويندا اهي ووٽن تي نه پر نوٽن تي آيا آهن. هي ميگا رگنگ جو ڪيس آهي، ان ڪري ان تي سپريم ڪورٽ کان مطالبو ڪيون ٿا ته ان تي ميگا ڪميٽي جوڙي وڃي. اسان اڳ به سپريم ڪورٽ آف پاڪستان کان مطالبو ڪري چڪا آهيون ۽ اڄ به ٻيهر مطالبو ڪريون ٿا ته هو ان معاملي کي ڏسن عوام روڊن تي جو اچي رهيو آهي، ڪين خبر پئجي وئي آهي ته سندن ووٽ نوٽن ڏانهن ويو آهي هن چيو ته 23 آگسٽ تي ڪراچي ۾ اجلاس ٿي رهيو آهي. ان اجلاس ۾ مستقبل جو قانوني عمل طئه ڪيو ويندو اڄ مورو ۾ عوام اسان سان گڏ بيٺو آهي. هيءُ ڪو خواب ناهي، عوام آهي. غلام مرتضيٰ خان جتوئي خطاب ڪندي چيو ته عوام جو مان شڪر گذار آهيان جن مخالفن جي ڪوڙي ايف آءِ آر تي جي اچي ثابت ڪيو ته عوام جا آهي هن چيو ته ايس ايس پي صاحب منهنجي باڊي گارڊن جا هٿيار به چيڪ ڪيا هئا جن مان ڪابه گولي نه هلي هئي پر هڪ نوڪر جي چوڻ تي انتظاميه سندن ونگار وهي آهي جنهن جو پريور دانءُ ۽ ڪيو ويندو ۽ نوڪر کي اوقات ياد ڏياري ويندي عوام اسان سان گڏ آهي. پ پ کي ڌانڌلي ذريعي ڪامياب ڪرايو ويو، اسان تي 1983 ۾ ڪوڙا ڪيس ٺاهيا ويا ۽ هاڻي به قتل جا ڪوڙا ڪيس ٺاهيا وڃن ٿا. پيپلز پارٽي جي جعلي مينڊيٽ کي ڪڏهن به قبول نه ڪنداسين راشد محمود سومرو چيو ته مان بلاول ڀٽو زرداري کي 50 هزار ووٽن تان هارائي چڪو آهيان هن سندس گهرجي هارايل پولنگ جا فارم 45 به عوام کي ڏيکاريا. هن چيو ته رات دير ۾ جن نتيجا تبديل ڪرايا اهي به نظر ۾ آهن جن جا پيرا پنوعاقل وڃن ٿا اسان وٽ سڀ ثبوت آهن جيڪڏهن عوام جي مينڊيٽ کي پيٽ سان لتاڙيو ويو ته هن جا خراب نتيجا نڪرندا صفدرعباسي چيو ته هن اليڪشن ڪيترائي سوال اٿاريا آهن ووٽ چوري ڪندڙن خلاف اسان جي جدوجهد جاري رهندي ۽ چورن جي حلف وٺڻ واري ڏينهن به سنڌ اسيمبلي آڏو تاريخي احتجاج ڪنداسين اياز لطيف پليجو چيو ته ڪنهن به حالت ۾ جعلي مينڊيٽ کي تسليم نه ڪنداسين عوام جي سنڌن حق تي ڌاڙو لاءِ جدوجهد جاري رکنداسين ۽ اسيمبلي هلڻ نه ڏينداسين اسان جو احتجاج 26 فيبروري تي بدين ۾ ٿيندو هن کي سڪون ڪرڻ نه ڏينداسين.

بقايا سنڌيار 24

جهيڙي دوران ڏنڊا لڳڻ سبب 8 ٻارن جي ماءُ راحت کوسو ڌڪي ٿي قتل ٿي وئي جهيڙي ۾ مقتول عورت جو مڙس محب علي، سندس ٻه پٽ صاحب ۽ 7 ورهين جو ياسين کوسو زخمي ٿي پيا مقتول عورت جي وارثن موجب غلام عمر، نادر، دادن گهرن تي حملو ڪيو، راحت کوسو پٽ صاحب کي بچائيندي ڌڪ لڳڻ سبب مارجي وئي مقتول عورت جي وارثن جو چوڻ هو ته معمولي ڳالهه تان حملو ڪيو ويو ظلم ڪيو ويو آهي. جوابدارن کي گرفتار ڪيو وڃي

بقايا سنڌيار 25

ريلي ڪڍي مظاهرو ڪري پريس ڪلب آڏو ڌرڻو هنيو ويو مظاهرين جي هٿن ۾ بينر ۽ پلي ڪارڊ کنيل هئا، جيڪي سخت نعريبازي ڪري رهيا هئا. احتجاجي مظاهري ۾ سنڌ سجاڳي فورم جي مرڪزي اڳواڻن مختلف قومپرست پارٽين جي اڳواڻن، شاگرد تنظيمن جي اڳواڻن، پروگريسو تنظيمن جي اڳواڻن شرڪت ڪئي. ان موقعي تي سنڌ سجاڳي فورم جي مرڪزي صدر سارنگ جوڻي، مرڪزي جوائنٽ سيڪريٽري زاهد ڪوسي، مرڪزي فائنانس سيڪريٽري سهڻي جويو، پورهيت مزاحمت جي مرڪزي صدر مسرور شاهه، جساف جي مرڪزي جنرل سيڪريٽري آصف پرٽ، بلوچ يڪجهتي ڪاميٽي ۽ جي اڳواڻ عبدالوهاب بلوچ، جيئي سنڌ محاذ ڪراچي جي اڳواڻ شوڪت سومرو، جيئي سنڌ تحريڪ ڪراچي ڊويزن جي اڳواڻ يوسف ڪرناٽي، جساف آريسر جي اڳواڻ آصف پٽو، سماجي اڳواڻ نجم مهشيوري، صحافي رزاق عاصي، سنڌ سجاڳي فورم ضلعي ڪورنگي جي اڳواڻ شعيب شيخ، سنڌ سجاڳي فورم جي سينيئر ساٿي جانب خاصخيلي، قومي ڪارڪن وقار ڪوري، ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته "سائين هدايت لوهار سنڌ جي قومي تحريڪ ۽ سائين جي ايم سيد جي فڪر جو پرچارڪ ۽ استاد هو ياد رهي ته سائين هدايت کي رياستي ادارن پهرين پيرو اپريل 2017 ۾ اسڪول مان کنيو گم ڪيو هو، ۽ ٻيهر 3 اپريل 2023 ۾ کنيو گم ڪيو هو، ۽ ان کان پوءِ به ڪيس ۽ سندس ڌيئرن سورٺ لوهار کي ڌمڪيون ملنديون رهيون، جنهن جي شڪايت پريس ڪانفرنس ذريعي ۽ شڪايتي درخواست ذريعي عالمي انساني حقن جي تنظيمن کي ڏنل هيون ۽ ٺيٺ جيڪو خدشو هو اهو ئي ٿيو انهن ئي رياستي ادارن پيغمبري پيشي سان واڳيل هڪ شفيق ۽ شريف انسان کي سنڌ جي شهر نصيرآباد ۾ تارگيٽ ڪلنگ ذريعي ڪيس شهيد ڪيو ويو ۽ ظلم جي انتها اها آهي جو وارثن مسلسل 17 ڪلاڪ نصيرآباد بائي پاس تي ڌرڻو هنيو، ان جي باوجود وارثن جي خواهش موجب ايف آءِ آر به نه ڪٽي وئي، ۽ رڳو هر سي سي ٽي وي ۾ آيل فوٽوز وارن ٽارگيٽ ڪلرز کي به گرفتار نه ڪيو ويو آهي، ان مان صاف ظاهر ٿئي ٿو ته قتل رياستي قتل آهي، اسان عالمي ادارن يو اين او، ايمنسٽي انٽرنيشنل، ۽ انساني حقن جي سمورين تنظيمن کي اپيل ڪيون ٿا ته سائين هدايت لوهار جو قتل هڪ سياسي قتل آهي، جيڪو رياست ڪرايو آهي، ان تي عالمي تحقيقاتي ڪميشن جوڙي وڃي ۽ وارثن کي انصاف ڏنو وڃي ۽ ڪڏهن وارثن جي خواهش موجب ايف آءِ آر ڪٽي وڃي ۽ انهن رياستي ادارن جي ماڻهن جا نالا شامل ڪيا وڃن ۽ سي سي ٽي وي ڪئميرا ۾ ظاهر ٿيل ٽارگيٽ ڪلرز کي گرفتار ڪري ڪائنات اصل رياستي ادارن جي هٿن ظاهر ڪري ڪين عبرتناڪ سزا ڏني وڃي، اسان سنڌ سجاڳي فورم پاران سنڌ جي قومي تحريڪ جي سمورين تنظيمن کي پڻ اپيل ڪيون ٿا ته اچو ته ادي سسئي لوهار سورٺ سان گڏ هن رياستي قتل خلاف مستقل تحريڪ هلايون. "ان موقعي تي هن احتجاج ۾ هيٺين سائين شرڪت ڪئي: سنڌ سجاڳي فورم ضلعي ڪورنگي جي اڳواڻ امام بخش خاصخيلي، ۽ سلطان شيخ، سينيئر ساٿي جانب خاصخيلي، ضلعي ملير جي اڳواڻ ساٺول زهراڻي، عرفان زهراڻي، ۽ صابر نهڙي، فورم جي تعلقي ڪورنگي جي اڳواڻ اعجاز عمراڻي، مجاهد شيخ، اصغر پنهور، پورهيت مزاحمت ڪراچي جي اڳواڻ وجاهت جاگيراڻي، ورثا پيرزادو، ۽ شرف ڪمار، جساف اڳواڻ مبشر جاگيراڻي، جساف اڳواڻ هالار پيرزادو، اسد شاهه، سنڌ شاگرد سيا اڳواڻ انسا سنڌي، هاءِ ڪورٽ جي وڪيل سائين مختيار سيماڻ وهاب پٽي، ۽ سنڌ سيا اڳواڻ راشد، قومي ڪارڪن فراز ڪلهوڙو، نادر پنهور، مقبول نوتڪاڻي، جسقم ڪارڪن سهيل ميراڻي، قومي ڪارڪن ظفر سولنگي ۽ ٻين شرڪت ڪئي

بقايا سنڌيار 26

عوام کي سندن بنيادي ۽ مقامي حق فراهم ڪرڻ پ پ جي نمائندن ۽ ڪارڪنن جو اولين فرض آهي ۽ منشور موجب مرڻ گهڙي تائين اهو فرض جاري رکيو ويندو، اهڙن خيالن جو اظهار يوسي جي مختلف وارڊن ۾ خطاب ڪندي ڪيو هن چيو ته عوام جي اها واحد نمائنده جماعت آهي جنهن جا اڳواڻ ۽ ڪارڪن بغير ڪنهن رنگ نسل جي پاڪستان جي تعمير ۽ ترقي ۾ سميت عوام جي ڀلائي لاءِ عوام جي خدمت ۾ ڏينهن رات مصروف آهن.

بقايا سنڌيار 27

واپس ايندڙ ٽي نوجوان خميسو چنو، طالب چنو ۽ سمون مري ڪراچي ايئرپورٽ تان نڪرندي ئي اغوا ٿي ويا، اغوا ڪار سخت تشدد جو نشانو بڻائڻ بعد ٻن نوجوانن کي نادرن بائي پاس تي ڇڏي ويا هڪ نوجوان ۽ سندن سمورو سامان پاڻ سان گڏ کڻي ويا. تشدد ۾ زخمي ٿيل نوجوانن کي ڳنڀير حالت ۾ سول ۽ شهيد عباسي اسپتال منتقل ڪيو ويو، ڏيهه ايندڙ ٽنهي نوجوانن جو تعلق نواب ولي محمد سان آهي، سندن وارث اطلاع ملندي ئي ڪراچي پهچي ويا، جڏهن ته پوليس حد جو جواز ڄاڻائي ڪاروائي نه ڪئي ۽ واقعي جو ڪيس ڪين داخل نه ٿي سگهيو، رابطو ڪرڻ تي گڏاپ پوليس چيو ته اسان کي اهڙا اطلاع مليا آهن پر اهو اسان جي حد ناهي پوءِ به ڪوشش ڪيون پيا.

بقايا سنڌيار 28

اعجاز پنڊ، ڪائونسلر لياقت سومرو، قربان چانڊيو ۽ ٻين صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته ڪالهه وائيس چئرمين خالد ميراڻي غنڊا گردي ڪري سي ايم او ميونسپل جي آفيس جو گيٽ ڀڳو آهي جيڪا سڌي ريٽ دهشتگردي آهي ڪهڙي قانون تحت وائيس چئرمين هڪ آفيسرجي آفيس ۾ غنڊا گردي ڪئي آهي ڪالهه کان دادو پوليس هڪ پاسي بيهي اسان ملازمن کي حراسان ڪري پئي، دادو ميونسپل ڪاميٽي جو وائيس چئرمين نه ٻڪرين جو واپاري آهي جيڪو اڄ پنهنجا ماڻهون وٺي اچي ميونسپل ڪاميٽي جي ملازمن کي آفيس مان ٻاهر ڪڍي آفيس ۾ ڌرڻو هڻي ويهي رهيو آهي، اسان قلم ڇوڙ هڙتال نه ٿا ڪرڻ چاهيون پر اسان کي مجبور ڪيو پيو وڃي،17 گريڊ جي آفيسرجي آفيس ۾ ڀڃ ڊاهه ٿي آهي، ڪيس داخل ڪرڻ لاءِ ان آفيسر لکت ۾ حد جي ايس ايچ او کي ليٽر ڏنو آهي پر ايس ايچ او اي سيڪشن ٿاڻو حق نواز ميونسپل ڪاميٽي دادو جي وائيس چئرمين خالد ميراڻي جي ڊپ ۾ ٻنجي ڪيس داخل نه پيو ڪري جنهن وقت تائين دادو ميونسپل ڪاميٽي ۾ حملو ڪندڙ وائيس چئرمين تي ڪيس داخل نه ٿيندو ان وقت تائين احتجاج جاري رهندو، ٻئي طرف ايس ايچ او اي سيڪشن حق نواز ۽ دادو ايس ايس پي جي پي ايس او حماد آخوند ڌرڻي واري هنڌ پهچي هڙتالي مظاهرين سان ڳالهيون ڪري مظاهرين کي يقين ڏياريون ته سڀاڻي دادو ميونسپل ڪاميٽي اندر وائيس چئرمين خالد ميراڻي جو لڳل احتجاج ختم ڪرائي پوليس پروٽوڪول ڏئي آفيس اوهان جي حوالي ڪئي ويندي، باقي وائيس چيئرمين تي ڪيس داخل ڪرڻ لاءِ دادو ميونسپل ڪاميٽي جو چيئرمين پيردانش لکت ۾ ليٽر ڏيندو ته ميونسپل واقعي جو ڪيس داخل ڪيو ويندو جنهن بعد ڌرڻو ختم ڪيو ويو.

بقايا سنڌيار 29

مظاهرو ڪيو ان موقعي تي استادن چيو ته پيغمبري پيشي سان وابسته استاد هدايت الله لوهار کي ظالمن ڏينهن ڏٺي جو ڄ شهر ۾ گوليون هڻي شهيد ڪيو ويو آهي جنهن جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪيون ٿا هنن چيو ته استاد هدايت لوهار ڪو ڌاڙيل چور نه هو جو بيدردي سان شهيد ڪيو ويو استاد هدايت جو ڏوهه هو ته هو غريب مسڪين ماڻهن جي معصوم ٻارڙن کي تعليم ڏيارڻ ۽ ڪرشان هو هنن چيوته شهيد ڪيو ويو ان جاءِ پرسان ٿوري فاصلي تي پوليس اسٽيشن به قائم آهي پرافسوس جو پوليس ڪوبه قدم نه کنيو ۽ جوابدار بآساني سان فرار ٿي ويا هنن مطالبو ڪيو آهي ته استاد هدايت لوهارجا قاتل فوري گرفتار ڪري سخت کان سخت سزا ڏني وڃي ۽ سنڌ جي استادن مان بيچيني ختم ڪئي وڃي ٻي صورت ۾ سخت احتجاج ڪيو ويندو

بقايا سنڌيار 30

ماسترن مسئلن جا انبار لڳائي ڇڏيا ، تعليم کي اوليت ڏيڻ چاهيان ٿو وزير تعليم ۽ ورڪس ۽ سروس کاتي وارن ملي مسئلا حل ڪرائڻ چاهيان ٿو ايم پي اي محمود عالم جاموٽ تفصيل موجب ملير جي ساموندي تڪ 87 تان ڪامياب پيپلزپارٽي جي ايم پي اي محمود عالم جاموٽ ڪالا تڪ ۾ هلندڙ70 کان وڌيڪ سرڪاري اسڪولن جي هيڊ ماسترن سان گڏيل اجلاس ڪيو جنهن هيڊماسترن ايم پي اي کي اسڪولن جي صورتحال تي بريفنگ ڏيندي هيڊ ماسترن مسئلن جا انبار لڳائي ڇڏيا هنن ٻڌايو ته چيو ته سمورا پرائمري توڙي سيڪنڊري اسڪول پاڻي، بجلي، فرنيچر استادن ۽ مرمت جي سهولتن کان محروم آهن ڳالهائي ۽ ايم پي اي محمود عالم جاموٽ چيو ته ٻيهر ڪاميابي کان پوءِ آئون تعليم کي اوليت ڏيڻ چاهيان ٿو ان سلسلي ۾ بريفنگ ذريعي معلومات گڏ ڪري وزير تعليم ۽ ورڪس ۽ سروس کاتي وارن ملي مسئلا حل ڪرائيندس.

بقايا سنڌيار 31

عام ماڻهن سان رويو ۽ ملندڙ انصاف بابت ايس ايس پي بدين مير روحيل کوسو سان سندس آفيس ۾ گڏجاڻي ڪئي جنهن ۾ بدين جي مسئلن کي انصاف جي حصول ۽ قانون جي پاسداري بابت ڳالهه ٻولهه ٿي جنهن ۾ ايس ايس پي بدين مير روحيل کوسو هيومين رائيٽس فورم پاڪستان جي وفد جي ڪم کي ساراهيندي چيو ته بدين پوليس توهان سان منشيات جي خاتمي ۽ امن امان لاءِ هر وقت هر قدم تي ساٿ ڏيندي ايس ايس پي بدين چيو ته آئون منشيات خلاف وڏ کان وڏ ڪوشش ڪري رهيو آهيان ته بدين ۾ منشيات وڪرو ڪندڙ اهم وڏيون مڇون جهليان معمولي ڪيبين وارا وڪرو ڪندڙ ننڍا مهرا آهن آئون جڙ کان خاتمو ڪرڻ ٿو چاهيان جنهن ۾ هيومين رائيٽس توڙي عام شهرين جو پوليس سان سهڪار گهرجي ان دوران ايس ايس پي بدين هيومين رائيٽس پوليس ونگ جي انچارج ڊي ايس پي محمود پوٽو ۽ ڊي ايس پي هري سنگ کي پڻ سندس آفيس ۾ طلب ڪيو ۽ حڪم جاري ڪيو ته هيومين رائيٽس فورم پاڪستان جي اڳواڻن سان هر ممڪن تعاون ڪيو منشيات خلاف اويئرنيس لاءِ سيمينار منعقد ڪريو جيڪي نوجوان احساس ڪمتري يا بري صحبت سبب سوسائيٽي تا ڪٽ انهن لاءِ پڻ اويئرنيس لاءِ پروگرام ۽ مختلف سرگرميون جوڙيو ته جيئن نوجوان ملڪ جو بهتر اثاثو بڻجي سگهن ايس ايس پي بدين اهو به ٻڌايو ته پوليس اندر جيڪي ڪاريون رڍون آهن آئون انهن کي پڻ بخش نه ڪندس ڇاڪاڻ ته اهڙا چند ماڻهون پوري اداري جو نالو بدنام ڪن ٿا مون هن وقت 40 اهڙن اهلڪارن کي سسپينڊ ڪيو آهي جيڪي منشيات فروشن سان ملوث هئڻ جون شاهديون مليون پوليس هيومين رائيٽس ۽ عام شهري عوام سڀ گڏجي هر برائي سان وڙهي برائي جو خاتمو آڻي سگهون ٿا ان ميٽنگ دوران هيومين رائيٽس جي اڳواڻن ضلعي صدر نعيم ميمڻ ميڊم عابده سمون، سيد محمد حسين شاهه امتياز ميمڻ،عبدالغفور شيخ، سجاد درس ۽ ٻين ايس ايس پي بدين کي تحفي طور سنڌي اجرڪ تحفا پيش ڪيا

بقايا سنڌيار 32

هي اسڪول ڪيترن ئي سالن کان بند پيل هئا، جيڪي ڊي اي او ايجوڪيشن پرائمري ڊاڪٽر نظام الدين ڪٿائي جي ڪوشش سان کولرايا ويا آهن. جتي اسانجي معصوم ٻچن کي تعليم جهڙي زيور سان نوازيو ويندو، هنن چيو ته سندس اسڪولن کولرائڻ ۾ سماجي تنظيم تنوار فائونڊيشن جو به بهترين ڪردار رهيو آهي، اسان سائين نظام الدين ڪٿائي ۽ سماجي تنظيم جي واليئنٽرن جا پڻ شڪر گذار آهيون هنن چيو ته ڊي اي او پرائمري ڊاڪٽر نظام الدين ڪٿائي هڪ محنتي آفيسر آهي، جنهن پنهنجي محنت سان اسانجي بند پيل اسڪولن سميت ٻهڙاڙي جا بند پيل ڪيترائي اسڪول کولرائي انهن ۾ تدريسي عمل جاري ڪرائي ڇڏيو آهي جيڪو جس لهڻي ٿو اهڙي تعليمي دوست آفيسر جي ضلعي ٺٽي جي عوام کي سخت ضرورت آهي ٻئي طرف اسان جڏهن رابطو ڪرڻ تي ڊي اي او ايجوڪيشن پرائمري ڊاڪٽر نظام الدين ڪٿائي چيو ته اهو منهنجو فرض هو جيڪو ادا ڪيو آهي، منهنجي ڪوشش آهي ته ڪو اسڪول بند نه هجي ضلعي جي هر ٻار کي مفت تعليم مهيا ڪئي وڃي، جنهن لاءِ آءُ ڪوشان آهيان. هن چيو ته سندس اچڻ بعد ٿوري وقت ۾ ڪافي بند پيل اسڪول کولرائي تعليمي نظام کي بهتر ڪيو پيو وڃي. هن چيو ته جيترو به وقت رهيس تعليم جي بهتري لاءِ ڪم ڪندو رهندس، جيئن اسانجو ڪو به ٻار تعليم کان رهجي نه وڃي.

بقايا سنڌيار 33

بل فوري طور تي ڊسٽرڪٽ اڪائونٽس آفيس نوشهروفيروز ۾ جمع ڪرائڻ ته جيئن انهن کي پينشن، ڪميوٽيشن، ليوان ڪيش منٽ جي بلن جي ادائيگي ٿي سگهي ان تي چيو آهي ته ڪرائيندڙ ملازم پنهنجي بلن جي ادائيگي ۽ دير جا پاڻ ذميوار هوندا ۽ انهن جي جاءِ تي لسٽ ۾ موجود اڳئين ملازم کي ادائيگي ڪئي ويندي ان وڌيڪ ٻڌايو آهي ته لسٽ ۾ موجود ريٽائرڊ ملازمن جو نمبر اچي چڪو آهي ليڪن انهن جا بل آفيس ۾ وصول نه ٿي سگهيا آهن

بقايا سنڌيار 34

عام ماڻهن سان رويو ۽ ملندڙ انصاف بابت ايس ايس پي بدين مير روحيل کوسو سان سندس آفيس ۾ گڏجاڻي ڪئي جنهن ۾ بدين جي مسئلن کي انصاف جي حصول ۽ قانون جي پاسداري بابت ڳالهه ٻولهه ٿي جنهن ۾ ايس ايس پي بدين مير روحيل کوسو هيومين رائيٽس فورم پاڪستان جي وفد جي ڪم کي ساراهيندي چيو ته بدين پوليس توهان سان منشيات جي خاتمي ۽ امن امان لاءِ هر وقت هر قدم تي ساٿ ڏيندي ايس ايس پي بدين چيو ته آئون منشيات خلاف وڏ کان وڏ ڪوشش ڪري رهيو آهيان ته بدين ۾ منشيات وڪرو ڪندڙ اهم وڏيون مڇون جهليان معمولي ڪيبين وارا وڪرو ڪندڙ ننڍا مهرا آهن آئون جڙ کان خاتمو ڪرڻ ٿو چاهيان جنهن ۾ هيومين رائيٽس توڙي عام شهرين جو پوليس سان سهڪار گهرجي ان دوران ايس ايس پي بدين هيومين رائيٽس پوليس ونگ جي انچارج ڊي ايس پي محمود پوٽو ۽ ڊي ايس پي هري سنگ کي پڻ سندس آفيس ۾ طلب ڪيو ۽ حڪم جاري ڪيو ته هيومين رائيٽس فورم پاڪستان جي اڳواڻن سان هر ممڪن تعاون ڪيو منشيات خلاف اويئرنيس لاءِ سيمينار منعقد ڪريو جيڪي نوجوان احساس ڪمتري يا بري صحبت سبب سوسائيٽي تا ڪٽ انهن لاءِ پڻ اويئرنيس لاءِ پروگرام ۽ مختلف سرگرميون جوڙيو ته جيئن نوجوان ملڪ جو بهتر اثاثو بڻجي سگهن ايس ايس پي بدين اهو به ٻڌايو ته پوليس اندر جيڪي ڪاريون رڍون آهن آئون انهن کي پڻ بخش نه ڪندس ڇاڪاڻ ته اهڙا چند ماڻهون پوري اداري جو نالو بدنام ڪن ٿا مون هن وقت 40 اهڙن اهلڪارن کي سسپينڊ ڪيو آهي جيڪي منشيات فروشن سان ملوث هئڻ جون شاهديون مليون پوليس هيومين رائيٽس ۽ عام شهري عوام سڀ گڏجي هر برائي سان وڙهي برائي جو خاتمو آڻي سگهون ٿا ان ميٽنگ دوران هيومين رائيٽس جي اڳواڻن ضلعي صدر نعيم ميمڻ ميڊم عابده سمون، سيد محمد حسين شاهه امتياز ميمڻ،عبدالغفور شيخ، سجاد درس ۽ ٻين ايس ايس پي بدين کي تحفي طور سنڌي اجرڪ تحفا پيش ڪيا

بقايا سنڌيار 35

ريلي ڪڍي مظاهرو ڪري پريس ڪلب آڏو ڌرڻو هنيو ويو مظاهرين جي هٿن ۾ بينر ۽ پلي ڪارڊ کنيل هئا، جيڪي سخت نعريبازي ڪري رهيا هئا. احتجاجي مظاهري ۾ سنڌ سجاڳي فورم جي مرڪزي اڳواڻن مختلف قومپرست پارٽين جي اڳواڻن، شاگرد تنظيمن جي اڳواڻن، پروگريسو تنظيمن جي اڳواڻن شرڪت ڪئي. ان موقعي تي سنڌ سجاڳي فورم جي مرڪزي صدر سارنگ جوڻي، مرڪزي جوائنٽ سيڪريٽري زاهد ڪوسي، مرڪزي فائنانس سيڪريٽري سهڻي جويو، پورهيت مزاحمت جي مرڪزي صدر مسرور شاهه، جساف جي مرڪزي جنرل سيڪريٽري آصف پرٽ، بلوچ يڪجهتي ڪاميٽي ۽ جي اڳواڻ عبدالوهاب بلوچ، جيئي سنڌ محاذ ڪراچي جي اڳواڻ شوڪت سومرو، جيئي سنڌ تحريڪ ڪراچي ڊويزن جي اڳواڻ يوسف ڪرناٽي، جساف آريسر جي اڳواڻ آصف پٽو، سماجي اڳواڻ نجم مهشيوري، صحافي رزاق عاصي، سنڌ سجاڳي فورم ضلعي ڪورنگي جي اڳواڻ شعيب شيخ، سنڌ سجاڳي فورم جي سينيئر ساٿي جانب خاصخيلي، قومي ڪارڪن وقار ڪوري، ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته "سائين هدايت لوهار سنڌ جي قومي تحريڪ ۽ سائين جي ايم سيد جي فڪر جو پرچارڪ ۽ استاد هو ياد رهي ته سائين هدايت کي رياستي ادارن پهرين پيرو اپريل 2017 ۾ اسڪول مان کنيو گم ڪيو هو، ۽ ٻيهر 3 اپريل 2023 ۾ کنيو گم ڪيو هو، ۽ ان کان پوءِ به ڪيس ۽ سندس ڌيئرن سورٺ لوهار کي ڌمڪيون ملنديون رهيون، جنهن جي شڪايت پريس ڪانفرنس ذريعي ۽ شڪايتي درخواست ذريعي عالمي انساني حقن جي تنظيمن کي ڏنل هيون ۽ ٺيٺ جيڪو خدشو هو اهو ئي ٿيو انهن ئي رياستي ادارن پيغمبري پيشي سان واڳيل هڪ شفيق ۽ شريف انسان کي سنڌ جي شهر نصيرآباد ۾ تارگيٽ ڪلنگ ذريعي ڪيس شهيد ڪيو ويو ۽ ظلم جي انتها اها آهي جو وارثن مسلسل 17 ڪلاڪ نصيرآباد بائي پاس تي ڌرڻو هنيو، ان جي باوجود وارثن جي خواهش موجب ايف آءِ آر به نه ڪٽي وئي، ۽ رڳو هر سي سي ٽي وي ۾ آيل فوٽوز وارن ٽارگيٽ ڪلرز کي به گرفتار نه ڪيو ويو آهي، ان مان صاف ظاهر ٿئي ٿو ته قتل رياستي قتل آهي، اسان عالمي ادارن يو اين او، ايمنسٽي انٽرنيشنل، ۽ انساني حقن جي سمورين تنظيمن کي اپيل ڪيون ٿا ته سائين هدايت لوهار جو قتل هڪ سياسي قتل آهي، جيڪو رياست ڪرايو آهي، ان تي عالمي تحقيقاتي ڪميشن جوڙي وڃي ۽ وارثن کي انصاف ڏنو وڃي ۽ ڪڏهن وارثن جي خواهش موجب ايف آءِ آر ڪٽي وڃي ۽ انهن رياستي ادارن جي ماڻهن جا نالا شامل ڪيا وڃن ۽ سي سي ٽي وي ڪئميرا ۾ ظاهر ٿيل ٽارگيٽ ڪلرز کي گرفتار ڪري ڪائنات اصل رياستي ادارن جي هٿن ظاهر ڪري ڪين عبرتناڪ سزا ڏني وڃي، اسان سنڌ سجاڳي فورم پاران سنڌ جي قومي تحريڪ جي سمورين تنظيمن کي پڻ اپيل ڪيون ٿا ته اچو ته ادي سسئي لوهار سورٺ سان گڏ هن رياستي قتل خلاف مستقل تحريڪ هلايون. "ان موقعي تي هن احتجاج ۾ هيٺين سائين شرڪت ڪئي: سنڌ سجاڳي فورم ضلعي ڪورنگي جي اڳواڻ امام بخش خاصخيلي، ۽ سلطان شيخ، سينيئر ساٿي جانب خاصخيلي، ضلعي ملير جي اڳواڻ ساٺول زهراڻي، عرفان زهراڻي، ۽ صابر نهڙي، فورم جي تعلقي ڪورنگي جي اڳواڻ اعجاز عمراڻي، مجاهد شيخ، اصغر پنهور، پورهيت مزاحمت ڪراچي جي اڳواڻ وجاهت جاگيراڻي، ورثا پيرزادو، ۽ شرف ڪمار، جساف اڳواڻ مبشر جاگيراڻي، جساف اڳواڻ هالار پيرزادو، اسد شاهه، سنڌ شاگرد سيا اڳواڻ انسا سنڌي، هاءِ ڪورٽ جي وڪيل سائين مختيار سيماڻ وهاب پٽي، ۽ سنڌ سيا اڳواڻ راشد، قومي ڪارڪن فراز ڪلهوڙو، نادر پنهور، مقبول نوتڪاڻي، جسقم ڪارڪن سهيل ميراڻي، قومي ڪارڪن ظفر سولنگي ۽ ٻين شرڪت ڪئي

بقايا سنڌيار 36

جي سڀ کان وڏي سول اسپتال سکر ڪرپشن ۽ سفارشي ڪلچر هجڻ سبب مستحين ماڻهن لاءِ بي لاب ۽ بي فائدا بڻيل آهي سکر سول اسپتال ۾ انتظامي نااهلي ۽ ڪرپشن سبب ڪروڙين روپيا بجيٽ هجڻ باوجود عوام علاج جو سهولتون کان محروم آهي ميڊيڪل سپرڊينٽ سميت ڪيترائي نااهل عملدار سياسي آشيرواد هجڻ ڪري سٽيين ڪرسين تي فائز آهن جن ڪرپشن ڪري اسپتال کي تباهه ڪري ڇڏيو آهي جنهن ڪري هن وقت اسپتال ۾ ايندڙ ڪيترائي مريض سياسي پوترن کان اسپتال ۾ مقرر M.S صاحب ڏي سفارشي فون ڪرائي ايندا آهن ته جيئن بهتر علاج ٿئي سول اسپتال سکر ۾ سرڪاري دوائون به سفارشي مريضن کي سياستدانن جي فون ڪال ڪرڻ بعد ڏيون وڃن ٿيون پر غير سفارشي مريض صحتياب ٿيڻ بغير موت جو شڪار ٿي لاشن جي صورت ۾ گهرن ڏانهن واپس ٿين ٿا ٻئي طرف باخبر ذريعن موجب ته سول اسپتال سکر جو بورچي خانو به هڪ سياسي واڻي حوالي ڪيو ويو آهي جنهن ڪري بورچي خاني ۾ جيل جي قيدين وانگر غير معياري کاڌا تيار ڪيا وڃن ٿا بيمار جانورن جو گوشت سکل ۽ سڙيل ڀاڄيون سبزيون چرٻي مان ٺهيل گيهه جي استعمال سبب داخل مريض وڌيڪ بيمارين ۾ ولجي وڃن ٿا جڏهن ته ميون ۽ ڊرائي فروٽ جو صرف بل ناهي پنهنجا کيسا گرم ڪندا آهن سول اسپتال سکر ۾ سياسي مداخلت ۽ ڪرپشن سبب سکر جا غريب ۽ بي پهچ مريضن توڙي سجاڳ ڌرين جا اڳواڻ مايوس پريشان ٿي ويا آهن سکرجي شهرين ۽ سماجي اڳواڻن چيف جسٽس آف سنڌ هائي ڪورٽ ۽ وس وارن کي اپيل ڪئي آهي ته نوٽيس وٺي سول اسپتال سکر ۾ ٿيندڙ ڪرپشن خلاف ڪاروائي ڪري غريب ماڻهن کي علاج جون سهولتون بغير ڪنهن فرق ۽ سفارش جي ڏنيون وڃن

بقايا سنڌيار 37

ڪنهن به ڌيان نه ڏنو ماهوار ايندڙ ڪروڙين روپيه بجيٽ مان سواءِ ملازمن جي پگهارن جي باقي پئسا ٻاهران ڪان ٿي ٽائون ڪميٽي ميرپور ساڪرو جو ايڊمنسٽريٽر ۽ TMO ملي پگهت ڪري ڳڙڪائڻ لڳا. شهرين جون دانهون، انصاف جو مطالبو ان سلسلي ۾ ميرپور ساڪرو شهر جي ڪيترن ئي شهرين دانهنيندي الزام هڻندي شيرالدين احمد، جاويد، شمس الدين، عباس، سرمد علي، ظهير احمد ۽ ٻين چيو آهي ته ٽائون ڪميٽي ميرپور ساڪرو جي ماهوار ڏيڍ ڪروڙ روپيه بجيٽ هوندي ۽ ميرپور ساڪرو شهر ۾ ڪو به صفائي سٿرائي جو انتظام ناهي. ڊرينج سسٽم ناڪاره هجڻ ڪري شهر گندگي جي ڍيرن ۾ تبديل ٿي ويو آهي گٽر نالا روڊ ۽ رستن تي وهڻ ڪري وڌيڪ بدبوءِ ڦهلائي رهيا آهن. جن مان وچرندڙ بيمارين جي ڦهلجڻ جو پڻ انديشو آهي. هنن چيو ته ميرپور ساڪرو شهر واسي پيئڻ جي پاڻي لاءِ ترسي رهيا آهن ڪو به ترقياتي ڪم نظر نٿو اچي. صفائي واري عملي کي شهر کي صاف سٿرو رکڻ لاءِ صفائي جو سامان به نٿو ملي. ملازمن پاران دڪاندارن کان ورتل اوڌر تي سامان جون رقمون نه ملڻ ڪري دڪاندارن ڪين سامان اوڌر تي ڏيڻ بند ڪري ڇڏيو آهي. جنهن سامان جي رقم به نئين آيل ايڊمنسٽريٽر ممتاز منگريو ڪوڙن بلن ذريعي ڳڙڪائي وڃي آهي. جنهن اڄڻ شرط ميرپور ساڪرو شهر جي مختلف وارڊن جي صفائي سٿرائي ۽ ترقي لاءِ ايندڙ رقمون هڙپ ڪرڻ سان گڏ گذريل ڇهن مهينن کان واٽر سپلاءِ جي ٻن مشينن مان هڪ وڏي پاور هائوس واري مشين به ڪيترن ئي مهينن کان خراب ٿيل آهي. جنهن جي مرمت نه ڪرائڻ ڪري شهري پيئڻ جي پاڻي کان به محروم ٿيل آهن. ايڊمنسٽريٽر پاران شهرين کي گذريل ٽن مهينن کان ڪوڙا آسرا ڏيئي قسط وٺڻ جو جئي وري مهينو غايب ٿيو وڃي. پر ڪو به ڪم ڪرائڻ يا عوامي مسئلا حل ڪرڻ لاءِ تيار ناهي. جيڪو آفيس ۾ اچڻ لاءِ تيار ناهي. ڪم ڪار سانگي ايندڙ ماڻهون دربدر ٿي رلجو آفيسن جا چڪر ڪاٽڻ تي پورا آهن. هنن الزام هڻندي چيو ته مقرر ٿيل ايڊمنسٽريٽر ميرپور ساڪرو ممتاز مگريو وٽ مختلف 5 چارجون آهن. جيڪو رگهو ايندڙ قسط مان 130 ملازمن جون پگهارو ڪڍي باقي سموري رقم گهارو بئنڪ مان ڪوڙن بلن ذريعي ٻاهران ڪيرائي ڳڙڪائي وڃي ٿو. پر شهرين کي ڪا بنيادي سهوليت نٿي ملي. هنن اهو پڻ انڪشاف ڪيو ته اليڪشن واري رات به 20 لک روپيه ٽائون ڪميٽي ميرپور ساڪرو جو ايڊمنسٽريٽر ڪيرائي ويو آهي. جنهن جي خلاف شهرين جي دانهن باوجود ڪير به ان خلاف ڪاروائي ڪرڻ لاءِ تيار ناهي. ان کانسواءِ جيڪي ملازمن فوت ٿي ويا آهن. انهن جي بيواهن کي به بلاجواز پريشان ڪري مختلف شهرن ڪان گهرائي زبردستي ڊيوٽيون ورتيون ٿيون وڃن. جڏهن ته ننڍن ملازمن سان به ناروا سلوڪ ڪيو وڃي ٿو. جنهن ڪري ننڍا ملازم به سخت پريشان آهن. ميرپور ساڪرو جي شهرين، نيب، ايف آءِ، اينٽي ڪرپشن، چيف سيڪريٽري سنڌ، چيف جسٽس سنڌ هاءِ ڪورٽ سميت سمورن اعلي اختيارين کان گهر ڪئي آهي ته ٽائون ڪميٽي ميرپور ساڪرو جي ايندڙ بجيٽ کي شهر ۽ شهرين جي ڀلائي صفائي سٿرائي تي خرچ ڪرڻ سميت ڪين پيئڻ جي صاف پاڻي سميت سمورين بنيادي سهولتون مهيا ڪري ترقياتي ڪمن جو جار وڇائي ٽائون ڪميٽي ميرپور ساڪرو جي بجيٽ کي هڙپ ڪندڙن خلاف ڪاروائي ڪري شهري کي پريشاني کان بچايو وڃي. ٻئي صورت ۾ سخت احتجاج ڪيو ويندو

بقايا سنڌيار 38

سخت نعري بازي ڪري 7 ڪلاڪ ڌرڻو هڻي ويهي رهيا.ان موقعي تي دادو ميونسپل ڪاميٽي جي وائيس چيئرمين خالد حسين ميراڻي، ڪائونسلر تعلقه جنرل سيڪريٽري رفيق ميراڻي، پ پ نائب صدر ضلع صدر عرفان سولنگي،شاهجهان چنه،رياض گرگهانگ، سردار عامر جمالي، مولا بخش لاشاري ۽ ٻين چيو ته گذريل 7 مهينن کان سي ايم او اياز پنهور دادو ميونسپل ڪاميٽي کي پنهنجي ذاتي ملڪيت سمجهي ڪرپشن ڪري پيو سڄو شهر کنڊرات گندگي جو ڍير لڳو پيو آهي ماهوار ڪروڙين روپيا بجيٽ هڙپ ڪئي پئي وڃي،دادو ميونسپل ڪاميٽي سي ايم او اياز پنهور کان 7 مهينن جو حساب گهريو آهي ته هو هاڻ ڊراما پيو ڪري فوري طور سي ايم او اياز پنهور کي هٽائي چئرمين ميونسپل ڪاميٽي دادو کي پابند ڪيو وڃي ته هو پنهنجي آفيس ۾ ويهي ڪائونسلرن ۽ شهرين جا مسئلا حل ڪري ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وسيع ڪيو ويندو،7 مهينن کان صرف هڪ اجلاس سڏايو ويو آهي، ان بعد ڪوبه ميونسپل جو اجلاس نه گهرايو ويو آهي،هنن چيو ته اڄ هن احتجاج ۾ پيپلزپارٽي جي سمورين ڏيلي تنظيمن جا اڳواڻ، ڪارڪن ۽ واپاري، شهري موجود آهن. پ پ جي اعلي قيادت معاملي جو نوٽيس وٺي دادو ميونسپل چئرمين پيردانش کي پابند ڪري سان گڏ سي ايم او اياز پنهور کي هٽائي اسان ڪارڪن مان بيچيني دور ڪئي وڃي،ان موقعي تي ڪائونسلر شفيع محمد لنڊ، ڪائونسلر وقار علي لنڊ،رياض گرگهانگ،ڪائونسلر گل محمد پنهور ۽ ٻيا موجود هئا.

بقايا سنڌيار 39

مقصود رضا مگڙهار ڪلهوڙا ڪالوني ۾ هڪ گهر تي ڪاروائي ڪري ٻه ڪلو چرس 111 ديسي شراب جون بوتلون ۽ 159 پاڪيٽ زيد 21 گٽڪي جا هٿ ڪري جوابدار ذيشان لنگيو ڪلهوڙو کي گرفتار ڪرڻ جي دعوا ڪري ڇڏي ان موقعي تي ايس ايڇ او ناروشاهه مقصود رضامگڙهار ٻڌايو ته ڳجهي اطلاع تي ڪاروائي ڪري منشيات فروش کي گرفتار ڪري سندس وٽان وڏي مقدار ۾ منشيات هٿ ڪري سندس مٿان چرس شراب ۽ زيد 21 جا ٽي الڳ الڳ ڪيس داخل ڪيا آهن ۽ منشيات فروشن خلاف وڌيڪ ڪاروايون جاري آهن.

بقايا سنڌيار 40

الدين ڪٿائي هڪ محنتي آفيسر آهي، جنهن پنهنجي محنت سان اسانجي بند پيل اسڪولن سميت ٻهڙاڙي جا بند پيل ڪيترائي اسڪول کولرائي انهن ۾ تدريسي عمل جاري ڪرائي ڇڏيو آهي. جيڪو جس لهڻي ٿو اهڙي تعليمي دوست آفيسر جي ضلعي ٺٽي جي عوام کي سخت ضرورت آهي ٻئي طرف رابطو ڪرڻ تي ڊي اي او ايجوڪيشن پرائمري ڊاڪٽر نظام الدين ڪٿائي چيو ته اهو منهنجو فرض هو جيڪو ادا ڪيو آهي، منهنجي ڪوشش آهي ته ڪو اسڪول بند نه هجي ضلعي جي هر ٻار کي مفت تعليم مهيا ڪئي وڃي، جنهن لاءِ آءُ ڪوشان آهيان. هن چيو ته سندس اچڻ بعد ٿوري وقت ۾ ڪافي بند پيل اسڪول کولرائي تعليمي نظام کي بهتر ڪيو پيو وڃي. هن چيو ته جيترو به وقت رهيس تعليم جي بهتري لاءِ ڪم ڪندو رهندس، جيئن اسانجو ڪو به ٻار تعليم کان رهجي نه وڃي.

آفيس آف دي ايگزيڪيوٽو انجنيئر (DEV)
پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ ڊويزن سانگهڙ

فون/فيڪس نمبر: 0235-542496، اي ميل: phedsanghar@gmail.com

No.TC/72/of 2024 Sanghar, Dated: 19/02/2024

"ڪرپشن کان انڪار ڪريو"

ٽينڊر گهرائڻ لاءِ نوٽيس

SPPRA رولز 2010 (ترميم ٿيل 2019) تحت عليحده مهربند لفافي ۾ سمورن ڪانٽريڪٽرز/فرمزجيڪي پاڪستان انجنيئرنگ ڪائونسل سان لاڳاپيل فيلڊ ۽ ساڳئي ڪيٽگري ۾ رجسٽرڊ آهن تن کان سنگل اسٽيج ٽو انوليپ طريقيڪار تحت هيٺ ڏنل ڪمن لاءِ مهربند واڪ گهرائجن ٿا.

سيريل نمبر	تفصيل	ڪٽيل لاڳت (ملين ۾)	سوٽي رقم 5٪	تڪميل جو مدو	ٽينڊر في
	پرووِنشل اي ڊي پي اسڪيمز				
1	ڳوٺ غلام محمد لغاري تعلقي شهدادپور ۾ واٽر سپلاءِ اسڪيم جي تعمير	71.788	3.589	24 مهينا	3000
2	ڊرينيج سسٽم جي تعمير غلام محمد لغاري ۽ تعلقي شهدادپور ۾ شامل ڳوٺ	108.998	5.450	24 مهينا	3000
3	لطيف گيٽ کان 15 مددگار تائين سرفيس ڊرين ۽ سي سي پيور بلاڪ جي تعمير، درگاهه جمن شاهه کان ڊاڪٽر سعود مري کان سوڊو پڇا، ارشاد سهتو کان مسان، ختمي مسجد اسٽريٽ، درگاهه جمن شاهه کان سڪندر حيات ديرو هائوس، محمد چوڪ کان ڊاڪٽر رفيق، گلشن هوٽل، ٽنڊي آدم شهر، ضلعي سانگهڙ	78.000	3.900	24 مهينا	3000
4	ٽنڊو آدم ضلعي سانگهڙ جي وارڊ نمبر 01 کان 14 تائين سطحي نالن ۽ سي سي پيور بلاڪ جي تعمير	51.989	2.600	24 مهينا	3000
5	ڳوٺ بخشو نظاماڻي، سومر ڪلهوڙو، دين محمد انڙ ۽ ڳوٺ صابر ڏاهري تعلقي ٽنڊو آدم، ضلعي سانگهڙ لاءِ سرفيس ڊرين ۽ سي سي پيور بلاڪ جي تعمير	34.851	1.743	24 مهينا	3000
6	بهتري ۽ توسيع ڊرينيج اسڪيم يعني سي سي پيور بلاڪ ڳوٺ پيرل مڪراڻي، تعلقو ٽنڊو آدم، ضلعي سانگهڙ	58.950	2.948	24 مهينا	3000
7	واجد ديرو هائوس پرسان برسات ۽ لوڻ واري پاڻي جي پمپنگ اسٽيشن، ٽنڊي آدم، ضلعي سانگهڙ	49.951	2.498	24 مهينا	3000
8	ڊرينيج اسڪيم ڳوٺ پلهه ۽ ڳوٺ دين محمد ڪاڪيپوٽو ۽ ڀرپاسي جي ڳوٺن تعلقي شهدادپور جي تعمير	59.359	2.968	24 مهينا	3000
9	ڊرينيج اسڪيم سانگهڙ شهر تعلقي ۽ ضلعي سانگهڙ لاءِ سي سي پينگ اسٽريٽ سميت سطحي نالن جي مرمت/تعمير	67.795	3.390	24 مهينا	3000
10	ڊرينيج اسڪيم خدرو سٽي تعلقي سنجهورو ضلعي سانگهڙ لاءِ سي سي پينگ اسٽريٽ سميت سطحي نالن جي مرمت/تعمير	32.067	1.603	24 مهينا	3000
11	ڊرينيج اسڪيم ڳوٺ ورڪشاپ تعلقو ۽ ضلعو سانگهڙ	55.479	2.774	24 مهينا	3000
12	تعلقي سنجهورو ضلعي سانگهڙ جي مختلف محلن جي پيور بلاڪ سي سي سليب جي تعمير	29.840	1.492	24 مهينا	3000
13	تعلقي سانگهڙ ضلعي سانگهڙ جي مختلف محلن ۾ پيور بلاڪ/سي سي سليب، برڪ پيورمينٽ جي تعمير	27.856	1.393	24 مهينا	3000
14	ڊرينيج اسڪيم پيرومل ضلعي سانگهڙ جي بحالي، لاءِ سرفيس ڊرين C.C I/Cبلاڪ ۽ آڪسائيڊيشن تلاءَ جي تعمير	7.064	0.353	06 مهينا	2000
	ريهيبليٽيشن فيز _II				
15	ڳوٺاڻن واٽر سپلاءِ اسڪيم جي بحالي چاڪ نمبر 02 (ريهيبليٽيشن فيز _I)	2.881	0.144	12 مهينا	2000
	سنڌ ۾ آبپاشي واهن ۽ ڍنڍن ۾ نيڪال جي نيڪال جو خاتمو (فيز II)				
16	شهدادپور تعلقي شهدادپور ضلعي سانگهڙ جي ڊرينيج اسڪيم تحت سنڌ ۾ آبپاشي واهن ۽ ڍنڍن ۾ نيڪال جي نيڪال جي خاتمي (فيز_II)	244.119	12.205	24 مهينا	3000

لازمي گهربل:-

1. مٿي بيان ڪيل ڪم لاءِ خالي ٽينڊر/پروپوزل دستاويزن مان حاصل ڪري سگهجن ٿا هيٺ دستخط ڪندڙ جي آفيس، ايگزيڪيوٽو انجنيئر، پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ ڊويزن سانگهڙ ۾ ڪنهن به ڪم جي ڏينهن تي 27.02.2024 کان 13.03.2024 تي 12:00 وڳي منجهند جو لکت واري درخواست تي ۽ ايگزيڪيوٽو انجنيئر (ديو) پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ ڊويزن سانگهڙ جي حق ۾ پي آرڊرجي صورت ۾ مقرر ڪيل ٽينڊر فيس (ناقابل واپسي) جي ادائيگي تي حاصل ڪري سگهجن ٿا.
2. ٽيڪنيڪل پروپوزل ۽ مالياتي پروپوزل تي مشتمل ٽينڊر "ٽيڪنيڪل پروپوزل" ۽ "فنانشل پروپوزل" جي واضح نشانن سان الڳ سيل بند لفافن ۾ جمع ڪرايو وڃي ۽ 14.03.2024 تي 11:00 وڳي تائين جاري ڪندڙ آفيس کان واپس وصول ڪيو ويندو. حصو وٺندڙ فرمن جي ٽيڪنيڪل پروپوزل کي ساڳئي ڏينهن 12:00 وڳي تي ٽينڊر اوپننگ ڪميٽي پاران حصو وٺندڙ ڪانٽريڪٽرن/فرمز يا انهن جي بااختيار نمائندن جي موجودگي ۾ کوليو ويندو. جيڪڏهن جواب نه ڏنو ويو يا هيٺ دستخط نه ڪيو ويو ته هيڊ ڪوارٽر کان ٻاهر آهي. ايندڙ تاريخ تي 10:00 وڳي تائين جاري ڪرڻ وارو ٽينڊر ۽ بولي 29.03.2024 تي منجهند جو 11:00 وڳي واپس وصول ڪئي ويندي ۽ ساڳئي تاريخ تي 12:00 وڳي منجهند تي ساڳين شرطن ۽ شرطن تحت کوليو ويندو. پي آر آرڊر جي صورت ۾ آمدني جي رقم / ڪال جمع 5 جي برابر تخميني لاڳت جو سيڪريٽري/ايگزيڪيوٽو انجنيئر پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ ڊويزن سانگهڙ جي حق ۾ هوندو. ٽينڊر بغير آمدني جي رقم قبول نه ڪئي ويندي غير ڪامياب بوليندڙن جي آمدني رقم واپس ڪئي ويندي ڪم آرڊر جاري ٿيڻ کان پوءِ ڪامياب بولي ڏيندڙ جيڪي حاضر ٿيڻ چاهيندا.
3. ٽيڪنيڪل پروپوزل، يا کوليو ويندو فرمن جي ٽيڪنيڪل قابليت لاءِ جائزو ورتو ويندو. فنانشل بڊز / پروپوزل کي ٽيڪنيڪل طور تي قابليت رکندڙ فرمز کي کوليو ويندو ۽ عوامي طور تي اعلان ڪيو ويندو تاريخ ۽ وقت تي جيڪو لکت ۾ سڀني قابل ٺيڪيدارن / فرمز کي اڳواٽ ۾ ٻڌايو ويندو. فنانشل بڊ / پروپوزل کي ٽيڪنيڪل طور تي غير معياري ٺيڪيدارن کي واپس ڪيو ويندو، ان کي کوليو ويو.
4. ٽينڊرز کي احتياط سان ۽ صاف طور تي داخل ڪيو وڃي ۽ بلڊرز طرفان دستخط ڪيو وڃي. هر بولي سان گڏ هجڻ ضروري آهي آمدني جي رقم سان گڏ جيئن مٿي ڄاڻايل ڪال جمع جي شڪل ۾ ايگزيڪيوٽو انجنيئر (ديو)، پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ ڊويزن سانگهڙ جي حق ۾. بڊ سيڪيورٽي کي ٽيڪنيڪل تجويز سان پيش ڪيو ويندو. نامڪمل ٽينڊر اوور رائٽنگ يا مشروط ٽينڊر قبول نه ڪيا ويندا.
5. پاڪستان انجنيئرنگ ڪائونسل کان رجسٽريشن سرٽيفڪيٽ مناسب درجي تي يعني موجوده سال لاءِ هر ڪم جي قيمت (جتي قابل اطلاق هجي).
6. انڪم ٽيڪس ڊپارٽمينٽ سان رجسٽريشن NTN (ڪاپي) ۽ مالڪن / مالڪن جي CNICجي ڪاپي.
7. سنڌ روينيو بورڊ سان رجسٽريشن (سيلز ٽيڪس)

(ٽيڪنيڪل پروپوزل)

8. ٽيڪنيڪل پروپوزل ۾ لازمي طور تي ڪمپني جي پروفائيل تي ڏنل معلومات شامل هوندي.
   - a) پاڻي ۽ نيڪال جي ڪمن جي مڪمل ٿيل ڪم جي فهرست دستاويزي ثبوتن سان گڏ، ملازمن کان ڪم جي اطمينان بخش مڪمل ٿيڻ جي سرٽيفڪيٽ ۽ جاري ڪم جي تفصيل سان گڏ پاڻي ۽ نيڪال جي نوڪرين جا تفصيل.
   - b) مشينري ۽ سامان جا تفصيل دستاويزي ثبوتن سان گڏ ڪم جي عمل لاءِ موجود آهن.
   - c) ٽيڪنيڪل اهلڪارن ۽ اهم سائيٽ مئنيجمينٽ اسٽاف جي قابليت ۽ تجربو
   - d) آخري (03) ٽن سالن جو بئنڪ اسٽيٽمينٽ.
   - e) بولي ڏيندڙ کي هدايتون، بولين جي تاريخ، معاهدي جا شرط. SBD ۾ ڏنل معاهدي جي تاريخ لاڳو ٿئي ٿي.
   - f) موجوده حلف نامي ۾ ملوث نه ٿيل مقدمن ۽ ڇڏيل ڪمن بابت، اهو ته فرم ڪنهن به خريداري ايجنسي طرفان بليڪ لسٽ نه ڪئي وئي آهي، ته ڏنل معلومات، دستاويز ۽ ڊيٽا بلڪل صحيح ۽ صحيح آهي.
9. ڊيلي مشن / افتتاح جي تاريخ ۽ وقت تي ناپسنديده حالتن جي صورت ۾ يا جيڪڏهن حڪومت موڪلن جو اعلان ڪري ٿي، ٽينڊر جمع ڪيا ويندا / کوليا ويندا ايندڙ ڪم ڏينهن تي ساڳئي وقت ۽ جڳهه تي.
10. پروڪيورمينٽ ايجنسي کي حق محفوظ رکي ٿو ته ڪنهن به يا سڀني ٽينڊرن کي رد ڪري سگهي، جيڪا SPPRA ضابطن 2010 جي روزي جي تابع آهي.
11. مشروط ٽينڊر قبول نه ڪيا ويندا.

ايگزيڪيوٽو انجنيئر (DEV)
پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ
ڊويزن سانگهڙ

INF/KRY#445/2024

پڙهندي سنڌ ته... وڌندي سنڌ